# پاڙي ناھ پيروڙ



## بادل جمالي

منصور پبليڪيشن جو چوٿون ڪتاب

# پاڙي ناه پروڙ

بادل جمالي

ڇاپو : پهريون
ڳاڻيٽو : ٻه هزار
سال : فيبروري ١٩٨٠ع
ڇپائيندڙ : محمد دائود بلوچ
ڇپيندڙ : پرفيڪٽ پرنٽرس، ٤٧٤ صدر، حيدرآباد سنڌ.
ادارو : منصور پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ.
چترڪار : غلام حسين

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ملڻ جو هنڌ :

ادبيات - اسپتال روڊ، حيدرآباد سنڌ
۽ سنڌ جا ٻيا مشهور ڪتب فروش

اسان جي ائڊريس:

منصور پبليڪيشن
معرفت: پرفيڪٽ پرنٽرس، ٤٧٤ صدر حيدرآباد سنڌ.

قيمت: ٧/- (ست رپيا)

# ارپنا....

پنهنجن لڙڪن ۽ مُرڪن، سپنن ۽ سورن، محبتن ۽ چاهتن مجبورين ۽ محرومين جو هي ننڍڙو تحفو ارپيان ٿو:

- انهن ڪنوارين ڪي، جن جا چپ، چمڻ ۽ چمڃڻ جي انتظار ۾ سُڪي ٺوٺ ٿي ويا.
- انهن ڪنوارين مائرن ڪي، جن جا مقدر، مريم جهڙا ٿي نہ سگهيا.
- انهن عيسائن ڪي، جن جا گلن جهڙا مقدس وجود، اروڙين جي ڪچري ۾ اضافو بڻيا.
- انهن ابهم معصومن ڪي، جي دوا جي چمچي لاءِ چڙيون هڻي هڻي ٿڌا ٿي ويا.
- انهن عظيم پورهيتن ڪي، جن جا هٿ، ڪوڙر ۽ ڪهاڙو ڇڏي، خدا ڪان رزق پنڻ لاءِ ننڊا ڪجن.
- انهن شهيدن ڪي، جي رنگ، نسل ۽ مذهب جي بنيادن تي ڪُٺا ويا.
- انهن هيٺن هڏن ڪي، جي سيءَ ۾ ڏڪندي، اس ۾ سڙندي، جهڪي لاءِ سِڪندي، پنهنجو وارو وڃائي ويا.
- انهن ارڏن ۽ اڏول انسانن ڪي، جن جا ڪنڌ، ظلم ۽ زيادتي، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ خلاف وڙهندي، ڪپجي ويا، پر جهُڪي نہ سگهيا.

شل قبول پوي !

# مرتب

- محمد دائود بلوچ
- حاجي محمد رمضان چانڊيو
- گلشن سنڌي
- پيارل سنڌي

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| ٥ | پنهنجي پچار | ۴ |
| ٥ | مهاڳ | ٦ |
| ٥ | پاڻ مراديون | ١٠ |
| ١. | خفتي | ١٧ |
| ٢. | آخري خواهش | ٣٥ |
| ٣. | ونڊر | ۴۴ |
| ۴. | خيرات | ٦۴ |
| ٥. | ماڳ سنڌو مامرو | ٧٢ |
| ٦. | منيون پيڙي پيچ | ٩١ |
| ٧. | سفر ۽ ساٿي | ٩٥ |
| ٨. | غنڊو | ١٠٥ |
| ٩. | اڻ منڊائتا بادل | ١١٠ |
| ١٠. | بندوبست | ١٢٠ |
| ١١. | سودا پودا | ١٢٥ |
| ١٢. | حيف تنهن کي هوءِ | ١٣۴ |
| ١٣. | پاڙي ناه پروڙ | ١۴۴ |

# پنهنجي پچار ــــ

”منصور پبليڪيشن“ جو چوٿون ڪتاب نوجوان ڪهاڻيڪار بادل جمالي جي بهترين ڪهاڻين جو پهريون مجموعو: ’پاڙي ناه پروڙ‘ اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ اميد ته هي ڪتاب پڙهندڙن کي پسند ايندو. مان پاڻ بادل جمالي جي ڪهاڻين جي واکاڻ ڪريان، ان کان بهتر آهي ته پڙهندڙ هن ڪتاب کي پڙهن، پوءِ پاڻ اندازو لڳائين ۽ ڪتاب جي خامين ۽ خوبين کان اسان کي واقف ڪن.

پنهنجن پيارن پڙهندڙن جي ڏوراپن کان مجبور ٿي اسان ’پاڙي ناه پروڙ‘ جون ٻه هزار ڪاپيون ڇپرايون آهن ته جيئن ”منصور پبليڪيشن“ جا ڪتاب وڌ ۾ وڌ پڙهندڙن تائين پهچن. پر حقيقت هي آهي ته ”منصور پبليڪيشن“ جا پڙهندڙ وڌيڪ آهن ۽ انهن لاءِ ٻه هزار ڪاپيون تمام گهٽ آهن. پر انهن معزز پڙهندڙن کي دل نه لاهڻ گهرجي، اسان جون ١٩٨٠ع کان پوءِ پڙهندڙن کي وڌيڪ ڪاپيون مهيا ڪنداسون.

’پاڙي ناه پروڙ‘ کان پوءِ، ”منصور پبليڪيشن“ جو پنجون ڪتاب محترمه ڀيڻ نيلوفر مظفر ميمڻ جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪهاڻين جو مجموعو: **”ساماڻي ٿان سک ويا“** پيش ٿي رهيو آهي. اميد ته اهو ڪتاب به پڙهندڙن کي پسند ايندو.

”منصور پبليڪيشن“ جو ڇهون ڪتاب ٽي-وي جي

بهترين ڊرامن جو مجموعو: ”ناٽڪ“ هوندو ۽ سال ١٩٨٠ع سنڌي ناٽڪ جي سو سالہ سالگره جي سلسلي ۾ پيش ڪيو ويندو. اميد تہ هي ڪتاب نون لکندڙن کي ڊرامن لکڻ ۾ وڏي مدد ڏيندو.

اسين پنهنجن معزز پڙهندڙن جا بيحد ٿورائتا آهيون، جيڪي ”منصور پبليڪيشن“ جا ڪتاب هٿوهٿ، وڏ ۾ وڏ پڙهندڙن تائين پهچائڻ ۾ اسان سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا آهن ۽ اسان کي اميد نہ، پر يقين آهي تہ ”منصور پبليڪيشن“ جا ڪتاب گهرگهر پهچائڻ ۾ هو اسان سان هميشه ساٿ ڏيندا رهندا.

آخر ۾ مان پرفيڪٽ پرنٽرس جي انتظاميہ ۽ خاص طرح محترم غلام حسين ۽ محمد عيسيٰ سومري جو ٿورائتو آهيان؛ جن صاحبن هميشه پنهنجن فني مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪئي آهي ۽ ڪتاب جلد ڇاپي ڏيڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. مهرباني

— مرتب

---

## منصور پبليڪيشن جو پنجون ڪتاب

مشهور ليکڪا محترمہ ڀيڻ نيلوفر مظفر ميمڻ جي

چونڊ ۽ اڻ چونڊ ڪهاڻين جو پهريون مجموعو:

# ساماڻي ڌان سڪ وڃيا

ڇپجي رهيو آهي

# مهاڳ

ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ جي هڪ انوکي ۽ نرالي تاريخ آهي — امرلعل هنگورائي کان وٺي هيل تائين، هر سچي قلمڪار، ٻاٻري ڪندڻ تان پنهنجو سفر جاري رکندي، جهڙيءَ ريت تخليقي عمل ڏنو آهي، اهو نه رڳو واڪاڻ جوڳو آهي، پر اچرج جهڙو پڻ آهي.

اچرج ان ڳالهه تي آهي ته جيڪي سهولتون ۽ آسائشون هڪ قلمڪار کي حاصل هئڻ گهرجن، سي هن ويهين صديءَ ۾ به اسان جي سنڌي ترقي پسند قلمڪار جي ڀاڱ کان ڪوهين پري آهن ۽ ساراه ان ڪري ڪرڻي پوي ٿي ته سمورن عذابن، ڏکن ۽ ڏوجهرن، سياسي، معاشي ۽ سماجي گهٽ ۽ ٻوسٽ جي هوندي به سنڌ جو ترقي پسند ۽ جانبدار قلمڪار پنهنجي اصلي مسلڪ تان، ڌر جيترو به هٽڻ لاءِ تيار ناهي.

دنيا جي تاريخ ۾، اهو واحد مثال آهي ته سنڌ جو ترقي پسند، سڄاڻ ۽ جانبدار قلمڪار، انهن پيڙائن کي محض ذات جي حوالي سان نه، پر هڪ عظيم ۽ وڏي مقصد خاطر ڀوڳي ٿو ۽ پاڻ جهڙن ڀوڳيندڙن جي جيون ۾ جوت جلائڻ لاءِ، پنهنجي وجود کي رتو ڇاڻ ڪيو ڇڏي.

بادل جمالي پڻ نئين دور جي انهن ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي، جنهن بنهه ٿوري عرصي ۾ نه رڳو سورهن سٺيون ڪهاڻيون رچيون آهن، پر پنهنجي سموري سماجي

سچائي ۽ ماڻهن سان 'ڪميٽيڊ' هئڻ جي ناتي سان اهو تخليقي عمل ڏنو آهي، جنهن تي سنڌي ادب کي ۽ دنيا جي سمورن سچن ۽ جانبدار قلمڪارن کي ناز رهندو.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي نئين جُڳ ۾، سنڌي ڪهاڻيءَ جي قاتلن هٿان، اکين کان اوجهل ٿي ويل سدا حيات ڪهاڻيڪار، مرحوم نسيم احمد کرل کي پنهنجي خاص اسٽائيل ۽ ڪردارن سان بي انتها انٽيميسيءَ جي ڪري جيڪا شهرت حاصل ٿي، هن وقت بادل جمالي انهيءَ ساڳي نقطهٔ نظر کان اهڙي ئي نموني واري آفاقي شهرت سان همڪنار ٿي رهيو آهي.

"خيرات" هجي يا "بندوبست"، "حيف تنهن کي هوءِ" هجي يا "مٺيون پيڙي پيچ"، "آخري خواهش" هجي يا "خفتي"، "سودا پودا" هجي يا سندس ٻيون ڪهاڻيون. انهن جي جيئرن جاڳندڙن ڪردارن، هانوَ ۾ ٻَڙڪي ٻٽجي لهي ويندڙ ٿُڙ ۽ سهٽي ٻولي ۽ سندس پيشڪش جو انداز، نه رڳو پنهنجي سمورن همعصرن کان مختلف ۽ اتاهون آهي، پر سندس رتبو، ڪيترن ئي هٿ ٺوڪين وڏن ۽ مشهور ڪهاڻيڪارن کان، گهڻو مٿانهون آهي، ڇوته هو پنهنجي ڪهاڻين ۾، ڪنهن کوکلي ۽ سطحي نعري ڏيڻ بدران، هر سماجي بديءَ خلاف شديد احتجاج ڪري ٿو، جيڪو کوکلي ۽ مدي خارج سماج کي ڍاهڻ ۾ وڏو انقلابي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

بادل، سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي هڪ اهڙي

خوبصورت ۽ ڪامياب تخليق آهي، جنهن تي ان تنظيم کي نه رڳو ناز پر فخر پڻ هوندو.

بادل، هڪ اڏول ۽ اٽوٽ شخص آهي، هو ’هيپو ڪريٽ‘ ناهي. هو ڪنهن به وڏي ڪان وڏي شخصيت کان مرعوب نٿو ٿئي. هو آئينده جي نتيجن کان بي نياز ٿي هر ڪنهن جي منهن تي سچ جو موچڙو وهائي ڪيندڙ جوان آهي. هو ڪميٽائپ جي حدن کان ڪوهين ڏور، سچ جو پانڊيئڙو ۽ ڪوڙ جي منهن تي گهروڙي پونبو ڏيندڙ شخص آهي. هن جي نراڙ ۾ سدائين خودداري جو گهنڊ رهندو آهي.

منهنجي خيال ۾ اهي هن جون اهڙيون ڪمزوريون آهن، جيڪي سندس فني ۽ فڪري عظمت کي گهٽائي نه نٿيون سگهن، پر ڪانئنس دوستن ۽ خوشامدڙين کي چني ڏار ڪري سگهن ٿيون — پر مون کي پڪ آهي ته هو ان تي پشيمان نه ٿيندو. ڇوجو، مان ڄاڻان ٿو ته هو اڪيلاين ۾ به اڪيلو نه هوندو آهي. زندگيءَ جا سمورا عذاب، پيڙائون ۽ ويهين صديءَ جو اڻتمي ڪرب. هن جا ساٿي آهن، جيڪي هن جي فن کي اڃا به وڌيڪ روشني ۽ خوشبوءِ سان واسيندا رهندا.

بادل، سنڌي ادبي سنگت جو هڪ سختگير، ڪٽر جمهوريت پسند ۽ حق گو ڪارڪن آهي. هو نه رڳو هڪ ڪهاڻيڪار، پر هڪ سڄاڻ نقاد پڻ آهي. ادبي ميڙن ۾، بيشمار لکڻين تي سندس نقطهء نظر هميشه

نويڪلو ۽ منفرد پڻ رهيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هن ۾ خود تنقيديءَ جو وڏو جذبو ۽ ڪڙي ڪان ڪڙي تنقيد سهڻ جي قوت موجود آهي. هو گهڻو ڪري پنهنجي ڳالهه، ميجرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ پنهنجي نقطهءِ نظر جي ڀرپور وڪالت پڻ ڪري چائي.

انهن سمورين خوبين ۽ خامين گڏجي، هن ڪي، هن دور جي نمائنده ڪهاڻيڪارن جي ڀرينءَ قطار ۾ آڻي بيهاريو آهي.

مون کي يقين آهي ته سندس ڪهاڻين جو هي پهريون مجموعو: ”پاڙي ناه پروڙ“ سنڌي ادب ۾ هڪ خوبصورت اضافو ثابت ٿيندو.

— تاج بلوچ

۱۲–۱–۸۰ع


منصور پبليڪشن جو ڇهون ڪتاب

سنڌي ناٽڪ جي سو سالہ سالگره جي موقعي

تي منصور پبليڪيشن جي فخريہ پيشڪش

ٽيليويزن جي چونڊ ڊرامن جو مجموعو:

ناٽڪ

ٽيليويزن جي مشهور ليکڪن جا چونڊ ڊراما

(انتظار ڪريو)

# پاڻ مراديون

سن ١٩٧٥ع جي آخر ڌاري، ڪراچيءَ ۾ هڪ دوست سان اوچتو ملاقات ٿي ويئي. ڪچهري ڪندي ”سنڌي ادبي سنگت“ جو ذڪر ڪيائين ته ’هر هفتي آرٽس ڪائونسل ۾ باقاعدي گڏجاڻي ٿيندي آهي، جنهن ۾ نظم، گيت، غزل ۽ ڪهاڻيون وغيره پڙهيون وڃن ٿيون، جن تي اديب، شاعر ۽ نقاد ڀرپور تنقيد ڪندا آهن. مان ٻن ٽن هفتن کان وٺي اتي ويندو رهان ٿو. تون به هل، ڏاڍو مزو ايندئي ڪچهريءَ جو.‘

چيو مانس: ”ضرور هلندس، پر خالي هٿين نه.“

ان کان پوءِ هڪ ڪهاڻي تي ڪم شروع ڪري ڏنم. ۽ شايد ٻئي هفتي ان دوست سان گڏجي، سنگت جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيس — نئون ماحول، نوان ماڻهو، نئون موضوع .... نئين شيءِ هجڻ جي ڪري، سڀ کان پهرين منهنجي ڪهاڻي ٻڌڻ جي خواهش ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح سون پنهنجي پهرين تخليق ”خيرات“ تنقيد لاءِ پيش ڪئي.

ڪهاڻيءَ جي ٻولي ۽ منظر نگاريءَ کي خاص طرح سان ساراهيو ويو. البت ڪنهن دوست، ڪهاڻيءَ ۾ مڪالمن جي گهٽ هجڻ جي شڪايت ڪئي.

مان دوستن جي تنقيد ٿوري معلومات کان ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ گهر پهچندي ئي ٻي ڪهاڻي ”بندوبست“

شروع ڪري ڏنم. پهرين ڪهاڻيءَ تي ٿيل تنقيد ۾ مڪالمن جي ڪميءَ واري شڪايت ذهن ۾ رکندي، ٻي ڪهاڻي رڳو مڪالمن تي لکيم. ٻه ڪردار پاڻ ۾ ڳالهائين ٿا، سندن گفتگوءَ مان سموري ڪيفيت واضح ٿيندي ٿي وڃي ڪهاڻي ڪلائيمڪس تي پهچيو وڃي... ٻئي هفتي اها ڪهاڻي تنقيد لاءِ پڙهيم. دوستن منهنجي تجربي کي سهڻن لفظن ۾ ساراهيو — انهن ڏينهن ۾ ماهوار ”سوجهرو“ بند ٿي چڪو هو ۽ تاج بلوچ ڏکهي خاموشيءَ ڪان پوءِ، ماهوار ”برسات“ ۾ ايڊيٽر ٿيو هو. هن مون کان ٻئي ڪهاڻيون برسات لاءِ، گهرڻ بدران کسي ورتيون!

اهڙيءَ طرح همت افزائي ٿيندي رهي، حوصلو وڌندو رهيو، مان لکندو رهيس. ۽ هر هفتي سنگت ۾ نئين ڪهاڻي پڙهندو رهيس. لڳاتار پنجن هفتن ۾ پنج ڪهاڻيون پڙهيم، جيڪي سموريون برسات ۾ ڇپيون. ان وچ ۾ سنگت جي سڀني ميمبرن خاص ڪري تاج بلوچ ۽ انور، منهنجي سٺي همت افزائي ڪئي. ۽ مان ١٩٧٥ع جي آخري ڏهاڙن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي معرفت، ادبي دنيا ۾ متعارف ٿيس.

O مان ادب ۾ ڪنهن جو به شاگرد نه رهيو آهيان. مون جيڪي ڪجهه پرايو آهي، سو سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۽ مختلف ڪتابن جي مطالعي مان — هيل تائين پندرهن ڪهاڻيون لکيون اٿم، جن مان اٺ مختلف

رسالن ۾ ڇپيون آهن ۽ ست اڻ ڇپيل آهن. انهن کان علاوه اردوءَ ۾ ٻه هڪ کهاڻي لکيم، جيڪا ”ڪٽي پتنگ“ جي نالي سان، اردوءَ جي هڪ سٺي ادبي رسالي ۾ ڇپي — اردو ڳالهائيندڙ دوستن، کهاڻيءَ کي پسند ڪندي صلاح ڏني ته مان سنڌيءَ بدران اردوءَ ۾ ئي لکان!

O منهنجي خيال ۾ نون شاعرن ۽ اديبن لاءِ، 'سنڌي ادبي سنگت' هڪ بهترين تربيت گاهه آهي. پر ان ۾ تربيت وٺڻ به دل گردي جي ڳالهه آهي! تخليقي شاهڪارن تي ايڏي ته سخت ۽ اگري تنقيد ٿيندي آهي، جو شوقين قسم جا لکندڙ ته هڪ ٻه شيون پڙهڻ کان پوءِ پڙ ڇڏيو ڀڄيو وڃن!! ۽ جيڪي تنقيد جي روشنيءَ ۾ پاڻ سڌارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، سي ٻنيءَ مان نڪتل سون جيان ڪُندن بڻجيو وڃن. جيڪي ڪٽي به ۽ ڪنهن به ادبي محاذ تي مات کائي نٿا سگهن.

O سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي ۽ شاعريءَ چڱو مقام حاصل ڪري ورتو آهي. پر تنقيد ۾ اها ڳالهه پيدا نه ٿي سگهي. دنيا جي تقريبًا هر ٻوليءَ جي ادب ۾ تخليقڪار کان نقاد جي اهميت گهٽ نه هوندي آهي. اهو نقاد ئي هوندو آهي، جو تخليق جو تجزيو ڪري، پڙهندڙن اڳيان 'کرو کوٽو' پڌرو ڪندو آهي، پر بد قسمتيءَ سان اسان جي ادب ۾ تنقيد کي اها اهميت ئي ڪانه ملي آهي. جيڪا ڪيس ملڻ گهرجي ها. اهوئي سبب آهي

جو اسان وٽ، اتي ۾ لوڻ برابر به نقاد ڪونه آهن. اتفاق سان ڪڏهن ڪنهن ”اهم“ شيءِ تي ڪو صاحب تنقيد ڪرڻ جي همت به ڪري ٿو ته، اهو اسان مان ئي هوندو آهي. (شاعر يا ڪهاڻيڪار) جيئن ته اسان جي برادريءَ ۾ وڏي ڪمزوري اها آهي، جو هڪبئي کي ’مڃيندا‘ نه آهيون، ان ڪري تنقيد جي بهاني اڪثر ’ذات‘ تي لهي ايندا آهيون. ايتريقدر جو ڪڏهن ڪڏهن ’گهريلو مسئلا‘ به پريس تائين کڻي ايندا آهيون، جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو تنقيد جو ادبي، سماجي ۽ تعميري مقصد فوت ٿيو وڃي ۽ اسان محاذ آرائي ۽ گروهه بنديءَ جا شڪار ٿي ويندا آهيون!

جيستائين اسان ۾ مڪمل اتحاد ۽ هڪبئي جي احترام جو جذبو نه هوندو اسان ڪو به گڏيل مفاد حاصل ڪري نه سگهنداسين، نه وري بين الاقوامي سطح تي پاڻ مڃرائي سگهنداسين. ۽ نه ئي اهو ڪسمپرسي ۽ بيقدريءَ وارو روح ختم ٿيندو.

O ادب ۾ نعريبازيءَ کي به وڏي اهميت حاصل آهي. پر مون وٽ نعريبازيءَ بدران فقط احتجاج آهي. ۽ ڪڏهن اهو احتجاج به، چپن ۾ گهٽجي، محض هڪ ’سڏڪو‘ بڻجيو وڃي، جنهن جي هن سماج ۾ ته ڪا ويليو ڪانهي، پر مون وٽ انمول آهي، ان ڪري جو بي اثر احتجاج، بغاوت جي آبياري ڪندو آهي ۽ بغاوت هميشه انقلاب جي ابتدا هوندي آهي.

مان پنهنجن اصولن کي ”ذاتي آئين“ جو درجو ڏيان ٿو، ۽ انهن جو سختيءَ سان تحفظ ۽ احترام ڪريان ٿو. مان ڪنهن به شخص کي اجازت نه ڏيندس ته هو منهنجي آئين جي ڪنهن به شق ۾، ڪنهن به قسم جي ترميم ڪري يا مون کي ان لاءِ مجبور ڪري؛ پر ان جو مطلب اهو هرگز ڪونهي ته مان ڪو انتها پسند آهيان! وقت گذرڻ سان گڏ معاشري ۾ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تبديليون ايندڙيون رهن ٿيون، جن جو فرد تي سڌيءَ طرح اثر پوي ٿو — ان ڪري منهنجن اصولن ۾ ايتري ’لچڪ‘ ضرور آهي ته وقت ۽ حالتن مطابق منجهن مناسب ڦير ڦار ڪري سگهان.

O مان مقدر جو قائل نه آهيان. پر لڳاتار جدوجهد ۽ ڊوڙڻ جو قائل آهيان. مان ڪاميابين کي ’ڪوشش‘ جو ثمر، ۽ ناڪامين کي ’ڪوتاهين‘ جو نتيجو سمجهندو آهيان.

O دوستن جو هميشه احترام ڪندو آهيان. هن دؤر ۾ مخلص دوست جو ملي وڃڻ به معجزي کان گهٽ نه آهي. ڪلي ڳالهائيندڙ هر شخص کي دوست هرگز نٿو چئي سگهجي. ان ڪري جو هن ڪاروباري دنيا ۾ مُرڪ پنهنجن ڪيترين ئي مصلحتون تي سگهن ٿيون — دوستن جو قدر آزمائشن کان پوءِ ٿيندو آهي. پر مان چوان ٿو، جي سري سگهي ته دوستن کي آزمائش ۾ نه وجهجي!

O منهنجي خيال ۾ زندگيءَ جي پهرين ضرورت ’پيٽ‘ آهي، ۽ ان بعد ’جنس‘. خالي پيٽ زنده رهي نٿو سگهجي، ۽ پيٽ ڀرجڻ بعد جنهن شيءِ جي خواهش ٿيندي آهي، اها يقينًا جنس ئي آهي — بدقسمتيءَ سان اسان وٽ جنس جي ذڪر کي به ”شجر ممنوع“ سمجهيو وڃي ٿو. جنس بابت ادبي توڙي نصابي معلومات ۽ مواد نہ هئڻ ڪري تقريبًا ٩٩/ سيڪڙو پرڻيل جوڙا، زندگيءَ جو حقيقي لطف ماڻي نہ سگهندا آهن. خاص ڪري ٻهراڙين ۾، جتي جنس جو نالو وٺڻ بہ ”گناهہ ڪبيره“ سمجهيو وڃي ٿو. زال مڙس ۾ سدائين موچڙي جو زيپٽ ۽ ڪُٽ جو ٻڙڪو هوندو آهي. اهڙي گهر ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار، ذهني طرح ڏاڍا رُڪا، چيڙاڪ ۽ جهيڙاڪر ٿي پوندا آهن، جيڪي وڏي هوندي بہ معاشري ۾ تعميري ڪردار ادا ڪري نٿا سگهن — تنهن کان سواءِ زنا، اغوا، قتل ۽ خودڪشيءَ جهڙيون غير اخلاقي حرڪتون بہ گهڻو ڪري جنسي انتشار جو ئي نتيجو هونديون آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ ’جنسيات‘ هڪ مڪمل سبجيڪٽ جي حيثيت سان نصاب ۾ شامل هوندو آهي. ان کان علاوه ڪيترن ئي جنسي مسئلن جي سلسلي ۾ والدين خود پنهنجن ٻارن جي رهنمائي ڪندا آهن. مان چاهيان ٿو تہ جنسيات تي لکجي ۽ ضرور لکجي، پر ادبي ۽ تعميري انداز ۾ رڳو جنسي ’حظ‘ حاصل ڪرڻ خاطر نہ!

○ هن دور ۾ ڪتاب ڇپرائڻ يا رسالو ڪڍڻ جهاد کان گهٽ نه آهي. ڪاغذ جا اگهه، پريس جا خرچ، ايجنٽن جا نخرا، پڙهندڙن جي قوت خريد ۽ عدم دلچسپيءَ کي ڏسي، سچ پڇ ته ڪتاب ڇپرائڻ تان ارواح ڪڇيو وڃي. پر ”اڃا ڪي آهين، جوکِيڙا جهان ۾.“ جس هجي محمد دائود بلوچ کي، جنهن ادبي فضا تي ڇانيل ڪارو نيار ۾، ”منصور پبليڪيشن“ جي صورت ۾، هڪ ننڍڙي ”ڏياٽي“ ٻاري، اونداهيءَ خلاف جنگ جوتي آهي.

اسان لکندڙن توڙي پڙهندڙن جو فرض آهي، ته اهڙين ڏياٽين جي چوگرد هٿ، هٿ ۾ ڏيئي، ڪلهو، ڪلهي سان ملائي، اهڙي نموني بيهون، جيئن وقت جا واچوڙا انهن کي وسائي نه سگهن.

هن دؤر ۾ ڪوبه ادارو پوءِ اهو ننڍو هجي يا وڏو، اجتماعي تعاون کان سواءِ قائم رهي نٿو سگهي — اسان کي گهرجي ته سنڌي ڪتابن ۽ رسالن کي، عام ۽ بازاري ڊائجيسٽن تي ترجيح ڏيون ۽ سنڌي ليکڪن توڙي پبلشرن جي حوصله افزائي ڪريون.

مان، محترم محمد دائود بلوچ جو ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي غير معمولي دلچسپي ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش سان، مون جهڙي نئين قلمڪار جون ڪهاڻيون، ڪتابي صورت ۾ ڇپرائڻ جي جرئت ڪئي آهي.

— بادل جمالي

پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن، ڪراچي سينٽر.

# خفتي

ٻن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ هو اچا هاڻ موٽيو. بوٽ لاهي، ويڙهيل بستري تـي متو رکي، ٿڪل ٽٽل جسم کي کٽ تي ڍرو ڇڏيندي چيائين:

”يار لاهوتي، چنگهون سائيون تي پيون آهن، وارو ڪر، ٻه ٽي زور ته ڏي.“ لاهوتي سندس پيرانديءَ کان اچي ويٺو. جمن شاهه متي تان بوسڪيءَ جو پٽڪو لاهي پاسي ۾ رکندي پڇيس:

”ڏي خبر، ڪو آيو ويو ته ڪونه؟“

لاهوتيءَ سندس ستر کـي تيزيءَ سان مٺين ۾ پڪوڙيندي چيو:

”پيو تـه ڪير ڪو نه آيو، ٽيون ڏينهن وڏيري صالح جو ماڻهو نياپو کڻي آيو ته ’سائين جمن شاهه کي چؤ ته سڀاڻي شام جو سنگت سات سميت ٻچ جي دعوت اٿس، ڪتا ڪاهي اچي‘. چيومانس ته مرشد پاڻ ته آهي ڪونـه، ويو آهي آدم جـي ٽنڊي اسان کي رشڪت ڪانهي جو ڪتا ڪاهي اچون. باقي سنگت سات کي چئبو، جي آيا ته ونيي اچين، نه ته ٻه آئون ضرور حاضري ڏيندس.

ماني ٽڪي ڪائي همراهه ته ويو هليو، پـر منهنجو سڪـ ڦٽي پيو. سندرو ٻڌي لهي پيس ڳوٺ ۾: ڪيرو، جانو، ڏڳاڻو، ڏنو. هڪڙي هڪڙي کي در تي سڏي

چيم ته پيلي سادات پاڻ آهي ڪونه، عزت جهڙي ڳالهه آهي. پرائي راڄ ۾ هتين خالي هلڻ به نيڪ ناهي. ڪٽڙا تيار ڪريو ته سپاٽي هلي منهن ڏيئي اچون. پر سائين، جنهن کي ڏس، سو نابري وارڊيو بيٺو آهي ته سائين ڪونهي، اسان ڪي پنهنجي منهن هلنداسين!"

"پنهنجي منهن ڊنا تي چا؟"

"بس سائين، ڏسو ماڻهن جا حال .... پوءِ باشا سُهمائي تائين پـڳس، پر پيو ٺيو خير. سڄي رات ڦتڪي ڦتڪي ڏينهن ڪيم. صبوح ساڻ اوطاق جي ٻهاري سهاري ڪيدي، نيرن ڪري، ۽ گهمرا گاهه جا آندم. ڪٽر هٽي، آهورن ۾ وجهي، ائين ڪٽي منهن ڪيم. وڃي نڪتس صالح جي ڳوٺ. اوطاق ۾ منهن ڪڍيم ته صالح پريان ڪان ئي پـڇيو آيو ته 'شاهه ڪٿي آهي، ڪتا چو ڪونه آندئي؟' چيومانس ته 'مرشد ڳوٺ ڪونه هو، مون کي ڪتن آڻڻ جي رشڪت ڪانهي. تنهنجي نياپي تي پاڻ اچي نڪتس، رنج ٿين ته موٽي وڃان.' پوءِ ته بڪ وجهي پاڻ سان گڏ وڃي ويهاريائين."

"شابس هجيس جو توکي ايڏي عزت ڏنائين."

"عزت؟ ۽ سابه مون کي! هون! باشا اها تنهنجي ئي عزت هئي. آئون ته چا، تنهنجو ڪتو وڃي ها ته به عزت مليس ها."

"ڳالهه پٺي ڪيئي."

"هاــ سنگت سات به گهٽي ويٺي هئي. آچر ڪيريو،

علي بخش ٻُڌي، چتو راڇڙ، تنهنجون ڏاڍيون پڇايون ڪيائون. سلام به ٿي چيائون."

"وعليڪم سلام"

"موالي رکوءِ ڪٺي ڪوندو گهو ٿيو. ڏاڍا پيالا ٿيا. وچين وچين ٿي ته، همراهه نڪتا ٻاهر. ميدان ۾ لتاسون ته فقير اڳئي رڃ ٻڌيو ويٺو هو..."

"رڃ ڇڪو هو؟"

"واه جهڙو ڪراساني گڏه، پيو!"

"بلير! ڇٺيو ته همراهه سڀي سنيري پوءِ نياپو ڪيو."

"ٻيو نه ته. خلق ته خلق! سڄي اتاس ۾ تر ڇٽڻ جي جاءِ ڪانه هجي."

"ڪتا گهڻا هئا؟"

"ڪتا هئا چار صالح جا، ٻه وڏيري اڪن جا، هڪڙو مينڊري اوڏ جو ۽ ٻيو هو دلو لوهر جو گلر."

"ڀهرين صالح ڇڏيا هوندا؟"

"ها، ڀهرين ئي ڀهرين وڏيرو صالح ٿو شينهين ۽ مانگر کي ڇڏئي. رڃ به سمجهي ويو ته هائو ٻيلي، ڪتن ۾ زور ته گهڻوئي آهي، پر ڏانءُ اٿن ڪونه. سو جيئن ئي ڪتا ويجهي ويس، نڪاءُ ٿو ڪرائي مانگر کي ٻوٽ واري چماٽ."

"واهه ڙي واهه."

"باشا، خدا ۾ پت ڪرين ته ٻنواٽيون اچي ويون

ڪتي ڪي! وارو ڪيائين شينهين تي. ڀڳو، پر پوئين چنگهه مان وني، سٽ ڏيئي ڪٽي آره جي هيٺان ڪيائينس. مانگر ڏس ته اچا تائين وايون بتال هجنس. اصل پيچ جا رستا پيو ڳولي. شينهين سان ته اهڙي ڪيائين جهڙي چئجي. ڪوُن ڪوُن ڪوُن، پر سائين ڪير ڇڏائيس!

تاڙيون وڄي ويون. وڏيري ٽڪي مڃين. فقير وچي رڃ ڪي جهليو. وڏيري ڪي ، هڄن باهيون، سو قوهاري تائين به ڪونه ترسيو، بوڙيندي ۽ وڇونءَ ڪي ڪٽي ڇڏيائين."

"اهو وڇون وري ڪٿان آندائين؟"

"الائجي، ڇيائون پٺي ته خيرپور ڏانهن ڪان آندائين. ڇڱو وڙهيو. باقي بوڙيندي ته ماني به حلال ڪانه ڪيس؛ جي اهو شامل ٿئيس ها ته پوءِ وڇون اچان به سٺو وڙهي ها. هڪڙي جو زور لڳو ڪونه، وڏيري وري به ٽِڪي قبول ڪئي."

"ڇنبو ته صالح سان ڏاڍي تي ٻيو!"

"باشا، ٽيڻ جي ڪا حد آهي. اصل ڏڪ هٽينس ته رت نه نڪريس."

"اڪن جو ساهه به هيٺ مٿي پيو ٿيندو هوندو؟"

"ٻيو نه ته. صالح جي حالت ڏسي، اڪن ته ماڳهين وڙهائڻ کان بان پيو ڪري!"

"پوءِ؟"

"پوءِ سنگت سات ڇيس ته عزت جهڙي ڳالهه آهي

ڪتا چڏ، نه ته يا چمار اهو تِڪو ڪونه لهندي. نيث ضد ڪري بيٺو ته 'پهرين دلو ۽ اوڏ وڙهائين.' هُو پٺي هجن الهڙ مڙس، نڪا ڪياڏون هم نڪا تم، ائين ڪٺي رسا ڪيڍائون."

"انهن جا وري ڪهڙا ڪتا هوندا."

"نه باشا، ائين نه چؤ. پٺي ڪَچا گلر هئا، پر رنگ لائي چڏياڏون. دلوءَ واري ته لهڻ شرط اچل ڏيئي ورتس دوناڙ مان، ۽ هُنَ ورتس ڪن مان....

مرشد، خدا ۾ پت ڪرين ته هڪڙي ئي اچل سان بنهي کي ائين چنبڙي چڏيائين، جيئن ڪانياٺي گوڙهي کي ٿي اچلي! وري گنڍجي ويا. هن پيري دلوءَ واري گلر ورتس چاڙيءَ مان ۽ اوڏ واري ورتس چنگهن جي وچان."

"واه ڙي واه!"

"پوءِ ته باشا ائين گهاياڻونس، جيئن گجهون ڍوند کي ٿيون گهلين! ڪوڪريا ٿي ويا، تاڙيون وڄي ويون. دلو ۽ اوڏ کي ڏس ته ڪپڙن ۾ نه پيا ماپن. صالح جي منهن تي جهڙي هيڊ هارجي وئي. اڪن ڪي به هورا ڪورا لگي پٺي هجي ته الائي چا ٿئي."

"اڪن ته چا، ڪير به هجي. ان گهڙيءَ ساهه مٿ ۾ هجيس ها."

"پيو نه ته. اِتي، فقير رچ کي ٺاهوڪو ڦوهارو ڏنو. اکن ڍچندي ڍچندي ڪتا ڪٺي چڏيا. رچ به هو

مڇريل، سو وننديئي هڪڙي جي پوئين ڇنگهه مروتي پڇي وڌائين. اهو ته گهلپو گهلبو پڙ مان نڪري ويو. پوءِ اڇيو ٿو پئي ڪي ونئي. ڇٻون، ڇڪ، رانيوٽا، پڃ ته ڇباڙي مرڳوئي لنبو ڪري ڇڏيائينس. هنيائينس چڪ نڙيءَ ۾. اکن ڪان ڏس ته رڙ نڪري وئي، گهوڙا ڪتو ٿو مري. فقير ڇيو، بابا تِڪي مڇ ته رڇ ڪي جهليان."

"تڪي مڇين هونداٸين؟"

"واهه، نه مڇي ها ته ڪتو اقت مري وڃيس ها. ڪيل ٿيو ختم. وڏيرا پوت ڦلهڙو ڪري موٽيا. مون ڇيو لاهوتي هاڻ هت ويهي ڇا ڪندين، هل ته ڏڳي ڍور جي ڪريون. سو رکيم بڪيءَ تي زور."

"ڇئبو ته مزو ڇگو هو."

"واهه، مزي جي ڪا ڳالهه هئي! هي پهريون ڀيرو هو جو صالح هار ڪاڏي، نه ته سدائين توپي نراڙ تي رکي هلندو هو.... باقي باشا، گلر دلوءَ واري قهر ڪري ڇڏيو، اهو وڙهندو پر ڏاڍو."

"پاڻ واري ڏينهوءَ جهڙو آهي؟"

"مرشد، معاف ڪجانءِ، ڪاوڙ لڳي ئي ته جُوتو لاهي ڪٽي وٺ، باقي ڏينهو تو وارو جنڊ چٽيندو، مِرون سان ڪونه وڙهندو. ڪالهه هجين ها ته پاڻ به مڇين ها."

"ڇو پلا، ڏينهوءَ ڪي تون بنهه ائين ٿو سمجهين ڇا؟"

"بس سائين، هاڻي مون گنهگار جو وات نه کول،

ڏينپوءَ جي نس کان آئـون واقف آهيان. ڪتو ته اوڏ
وارو به چڱو ٿو وڙهي، پر مهاندبو ڪونهيس. دوڏا وڏا،
ڪن ڍرا، پيچ ٿلهو، قد جو ڏس ته جهڙو ٽٽيهر.
باقي دلوءَ واري گـلر جهڙو هينئر پنهنجي پٽ ۾
پيو ڪونهي. اهـڙي سوڪڙي ته هوند تـو جهڙي امير
جي در تي سونهين. ڪـو خفتي لـڙي اچـي ڏسيس ته
هيڪر وات ڪيسو ٿي وجيس."
"ان ڳالهه کي به ڏسنداسون."
"باشا، ڏسڻ ٻسڻ واريون ڳالهيون ڇـڏ. گلر اٿئي
ڏينهن ٻهر جو مزمان گهٽو ڪري ته وڏيرو صالح ڪنپي
ويو هوندس، جي ان کـان ٻڇيو ته پوءِ سمجهه ته پيرو
ڪيبر آيو ڪـي آيو .... مهل اهـا اٿئي. منهنجي صـلاح
آهي ته هينئر ئي هلونس."
"يار لاهوتي، گهڙي کن ساهه پٽڻ ته ڏي. اجا هاڻ
مري مري آيس، هٿ منهن به ڪونه ڌوتا اٿم."
"باشا، مرڻ لاءِ اسان جهڙا ڦالتو ڪتا آهن جو تون
مرندين. ڪونرو پاڻيءَ جو آٽي تـو ڏيانءِ، هـٿ منهن
ڌوئي تيار ٿي. بسم الله ڪري "ها" ڪر تـه گهوڙو
سنجي نڪر ڪري آٽي ڏيانءِ، رڳو لانگهه وراڻڻ جي
دير ٿيندئي."
"اهو ته ڀلو، پر هو پاڻ شوقين مڙس آهي جي نه
ڏئي ته پوءِ؟"
"باشا کهڙيون ٿـو ڳالهيون ڪـريـن. ٿو جهڙي

امير کي کهڙي منهن سان موٽائيندو. جي هرويرو بچڙائيءَ تي سندرو ٻڌائين ته پوءِ چار ڏوکڙ کٽي باسبس. بک تو مري، پاڻ هتي پچائي ويندو.“

”اها ڳالهه ته واري لڳي. پر هاڻي پروگرام ڪاهه ته هلونس ڪڏهن؟“

”پروگرام وري ڇا جو، هينئر ئي ٿا هلونس. تون رڳو تيار ٿيءُ ته آئون گهوڙو سنجي ٿو وٺان.“

”صفا ائين؟“

”پيو نه ته.“

”ڇڳو وڃ پلا، ڇا ڏيندين هونهين ڪونه.“

ڪڪائين ڇپر جي غريباڻي اوطاق، جنهن جي هڪ ڪنڊ ۾ ڏنوڻ، سانداڻ، وڏا مترڪا، پاڻيءَ سان ڀريل ڻڪر جي ڪؤنٽاري، پٽ سان رکيل ڪاٺ جي پراڻي پيتي، جنهن جي سامهون پيل لوهه ۽ ٽين جا ٽڪرا. هڪڙو ڪتولو اوطاق ۾ اندر، پيو اڱڻ ۾ ٻيئل نم جي گهاٽيءَ ڇانوَ ۾ رکيل. ساڳيءَ نم جي پاڙ ڪان ٿورڙو پرڀرو پير جي ڪتل منيءَ سان ٻڌل ڪڪڙ جي آني جيان اڇي رنگ، وڏي مٿي ۽ آڻين ڪنن وارو ڪتو.

گهوڙي تان لهي، جمن شاهه ڪمي ڏي وڌيو. ڇپٽيون وڄائي، پڇڪارون ڏيئي ڪيس ڦري ڏسڻ لڳو. لوڙهي جي پاسي ۾ ٻيئل نديڙيءَ پير سان گهوڙي کي ٻڌي، لاهوتي مرڪندو شاهه ڏي وڌيو.

”ڪيئن تو ڀانئين مرشد، برابر يا نه؟“

”برابر لاهوتي. تو جيڪي چيو، گـلر انَ ڪان به سرس لهي!“

”ڦري ڏسينس مرشد، شيءِ اٿئي شيءِ! سنهڙو تلهڙ جهڙو پيچ، پر ڊگهو به نه. ريشم جهڙي چمڙي، ننڍڙو ۽ سنهڙو ٻؤت. ڪچ ڪوڏين جهڙا ننهن. عيب ته خدا ڏنـو ئي ڪونه اٿس. اصـل ڪيسي ۾ وجهي ڇـڏڻ جهڙو آهي.“

”برابر سوڪڙي آهي. ڏينهو ٻينهوءَ جي جاءِ ناهي.“

”متان نه مڃين. خفتي ته آئون به آهيان پـر سچو ٿي پيو آهيان.“

”دل نه ڪَهه، ڀنهنجو مال ورهايل ڪونهي .... پر هاڻي دير نه ڪر، همراهه کي سڏ ڪر ته حالي حوالي ٿيؤنس.“

”ڪريان ٿو بندوبست، رڳو ڪو ماڻهو نظر اچي تـه مـوڪليانس .... اجهو، هـو پاڻهي پيـو اچي. پـر هاڻي ڳالهائجانس تون. مون کان تنهنجو بار وڌيڪ هوندس.“

”تون مون کان ڪو جدا ٿورو ئي آهين. آئون وينو آهيان، بي ڌڙڪ ٿي ڳالهائينس.“

”چڱو هاڻي ڪريانس ٿو بسم الله ــــ دلق، اسان تنهنجا ئي گهورا هٿاسين.“

دلوءَ پريان ايندي حيرت ڳاڏڙ مرڪ سان چيو:

”خير ته آهي، اڄ ڪيئن پلجي پيا آهيو؟“

”بس بابا، اج ويٺي ويٺي سادات چوي، هل تہ ڪاريگر وٽان چڪر هڻي اچون. چيو ماڻس تہ باشا حڪم تنهنجو ڪپي، مون کي ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي. پوءِ تہ وهندا اچي هتي پهتاسون. پر تون هتين ڪونہ ماڻهو پٺي گوليوسون تہ توکي سڏايون. ڀاڳن وارا هئاسون جو تون پاڻهي اچي نڪتو آهين، ملياسون ٻيو مڙئي خير.“

”ڪپٽي خير. ڀلي آياؤ جي آياؤ. اسان جون خبرون خير، هي ڪڪڙا پنهنجا ويٺا آهيون منڊل مچايو. اوهان کي الله آندو، مليا آهيون، ٻيو مڙئي خير. سائين بادشاهہ، خوش آهيو، چڱا ڀلا، مڙدانا، آسودا.“

”دعا، رحم، رب جا ٿورا.“

”هاڻي اوهان ويهو تہ آئون گهران ٿي ٿو اچان.“

”نہ ادا نہ. ماني ڏاني جي ڪا تڪليف نہ ڪر، اسان ڪاڍو ٻيا اچون. رڳو چار گهڙيون ويهہ تہ ڪچهري ڪريون.“

”آئون حاضر آهيان، لک ڪچهريون ڪيون، پر مانيءَ جي مهل آهي وڏيڪ نہ تہ ٻہ پہ ٿي گرهہ کائو ها.“

”ادا، اسان کي حجاب ڪونهي، اڃهو هاڻ ڳوٺان کاڍو ٻيا اچون. اڌ ڪلاڪ کن مس ٿيو آهي.“

”ڀلا چانهن تہ ٺهرائي اچان؟“

”چانهن جي بہ تڪليف نہ ڪر. اسان تڪڙا آهيون.

وري ڪنهن ٻيءَ ساعت چانهن پيئبي.“

”هي ڇا هي پيلا شاهه صاحب، هيڪر ٿا چؤ ته ڪچهري ڪرڻ آياسون، ٻيهر ٿا چؤ ته ٽڪڙا آهيون. ظلم ته اهو جو نه چانهن لاءِ ٿا ترسو، نڪا ماني ٿا کائو. آخر مون غريب تي ڇو ايڏي ڪاوڙ اٿوَ؟“

”ادا تون اسان جو ڀاءُ آهين، ڪاوڙ توتي ڪانهي. پر ڪجهه ٻيا به زماني جا ڪم آهن، ان ڪري ڪجهه ٽڪڙا آهيون.“

”ڀوءِ پيلا ڪيئن تڪليف ڪئي اٿوَ. تورڙيون خبرون ته ٻڌايو.“

”لاهوتي، ٻڌاءِ پيلا ڪاريگر ڪي خبرون.“

”حاضر باشا.... ادا، مرشد اڄ تڪليف ڪري تو وٽ آيو آهي گلر جي لاءِ – ڪالهوڪيءَ ٻيچ کان پوءِ گلر جي ڳالهه ٻڌي اٿس گهٽي، سو من هرڪجي پيو اٿس. تون پاڻ مولائي مڙس آهين، سادات توکي خوش ڪري ڇڏيندو.“

”خوش ڪرڻ جو مطلب؟“

”مطلب ته جيڪي چار ڏوڪڙ پنهنجي وات سان گهرندين، سائين توکي ان کان به سرس ڏيندو.“

”ادا، جمن شاهه قسمت سان منهنجي تڏي تي آيو آهي. آئون سيد کان ڪتو ڪونه جهليان هان پر اوهان اچڻ سان ئي مون کي گار ڏني آهي. آئون ڪو پاڙيو ڪونه آهيان جو ڪتي جا پئسا وٺي کائيندس.

اوهان گهٽ ۾ گهٽ مون کي آزمائي ته ڏسو ها، منهنجو جواب ته ٻڌو ها. اڄڻ سان ائين ڪٺي واڪ ڏنو ٔ ڇڻ ته آئون ڪتن جو ڪو واپاري هجان. هاڻي وهنداؤ ته ڪچهريون ڪنداسون، ويندؤ ته خدا خوش ڪندو ٔ. باقي ڪتو ڪونه ڏيندس."

"ادا تون ڪاوڙجين ڇو ٿو، اسان ته پاڻ تنهنجو خيال ڪندي پئسن واري آڇ ڪئي هئي. ڪجهه سوچ ته ڪر، صبح کان شام تائين لوهه ٿو ڪٽين تڏهن ٿا پنج ڏهه رپيا ملنئي. اسان توکي گهر ويٺي هزار ڪن رپيا ڏيون ٿا ته ڪهڙي ڪس اٿئي؟"

"شاهه صاحب، لوهه ڪٽڻ ڪو گناهه ڪونهي، حق حلال جو پورهيو آهي، جيڪي منهنجي نصيب ۾ هوندو آهي، سو ملي ٿو. ڪڏهن اوهان وٽ سوالي ٿي ته ڪونه آيس ته مون کي آن جي ٻوري ڏيو؟ افسوس جهڙي ڳالهه آهي جو اوهان پئسي کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي ويٺا آهيو."

"ڪاريگر، اسان توکي رنج ڪرڻ ڪونه آياسون، تون هرويرو ٿو ناراض ٿين. اسان پنڌ ڪيو آهي گلر جي لاءِ. اسان کي خالي هٿين نه موٽاءِ. ڀوءِ پئسن سان نه سهي، قرب ۾ ئي سهي پر گلر اسان کي ڏئي."

"قرب واري ته ڳالهه ئي اوهان ڪانه ڪئي. اوهان ته سوداگر ٿي پئسن جو واڪ ڏنو آهي. منهنجو ڪتو ويڪو ڪونهي. ٻيو ڪو جاچيو. ڳوٺ ۾ پيا ڀ

گھٽائي ڪتا اتوَ ...."
"ابا، سائين جمن شاھ ڀيو ڏسجي ڇا؟" وڏيري صالح اوطاق ۾ ايندي پري ڪان ئي رڙ ڪئي.
"ھائو بابا، تو تہ اچڻ ڇڏي ڏنو، اسان چيو تہ ھاڻي اسان ئي ننڍا ٿي، تو وٽان گھمي اچون."
شاھ جي چوٽ ڪرڻ تي صالح وراڻيو:
"شابس ھجيوَ بادشاھ جو اھڙيون ڳالھيون ٿا ڪريو. آئون تہ اھوئي ڀانئيءَ جو ٻار آھيان. پر اوھان ڪجھہ وڌي ويا آھيو. ڪالھہ ٻيچ ھئي. تيون ڏينھن ھاسيڪار اوھان ڏي ماڻھو موڪليو ھئم تہ سيد کي دعوت ڏيئي اچ. پر سائين، خبر پئي تہ بادشاھ ٽنڊوآدم ڀيو گھمي."
"يار مون کي پاڻ ڏک آھي جو ٻيچ تي نہ اچي سگھيس. ڪم ھو ٿورو سيڻن ۾ پر يڪا ٻہ ڏينھن ويھاري ڇڏيائون. تون پاڻ سيڻن جي ڏيتي ليتيءَ کان واقف ھوندين. شل نہ ڪو ڪم پوين. ويٺا بھانا ڳوليندا تہ ڪيئن ھمراھ کي گشو ڏيئي جند ڇڏائجي. پر سائين آئون بہ 'آئون' آھيان، ڪتي ٿو ڇڏيان. بہ ڏينھن ترسي بہ پنھنجو ليکو چڪتو ڪري آيس. جي اِتي ھجان ھا تہ پاڻ ڪٿائي بہ تو وٽ پھچان ھا."
"بس مرشد، ھاڻي آئون گنھگار اُمتي اوھان کي ڇا چوان. دل جو سور دل ۾ آھي. ڀلا ڪيئن اچڻ ٿيو."
"خبرون خير، ڪالھہ لاھوتي تو وٽ ٻيچ ڏسڻ آيو

هو. گلر کو چگو لڳس. پچاگاچا تي خبر پيس ته اهو (دلو ڏي اشارو ڪندي) هن يار جو آهي.

لاهوتي ضد ڪري ويهي رهيو ته بادشاهه اهو گلر پاڻ کي کپي. چيومانس ته هلون ٿا ڪاريگر وٽ، پوءِ ڏئي يا نه ڏئي اها ته ٿي سندس مرضي. گلر ڏسڻ کان پوءِ مون کي به وٺيو. همراهه کان گهريوسون، پر ٺپ جواب ڏيئي ڇڏيائين. وچڻ وارا هٿاسون جه تون مٿان اچي وئين."

"گلر ڏيندو وري ڪيئن نه؟ ابا دلڻ، هي تون ڇا ٿو ڪرين. امام جي اولاد کي ڪتي لاءِ موٽائي ٿو ڇڏين؟ اسان ته هوند سر به مٿانئس گهوري ڇڏيون.... ڏاهو ٿي، ڪجهه عقل ڪر. قيام اهو ڇڏائيندئي. جي رنجائيئيس ته ٺگيو پيو هوندين. مانڙي ڪري، پيرين پئي مرشد کان بخشاءِ ۽ پوءِ ڪتو چوڙي ڏينس، پاڻ ڳوٺ پچائي اچينس."

"وڏيرا، سيد کان آئون ڪتو ڪونه جهليان ها. پر هي خفتي ٿي ڪونه آيو، سوداگر ٿي آيو آهي. سوداگر لاءِ مون وٽ ڪتو ڪونهي."

"سوداگر وري ڪيئن؟"

"سوداگر ائين جو اچڻ سان چيائين ته ڪتي جا گهڻا پئسا وٺندين؟ چيومانس ته آئون ڪو گرگلو ڪونه آهيان جو ڪتو وڪڻي پئسا ڪائيندس. هاڻي تون پاڻ انصاف ڪر خفتيءَ لاءِ هن کان وڌيڪ ٻي ڪا گار آهه؟"

”مرشد، اِها اوهان بي واجبي ڪئي آهي. دلو اهڙو مڙس ڪونهي جو اوهان جهڙي امير ڪـي هوند جواب ڏيئي ڇڏي ها. اوهين پهرين سنگت ۾ چئي ته ڏسوس ها....“

”ادا، اسان ڪان تي جـو اهـڙو گفتو ڪڍيوسون. هاڻي ڇوي تـه ڪٿي معافي وٺونس، هـروڀرو ڳالهه مـان ڳالهوڙو ناهي ويٺو آهي.

”بس بادشاهه، اوهان جـي پـاران آئون مـعافي وٺـي ڇڏيندوسانس. گلر اوهان جو ٿيو. هاڻـي منهنجي صـلاح آهي ته گهڙي ڪن مون واريءَ اوطاق ڏي هلون. اتي به دعا جا پير گهمائي اچو. پوءِ موٽ تي هتان ٿيندا، گلر به ڪاهيو وڃجو—— ڪيئن دلو، ٺيڪ آهي نه؟“

”وڏيرا، ڳالهه مون ڪئي هڪڙي، بي ٿيندي ڪانه. ڪتو آئون ڪونه ڏيندس. باقي اِتي ويهي ڪچهري ڪن، يا تو وٽ هلن. اهـا سندن مـرضـي آهـي. آئون ڪونه تو جهليان.“

”چريا وڏن جي ڳالهه کي مان ڏبو آهي. هروڀرو ٻار نه ٿيءُ دلو...“

وڌيڪ نه دلوءَ ڳالهايو نه وري وڏيرو ۽ شاهه ڪچيا. مانڙي ڪري هو اوطاق مان نـڪري ويـا. لاهوتي بـه گهوڙي کي ڳليءَ کـان جهلي سندن پٺيان پٺيان هلڻ لڳو. هنن جي وڃڻ کان ڪجهه گهڙيون پوءِ دلو اٿي گهر ڏي ويـو ۽ مانـي کـائي پينگهي ۾ سمهي پيو—— ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ چونري لسيءَ جي ۽ به ٽي ڊگهڙ

ڪتي لاءِ ڪٿي گهران نڪتو— اوطاق ۾ اچي ڏسي تہ منجي خالي آهي! ڪتو سنگهر سوڏو غائب آهي!! اندر سڙي ويس. هيٺ ڏڏڙ ڏي غور سان ڏٺائين تہ ڪتي، گهوڙي ۽ همراهن جا پير، اوطاق کان ٻاهر نڪري، ڳوٺ جي ڏکڻ طرف ويندڙ وڏي رستي ڏانهن پيا وڃن.

انتقامي جذبي جي لهر نس نس مان ڊوڙي ويس. لسيءَ جي چؤنري ۾ مانيءَ واري دڪي ڪٽي، گهر ڏي ڀڳو— ٽپڙن جي گهڙامنجيءَ تي رکيل سوڙ جي تهن مان بندوق ڪڍي پوري زور سان پيرن پٺيان ڀڳو— سامهون بيٺل گهاٽن وڻن جي اوٽ مان نڪري ڏٺائين تہ سڌ ڪن پنڌ تي همراهہ وڃن پيا. جمن شاهہ گهوڙي تي آهي، لاهوتي ڪي ڪتي جي سنگهر هٿ ۾ آهي. هو پوئتي نهارڻ کان سواءِ ڏاڍي مزي مزي سان وڃن پيا.

دلو ڊڪندو ڊڪندو ڪين ويجهو وڃي پيو. ۽ گار ڏيندي هڪل ڪيائين: ”اڙي لاهوتي، اتي بيهہ تنهنجي تہ...! توکي همٿ ڪيئن ٿي جو منهنجو ڪتو ڪاهيو اٿئي.؟“

جمن شاهہ ۽ لاهوتي بيهي رهيا. ڪيس ڏسي ڪتو پيچ لوڏڻ لڳو. جمن شاهہ، گهوڙي جي ڳلي ٺيڪيندي ورائيس: ”زبان سنڀالي ڳالهاءِ لوهر جا پٽ! ڪتو اسان ڪي صالح چوڙي ڏنو آهي، ان سان وڃي ڳالهاءِ. اسان سان

ٿر ٿر نہ ڪر.“

”سڄاڻان ٿو صالح کي بہ اوهان سان گڏ.... چڏ ڪتي کي لاهوتي!“

”ٿڌو ٿي ٿڌو.... دماڪ جاء تي ڪر. ساهہ گهٽو اٿئي جو بندوق ڪٽي پڳو آهين.“ لاهوتيءَ ٿوڪ واري ڊينگ ۾ چيس. سندس ڳالهہ کي ٽيڪ ڏيندي جمن شاهہ چيو: ”درياهہ ۾ رهڻو اٿئي تہ واڳونءَ سان وير نہ رک نہ تہ هوندين ئي ڪونہ!“

”اهي دڙڪا ٻين کي ڏي شاهہ، ڦڏي کي وڌائڻ مان فائدو ڪونہ ٿيندئي، آئون مٿي مارائي ڪتو ڪونہ ڏيندس.“

”اڙي تون آهين ڇا، جو ايڏو ڊگهو پيو ٿئين....؟ آئون تہ سمجهندس تہ هڪڙي آناس جون ڦٽيون نہ ڪاڏم، تنهن جا تہ ٻچائي رلي ويندا!“

دلوءَ اکين ۾ شور وجهي شاهہ ڏي ڏٺو، ۽ پوءِ فيصلي ڪن انداز ۾ لاهوتيءَ ڏي وڌيو. ڪتي جي سنگهر ۾ هٿ وجهندي چيائين: ”سنگهر مان هٿ ڪڍ لاهوتي.“

هو لاهوتيءَ جي سامهون اڏول جبل جيان بيهي رهيو. لاهوتيءَ مرندي ڪسندي مرشد ڏي ڏٺو. هو سندس نهار جو مطلب سمجهي ويو، گهوڙي کي اڙي هٽي، دلوءَ جي مٿان اچي بيهاريائين.... دلوءَ منهن مٿي ڪري ڪيس ڏٺو ـــ هاٿيءَ جيڏي گهوڙي تي، ديو جهڙو ٿلهو ٿنيرو قداور شخص، سندس هٿ ۾ ريوالور!

لاهوتيءَ هڪ دفعو وري مٿس چٽر ڪندي چيو:
”پئسن لاءِ پيٽ ۾ سور اٿئي ته اها ڳالهه ڪر، نه ته چارئي دروازا ڪليل اٿئي، جنهن ڪي وٺئي تنهن کي وڃي دانهن ڏي.“
”پئسن ڏيڻ واري جي جوءِ ڪي .... پئسن وٺڻ واري جي ٻه رن ڪي ....! دلو گسار ڏيئي، ٻه وکون پوئتي هٽيو، ۽ خبر ناهي ڇا سوچي، بندوق سڌي ڪري ڏوڙيو ڪٽي ڪرايائين. ٻه چار بولاٽيون کائي، ڪتو ڪري پيو!! ماحول تي موت جهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي....
دلوءَ زخمي نظرن سان آخري دفعو مٿل ڪتي ڏي ڏٺو ۽ تڏو ساهه کڻي، بندوق ۾ نئون ڪارتوس ڀري، ڳورن قدمن سان پوئتي موٽيو. لاهوتي ۽ جمن شاهه ڪيس ڏسندائي رهجي ويا.

---

**هيٺيان ڪتاب اوهان کي ضرور پڙهڻ گهرجن.**

١ـ منهنجا پاڳ، هن جا پاڳ! محمد دائود بلوچ ٠ـ٥
٢ـ وري شل ڀيڙي ٻڏي! محمد دائود بلوچ ٠ـ٥
٣ـ ڳالهه هڪ رات جي گلشن سنڌي ٠ـ٥

ملي سگهندا: ادبيات، اسپتال روڊ حيدرآباد سنڌ.
۽ سنڌ جي ٻين مکيه ڪتب فروشن وٽان.

لکپڙه لاءِ ائڊريس
**منصور پبليڪيشن**
معرفت: پرفيڪٽ پرنٽرس، ۴۷۴ صدر حيدرآباد.

# آخري خواهش

ننڍڙو معصوم، اڪلو اڪيلو، يتيم ٻار، ماءُ جي محبت ۽ پيءُ جي شفقت کان محروم، سؤٽن جا موچڙا سهي، اوٻر سوٻر جي ٽڪرن تي پلجي، نيٺ وڃي جوان ٿيو.

هٿن جو پورهيو ڪري، چار ڏوڪڙ ڪمائي، ماڻٽن واري ڦٽل گهر جي مرمت ڪرائي، سؤٽن کان جدا ٿي وڃي ان ۾ رهڻ لڳو. هو ننڍي هوندي کان وٺي هيسيل ۽ هٻڪيل هئڻ ڪري گهٽو ڪونه ڳالهائيندو هو. جي ڳالهائيندو هو ته به عاجزيءَ سان. سندس انهيءَ عجز ۽ اخلاق کان متاثر ٿي، نوري پاڻ وٽ چوٽ تي هاري رکيس. ٻنيءَ جي ڪم سان گڏ اوطاق جي سار سنڀال ۽ مال جي گاهه پٺي جو بندوبست به هن کي ئي ڪرڻو پوندو هو. ڪجهه مهينا گذرڻ بعد هو ڪڏهن ڪم سانگي نوري جي گهر ۾ به اچڻ وڃڻ لڳو. ڪانئس پردو ڪرڻ بنهه ضروري به ڪونه هو، پر ڏڏهن به ڳوٺ وارن جي ٺٺولين کان بچڻ خاطر نوري سوچيو ته قاسم کي گهر ۾ اچڻ وڃڻ کان منع ڪري. هن اها ڳالهه پنهنجي گهرواريءَ جنت سان ڪئي، جنهن نهايت سخت لفظن ۾ ٽوڪيندي چيس:

”ڇتو ٿيو آهين ڇتو. متان اهڙي ڳالهه ڪرين ته

خوار نہ ٿئين– هو ويچارو مسڪين ڳوٺ آهي، اهڙي ڳالهہ هن جي مغز ۾ ئي ڪانهي– تنهن ڪان سواءِ پنهنجي ٻچڙي به پاڪ ماسوم آهي. تون هرو ڀرو ڪکن کي باهہ ڏيئي تماشو نہ ڪر."

هڪ پيءُ جي حيثيت سان نوري بہ صحيح سوچيو هو. جوان جماڻ ڌيءَ گهر ۾، وري ڪو ڌاريو نوجوان آزاديءَ سان گهر ۾ اچي وڃي– سچ پڇ تہ اهـا ڪا چڱي ڳالهہ ڪانہ هئي. پر زال جي رعب ۾ اچي هن ويچاري ڪڇي ماٺ ڪئي.

قاسم کي نوري وٽ ڪم ڪندي پورا ٻہ سال ٿي ويا. ڪيس ونديءَ ۾ جيڪي ڪجهہ ملندو هو تنهن مان پنهنجي خرچ پکي لاءِ ڪجهہ رکي، باقي رقم مائي جنت کي امانت طور رکڻ لاءِ ڏئي ڇڏيندو هو. هـن وقت هو پنجويهن سالن جو پورو جوان هو– قد بت ۾ ڪچڙي لڳـي ۾ بہ ڪنهن ڪـان گهـٽ ڪونہ هـو، ادب ۾ اخلاق وارو تہ اڳيئي هو، سو ڳوٺ ۾ پنهنجن سؤٽن ڪان سواءِ هر ڪنهن کي پيو وڻندو هو.

سندس مرداڻي حسن ۾ قوهہ جوانـيءَ جـي قدرتـي ڪشش ڪان شهناز بہ پنهنجو پاڻ بچائي نہ سگهي. هوءَ اڪثر اڪيلائي ۾ ويهي هن جي لاءِ سوچيندي هئي. هڪ ٻہ دفعا تہ شهناز ذري گهٽ قاسم کي پنهنجي دل جو حال ٻڌائڻ چاهيو، پر اظهار جي طاقت کي ڪنوارپ جي شرمائيندڙ جذبن دٻائي خاموش ڪري ڇڏيو.

هڪ ڏينهن قاسم عجيب معصوميت سان شهناز کي چيو: ”پڙهڻ کي ڇڏ ته پنهنجي شادي ڪرائي ڇڏي.“ سندس هن اڻوجهڙائيءَ تي شهناز ٿهڪ ڏيئي کلي ۽ وڏڙن وانگر سمجهائيندي چيائينس: ”صفا ڪو ٻوڪ آهين، ايتري به خبر ڪانه اٿئي ته سڳ ڪيئن ٿيندا آهن. ڳوٺ جي ڪنهن پوڙهي يا پوڙهيءَ کي چئي بابا وٽ موڪل، هو پاڻهي ڳالهه پڪي ڪندا. آئون ڪيئن چوان ته منهنجي شادي قاسم سان ڪراءِ. ڦڪي ڪانه ٿيندس.“

قاسم کي شهناز جي ڳالهه دل سان لڳي هن ڳوٺ جي هڪ ٻڍڙي عورت ساران سان اها ڳالهه ڪئي. تنهن جو ڏنو ته ويچاري جي ڪا پهر ڪانهي سو بنا ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي، قاسم جو رشتو ڪڍي نوري جي گهر پهتي. رسمي گفتگوءَ کان پوءِ هن نوري سان سموري حقيقت ڪئي، جنهن ڪيس ڪجهه ڏينهن اندر جواب ڏيڻ جو واعدو ڪيو. قاسم ڏاڍو خوش ٿيو پر اصل خوشي ته شهناز کي هئي جيڪا شاديءَ لاءِ ورتل ڪپڙا ۽ زيور به ڏسي چڪي هئي.

پر.... پر اهو ضروري ناهي ته هر انسان جيئن سوچي تيئن ئي ٿئي؛ اهو هميشه ٿيندو رهيو آهي ته به پيار پريون دليون جڏهن به هڪٻئي کي چنبڙڻ لاءِ ڊوڙن ٿيون ته معاشري کي باهه لڳيو وڃي، ۽ ان کان اڳي جو به چاهيندڙ هڪٻئي کي سيني سان لڳائين، معاشري

جي حسد ۽ ساڙ پريل ڏکي سان پوئتي وڃيو ڪرن. نوري ۽ جنت اڃان قاسم لاءِ پئي سوچيو تہ مٿان ڏني بخش جو پيغام ملين. هنن ويهي قاسم ۽ ڏني بخش جي پيٽ ڪئي تہ کين ڏني بخش، قاسم کان هزار دفعا چڱو لڳو. ان ۾ ڪو شڪ نہ هو تہ ڏني بخش جي عمر شهناز کان ذري گهٽ ٻيڻي هئي، پر هو قاسم وانگر سڄو ۽ ڪنگال ڪونہ هو. پنهنجي ڪاروبار ۽ ماني مڃيءَ وارو هو، هر سال ڪڻڪ ۽ ڦٽين جي واپار مان ٣٠-٤٠ هزار رپيا ڪمائيندو هو. هن کي شادي جي هروڀرو اهڙي ضرورت بہ ڪانہ هئي، پر گذريل سال سندس زال جي اوچتي وفات جي ڪري ننڍڙا ٻار تڪليفن ۾ پئجي ويا هئس. انهن جي پرورش ۽ سار سنڀال خاطر مناسب سمجهيائين تہ وري شادي ڪري.

آسپاس جي ڳوٺن ۾ پڇا ڳاڇا ڪيائين پر ڪو مناسب سڱ ڪونہ سُجهيس. هڪ ڏينهن ويٺي ويٺي سوچيائين تہ چونہ پنهنجي چاچي نوري کان بہ سڱ جي ڳُهر ڪري ڏسي، وري سوچيائين تہ هو پنجن ٻارن جي پيءُ کي پنهنجي جوان جماڻ ڌيءَ ڪيئن ڏيندو؟ کيس چوڻ بيڪار آهي. پر دل جي هُر ڪُر لاهڻ خاطر پيغام ڪٽي موڪليائينس. نوري بہ ڏهي دفعا سوچيو هو تہ ڏني بخش کي شهناز جي سڱ جي آڇ ڪري، پر انهيءَ ۾ پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪندي کيس نہ چئي سگهيو هو. تنهن کي جو گهر ويٺي پيغام مليو

ته اصل ساهه پنجي ويس. دولت ۽ مائٽيءَ جي آڙ ۾ عمرين جي فرق کي ڏنائين ڪونه ۽ نه وري شهناز کان پڇيائين. رڳو زال کي راضي ڪري ڪٺي "ها" ڪيائين.

خوشيءَ جي اها خبر ڪکن جي باهه جيان سڄي ڳوٺ ۾ ڀڪڙجي ويئي. اوڙي پاڙي جون ڇوڪريون ٻاڪريون ڏٽي بخش جي گهر اچي ڪٺي ٿيون- ڳيچن ۽ سهرن جي ڌم لڳي ويئي. پتاشن ۽ ريوڙين جون جهوليون ورهايون ويون. خوشيءَ جي ان لهر ۾ وقتي طور سڄو ڳوٺ شريڪ هو، صرف ٻه دليون غمگين هيون، ٻه انسان رنج هئا. پر اهڙي موقعي تي صرف پن جي ڪهڙي حيثيت ٿي سگهي ٿي.

قاسم اهو صدمو برداشت نه ڪري سگهيو، هو روئي روئي چريو ٿي پيو، رات ڏينهن پنهنجي گهر ۾ اڪيلو وڦلندو رهندو هو. ڪنهن کي رحم پوندو هو ته مانيءَ ڳپو ڏيئي ويندو هئس نه ته گهرندو ڪنهن کان ڪونه هو.

هوڏانهن جيتوڻيڪ شهناز مائٽن جو اهو فيصلو دل سان نه قبول ڪيو هو، پر تڏهن به ڪو احتجاج يا اعتراض ڪري نه سگهي. سنڌ جي روايتي دوشيزه وانگر بلڪل گونگي بنجي سڀ ڪجهه ڏسندي رهي. ڏٽي بخش وٽ پئسي ڏوڪڙ جي ڪمي ڪانه هئي، شاديءَ جو ضروري سامان وٺي ٿورن ئي ڏينهن ۾ تمام سادي نموني سان شادي ڪري ورتائين.

شهناز پنهنجون سموريون اميدون ۽ خواهشون دل ۾ دفن ڪري اندر ئي اندر ڳرندي ۽ جهڄندي رهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هوءَ شاديءَ جي پهرين مهيني ۾ بيمار ٿي پيئي. مٿي ۾ ڦيري، هڏن ۾ سور، هلڪو بخار، بت ساڻو، هلڪي هلڪي ڪنگهه، ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪنگهه جي ٿونڪر سان گڏ ڪڇو ۽ ليسدار بلغم به اچڻ لڳس.

ڏني بخش سندس علاج لاءِ ڪنجوسي ڪانه ڪئي، پر جيئن پوءِ تيئن سور ۽ ساڻائيءَ ۾ اضافو ٿيندو ويس. بخار سان گڏ ڪنگهه به وڌندي ويس، نيٺ بلغم ۾ ٿورو ٿورو رت اچڻ لڳس. شهناز ڪي ٽي بي ٿي پيئي. آسپاس جي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جي علاج کان مايوس ٿي مڙس کيس سول اسپتال جي پرائيويٽ وارڊ ۾ داخل ڪرايو. پر شهناز جي حالت جيئن پوءِ تيئن خراب ٿيندي ويئي. پندرهن ڏينهن جي مهانگي علاج کان پوءِ، اڄ ڊاڪٽر کيس تپاسڻ بعد ڏني بخش کي ٻاهر سڏي چيو:

”شهناز جي بچڻ جي ڪا اميد ڪانهي، هو پلي گهر ڪٺي وڃي.“ ڏني بخش جي دل مُٺِ ۾ اچي ويئي. هو روئڻ گهٽيندي ڪمري ۾ داخل ٿيو. تڏو ساه ڪٺي پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ڍهي پيو. سندس ننڍڙي ڌيءَ زينت پنهنجي ماتيجي ماءُ جي بيماري ۽ تڪليف کان بي نياز سندس بستري تي هڪ رانديڪي سان

ڪيڏي رهي هئي. شهناز منهن ورائي مڙس ڏي ڏٺو ۽ بيحد غمگين ۽ هيٺي آواز ۾ چيائين:

”توڪي جِس هجي ڏنا، تو منهنجي علاج لاءِ ڪونہ گهٽايو هزارين رپيا خرچي ڇڏيا اٿئي، پر مون کي ٽڪي جو بہ فائدو ڪونہ ٿيو. ڊاڪٽرن منهنجي بيماري ڪانہ سڄاتي رڳو دوائن پيارڻ ۽ سئين ٽنبڻ تي زور اٿن. منهنجيءَ دل ۾ ڦٽ آهن، جيڪي ناسور ٿي پيا آهن. ڏنا آئون بچنديس ڪانہ.“

ڊاڪٽر ڪان پوءِ خود شهناز جي واتان سندس ٿي نہ بچڻ جا لفظ ٻڌي ڏٺي بخش کي پڪ ٿي ويئي تہ هوءَ بچندي ڪانہ. پر تڏهن بہ ڏکهو ساهہ کڻي چيائينس:

”دل نہ لاهہ شهني، اجهو هاڻي ڊاڪٽر چيو پئي تہ تون ڏينهن ٻن ۾ صفا چڱي ڀلي ٿي ويندينءَ.“

”تون ڪيستائين مون کي ائين دلاسا ڏيندو رهندين آئون ٻنهہ هيٺي ٿي پيئي آهيان. پر .... پر منهنجي آخري خواهش ضرور پوري ڪجانءِ.“

ائين چئي هوءَ سُڏڪڻ لڳي .... ڪيس ماضيءَ جا ڏک ۽ سک، دوست ۽ دشمن، پنهنجا ۽ پراوا، هڪئي وقت دل تي تري آيا. هوءَ فيصلو نہ پئي ڪري سگهي تہ ڪيس ڇا چوي، نيٺ ذهن ۾ آيس تہ ڪيس قاسم لاءِ ڪجهہ چوي، پر آخري گهڙين ۾ مڙس جي اعتماد کي ڏک هڻڻ مناسب نہ سمجهائين. قاسم جو نالو وٺندي رهجي ويئي. ڏٺي بخش سندس ڳالهہ

ٻڌڻ لاءِ آتو هو. زال جي اها حالت ڏسي دل ڀرجي آيس .... ٻيڙي اجرڪ جي پلئه سان اکيون ڏکي، سڏڪو ڀري چيائين:

”چؤ شهني، جيڪي چوڻ چاهين .... آئون تنهنجي هر خواهش پوري ڪندس. تنهنجي خاطر آئون پئسو ڇيچڪن وانگر چتڻ لاءِ به تيار آهيان.“

شهناز پنهنجي پاسي ۾ رانديڪي سان کيڏندڙ ننڍڙي زينت کي ٻانهن کان جهلي سندس ڳٽي تي چمي ڏيئي لڙڪ وهائيندي چيو:

”پئسي ڏوڪڙ جي ڳالهه ڪانه تي ڪريان ڏنا، رڳو هن جي پارت هجيئي — هيءَ جڏهن جوان ٿئي، ته شاديءَ لاءِ سندس مرضيءَ جو خيال ڪجانءِ.“

---


منصور پبليڪيشن جو سالنامو

# ڪهاڻي نمبر

منصور پبليڪيشن جو سالنامو، جون ۱۹۸۰ع ۾ شايع ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ برک ڪهاڻيڪارن سان گڏ، نوجوان ڪهاڻيڪارن ۽ نون لکندڙن جا شاهڪار شايع ڪيا ويندا. اڄ ئي پنهنجون شاهڪار لکڻيون موڪليو.

منصور پبليڪيشن

معرفت: پرفيڪٽ پرنٽرس ۴۷۴، صدر
حيدرآباد سنڌ.

# وندر

پڇي پڇي اڌ مئو ٿي پيس، پر ڪا ڍنگ جي جاءِ ڪانه ملي. ڪا چڱيرڙي جاءِ شايد ملي به وڃي ها، پر جنت اها آهي جو مان هتي ڇڙو آهيان، ۽ شهر ۾ ڪو به شريف ماڻهو، پنهنجي پاڙي اندر ڇڙي ماڻهوءَ کي مسواڙ تي جاءِ ڏيڻ لاءِ هرو ڀرو تيار نه هوندو آهي — مهينو سوا ته چاڻ سڃاڻ وارن وٽ رهيس، پر اهو محسوس ڪري، ته هو اڻ سڌيءَ طرح مون مان بيزار ٿي پيا آهن، پر ڪجهي نٿا سگهن، مان خود ئي بسترو ۽ ٿيلهو کڻي، سندن ٿورو مڃي، مسافرخاني ۾ وڃي ٽڪيس، پر جاءِ واري جاکوڙ جاري رکيم. نيٺ ڪنهن واقفڪار جي معرفت هڪ ننڍڙي جاءِ وٺي وڌم!.... جاءِ ڇا آهي مڙئي نه هئڻ کان چڱي آهي. هڪ چورس ڏهن فوٽن جو ڪمرو، مٿان سيمينٽ جون بي رنگ چادرون، آڏو چار فوٽ ڪن ويڪرو اڱڻ، پاسي ۾ بنا دروازي غسل خانو، بورچيخاني ۽ ڪاڪوس جو نالو نه نشان، پاڻي به پاهران ڪي. ايم. سي جي نل مان پرٽو ٿو پوي.... جيئن ته هي علائقو ڪراچيءَ جي پٺ تي پيل علائقن مان هڪ آهي، ان ڪري هتي جاين لاءِ ڪرائيندارن جي پيڙ نه هوندي آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٺي چئجي ته هتي جي جاين جو اهو قدر ڪونهي، جيڪو شهر

جي سڌريل علائقن ۾ آهي- اهوئي سبب آهي جو مون کي جاءِ سستي ملي آهي. صرف اسي رپيا ماهوار ڏيڻا ٿا پون— ڪمري جي ديوارن تي چؤطرف پان جون پڪون ۽ ڪانگهارا لڳل آهن، ۽ هر ديوار تي پينسل سان ڪيترائي اهڙا شعر لکيل آهن، جيڪي گهڻو ڪري بسن ۾ اندر يا ٽرڪن جي پويان لکيل هوندا آهن— ڪمپائونڊ وال کي دروازو ڪونهي ان ڪري جڏهن مان گهران نڪري ويندو آهيان، ته پاڙي جا ننڍڙا ٻار جن کي سندن مائٽ گوڙ ڪرڻ ۽ ننڊ ڦٽائڻ جي ڏوهه ۾ دڙڪا ڏيئي سزا طور گهران ڪڍي ڇڏيندا آهن، اتي اچي راند ڪيڏندا آهن- ۽ جڏهن ٻار نه هوندا آهن، ته پاڙي جا رولو ڪتا اچي غسل خاني ۾ ليٽي آرام ڪندا آهن!

منهنجي دروازي جي بلڪل سامهون، رستي جي هُن پاسي پيو پاڙو آهي. ان پاڙي جي اورئين پاسي ڪنڊ واريءَ جاءِ جي پويان ڪي- ايم- سي جو نل لڳل آهي، جتي صبح توڙي شام، پاڙي پرينڊڙ عورتن ۽ ٻارن جو ميڙ هوندو آهي. جيئن ته منهنجي ڪمپائونڊ وال کي دروازو ڪونهي ان ڪري اهو سمورو منظر ڪمري مان کٽ تي ويٺي ويٺي ڏسي سگهندو آهيان، پر گهڻو ڪري ڏسڻ نه چاهيندو آهيان.!

آئون هن پاڙي ۾ نئون نئون آيو آهيان، ان ڪري ايندي ويندي پاڙي وارا مون کي ڏاڍي غور سان ڏسندا

آهن. مان اڃان تائين فيصلو نه ڪري سگهيو آهيان ته پاڙي وارن سان ڪيئن پيش اچان. ڪالهه ڇڏبو ڇڏبو ٿي رهان يا سائن ملي وڃان؟ مان ان اڌڙ ۾ آهيان جو هڪ ڏينهن جاء جو مالڪ پاٽمرادو منهنجي ڪمري ۾ اچي ٿو. رسمي دعا سلام کان پوء چئي ٿو:

”بابا هي ڏاڍو بڇڙو محلو اٿئي، سوچي سمجهي هلجانء....! انهيء سامهون واري نل، تي ڏاڍي ڦشري ٿيندي آهي، مڙس آهين ٺاهوڪو پاڻ سنڀالي رهجانء— عزت وارو ٿي رهندين ته هرڪو عزت ڪندئي.... پاڙي جا ڇورا اٿئي پهر چرس ۽ جوا کي لڳا پيا آهن، انهن کان به پاسو ڪجانء. باقي هروڀرو تنهن جو نالو ڪير ڪونه وٺندو— ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي ته مون کي ٻڌاء...“

هو ٻيٺي ٻيٺي ڳالهه ڪري نڪري ٿو وڃي، مان عجيب ڪشمڪش ۾ پئجي ٿو وڃان. آخر هن کي ائين چوڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ اها ساڳي ڳالهه ڪنهن سهڻي طريقي سان به سمجهائي پئي سگهيو. اهو ته سنئون سڌو ڪنهن کي ڊيڄارڻ ٿيو.... شايد هو هينئر کان ئي مون کي پنهنجي رعب ۾ رکڻ ٿو چاهي، ته جيئن اڳتي هلي مسواڙ وغيره جي سلسلي ۾ سائس ڪو تڪرار نه ڪري سگهان.... ڪاش، مان کيس ٻڌايان ها ته منهنجي شاديء کي به اڍائي مهينا مس ٿيا آهن، مون کي عورت جي بک ڪانهي، کيس فڪرمند ٿيڻ نه گهرجي، مان شريف ٿي رهندس.

سندس گفتگوءَ تي سوچيندي ڪجهہ ڏيہان بہ ٿو ته مٿان سچ پچ محلو بچڙو نہ هجي! ان ڪان پوءِ ايندي ويندي پاڙي جي نوجوانن کي ٽيڏيءَ اک سان ڏسڻ شروع ٿو ڪريان. محسوس ڪريان ٿو تہ هن جيڪي ڪجهہ چيو هو، سو غلط ڪونهي— مون پنهنجو پاڻ تي انيڪ پابنديون لڳائي ڇڏيون آهن، صبح جو اُٿين لڳي آفيس وڃان ٿو. اتان نڪرڻ بعد، گهر اچڻ بجاءِ ايلفي، بوهري بازار ۽ بندر روڊ تي گهمي ڦري وقت گذاريان ٿو، تانجو رات پئجي وڃي ٿي ۽ آئون اونداهي ۾ اچي پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪري پوندو آهيان.... پاڙي ۾ رهندي بہ مان پاڙي وارن کان بلڪل الڳ ٿلڳ آهيان. مون پنهنجي ذهن کان هنن جي ذهنن تائين جيڪا وڇوٽي رکي آهي، ان کي ختم ڪرڻ جي نہ هو ڪوشش ڪن ٿا، نہ وري مون ڪو اهڙو خيال ڪيو آهي. بهرحال ڪڏهن ڪڏهن احساس ضرور ٿيندو اٿم، تہ ڪاش اها وڇوٽي ختم ٿي وڃي ۽ پاڙي وارا مون کي بہ پنهنجو ڀاءُ سمجهن!!

ان ڪوٺڙيءَ ۾ رهندي مون کي اڍائي سال ٿي ويا آهن، پر پاڙي وارن سان منهنجا ناتا سڌري نہ سگهيا.... مون کي اڪيلائپ جو شديد احساس آهي. اهو احساس ڪڏهن ڪڏهن ايڏو تہ وڌي ويندو آهي جو شهر ڇڏي، ڳوٺ وڃڻ چاهيندو آهيان .... ڳوٺ، جتي چانس، پڙهيس، جوان ٿيس، جتي ماءُ جون لوليون،

دعائون ۽ شفقت ڀريل ٽپڪيون آهن، جتي منهنجن پٽڪڙن ڀائرن ۽ ڀينرن جا ٻاتڙا ٻول ۽ شرارتون آهن، جتي شهناز جو منتظر وجود آهي. سندس ڀڪُهر جي خوشبوء ۽ ٻانهن جو هار آهي....! پر.... پر ڳوٺ جون ٿڌڙيون هوائون، جيجل جون مٺڙيون لوليون، ڀائرن ۽ ڀينرن جون شرارتون، ۽ شهناز جون ٻانهون، پيٽ جو دوزخ ته نٿيون ڀري سگهن! شاديءَ کان پوء رڳو پندرهن ڏينهن بيروزگار ٿي ويٺو هئس ته چپا چپا نه پوڳيو هئم. اڻ هوند جي ڪري شاديءَ واريون خوشيون زهر ٿي لڳيون. ڀائرن ۽ ڀينرن جون آني ٽڪي لاءِ آزيون نيازيون دل ۾ چڪ ڏيئي وينديون هيون. جيجل ڪي بک ۽ بيماريءَ کان بيوس ٿي، بستري تي اکيون ٽمڪائيندي ڏسي وجود ۾ وَڍ پئجي ويندا هئا. اصل گهر، گهر نه، پر دوزخ جو ڪو بدترين نمونو ٿي لڳو. ۽ ان دوزخ کي بهشت بنائڻ خاطر آئون هتي آيو آهيان. فرق صرف ايترو آهي جو ڀهرئين دوزخ ۾ گهر جا سمورا ڀاتي سڙندا هئاسين، ۽ هتي دوزخ ۾ مان اڪيلو ٿي سڙان پيو. اهو سڙڻ برداشت ڪريان پيو: ان ڪري جو باقي گهر وارا ته بچي پيا آهن!!

مان حالتن سان ٺاهه ڪرڻ جو خواهشمند آهيان. چاهيان ٿو ته هي شهر (پوء ڪٿي دوزخ ٿي آهي) مون کي پنهنجي گود ۾ قبول ڪري. مان ڪوشش ڪريان ٿو ته ڪنهن طريقي سان هتي وندري پوان....

ٻاهر اچلي، در کي تالو هڻي ڇڏڻ، ٻارن جو رونشي وچان منهنجي چوڌاري ڦري ٻيهڻ، عورتن جو گهرن جي دروازن ۾ چاڙهين تي بيهي تماشو ڏسڻ، ۽ منهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري، روڻٿهارڪو ٿي سامان ڪلهي تي کڻي، هميشه لاءِ پاڙو ڇڏڻ !!

ڪيڏو نه ڀيانڪ تصور آهي! جيئن جيئن سوچان ٿو، انديشا وڌندا ٿا وڃن پنهنجو پاڻ کي کٽ تي اڇلي، ٿڌو ساهه کڻي، اکيون پوري ٿو ڇڏيان. سڪ نٿو اچيم. ستي ستي سامهون ڏسان ٿو. هوءَ دلو نل هيٺان رکي، ساڳيءَ جاءِ تي بيهي نهاري پئي.... بدنامي جو خوف هوندي به انيڪ خواهشون نٿر ٻارن جيان ولهڙيو ٿيون پون. آئون انهن کي الرون ڪري هيسائڻ چاهيان ٿو. پر ڪو فرق ڪونه ٿو پوي.... هوءَ دلو کڻي، پٽ جي ڪنڌ وٽ بيهي آخري دفعو نهاري هلي ويئي آهي، آئون گهڙي ڏسان ٿو. اٺ لڳي پنج منٽ تي رهيا آهن، ڏاڍي اٻاڻڪائيءَ مان در کي تالو هڻي نڪري ٿو وڃان.

آفيس ۾ دل نٿي لڳي .... سوچن جي گهاڻي ۾ پيڙهجي رهيو آهيان. ڪئنٽين جي ڪرسيءَ تي ڪري ٿو پوان. گرم گرم چانهن جون سُرڪريون ڏڪندڙ ذهن تي ڪجهه ٿاڪور ڪن ٿيون. ڪجهه سڪون ملي ٿو .... آهستي آهستي ٻوائتن خيالن تي محبت جا منڙا منرا جذبا، هلڪڙن ڪڪرن جيان ڇانئجڻ لڳن ٿا.

ذهن جو بار ڪجهه هلڪو ٿئي ٿو.

آفيس ٽائيم ڪان پوءِ گهر پهتو آهيان. سامهو ڏسان ٿو. نل تي پيڙ ڪانهي. رڳو ٻه ٽي ڪراڙيون دلا رکيو ويٺيون آهن. شايد نل اڃا هاڻ کليو آهي. هوءَ به دلو کڻيو اچي پئي. دلو قطار ۾ رکي. ڪراڙين کان ٿورو پوئتي هٽي بيهي ٿي رهي.

عمر اٽڪل پنجويهه ڇهويهه سال. پريل بدن چنبيل منهن، مٺيرو قد، ڳورو رنگ، وڏيون اکيون، ميرا ڪپڙا- مون کي ڏاڍي ناهوڪي ٿي لڳي- آئون اندازو لڳائي نه سگهيو آهيان ته ڪنواري آهي يا پرڻيل.

هوءَ ساڳيءَ جاءِ تي بيٺي آهي. رکي رکي مرڪي ٿي ٿي.... مون ڪي ويهڻ نٿو اچي. ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين هلندو ٿو رهان. ٻه ٽي ٻيون ڇوڪريون به نل تي اچي ويٺيون آهن. پيڙ وڌندي ٿي وڃي. آئون هيڪي ٿورو اوٽ ۾ ٿي بيهان ٿو. مون کي سامهون ڏسي هوءَ ٿورو اورتي اچي، رستي تي کيڏندڙ ٻارن مان ڪنهن کي سڏ ٿي ڪري ۽ اک ٽيٽ ڪري مون ڏي به ٿي نهاري. آئون ڪيس سلام ڪريان ٿو. هوءَ پڳهر اگهڻ جي بهاني نراڙ تي هٿ گهمائي ٿي، جنهن مان سمجهي وڃان ٿو ته سلام جو جواب ڏنائين.... نل تي ويٺل ڇوڪرين ڏانهن پٺ ڪري، ڏاڍي چالاڪيءَ سان هٿ لوڏي 'ٽاٽا' ڪري ٿي. ۽ دلو کڻي هلي ٿي وڃي.... آئون خوش ٿيان ٿو ته هاڻي هڪ اهڙي هستي

ٻه آهي، جا ٻاهر وڃڻ تي مون کي ٽاٽا ڪندي ۽ ٻاهران اچڻ تي من موهيندڙ مرڪ سان آجيان ڪندي.

صبح جا پورا اٺ ٿيا آهن. هوءَ سامهون بيٺي آهي آئون ساڄي هٿ جون پنج ئي آڱريون ڳچو ڪري، واچ ڏي اشارو ڪندي ٻڌايانس ٿو ته پنجين بجي موٽي ايندس. هوءَ حسرت ڀريل نگاهن سان ٿي ڏسندي، هٿ لوڏي 'ٽاٽا' ڪري ٿي.... آئون ڏاڍي خوشگوار موڊ ۾ آفيس ڏانهن اچان پيو....

آئون ڪو آفيسر ڪونه آهيان، ان ڪري پٽيوالي جي اک مون تي نٿي پڏي. هو منهنجي ميز ۽ ڪرسي به صاف نه ڪندو آهي. هميشه وانگر ميز جي خاني مان ڊسٽر ڪڍي ميز ڪرسي چنڊيان ٿو. 'پيپر ٽري' ۾ ڪوبه ڪاغذ اڪلائڻ لاءِ نه ڏسي، 'هن' کي خط لکڻ شروع ڪريان ٿو... خط جي مُهڙ ۾ هڪ درديلو بيت ٿو لکان....

جيئن ته هي منهنجو ڪنهن 'ڇوڪري' لاءِ پهريون خط آهي. ان ڪري اکرن جي صفائي، سٽن جي سڌائي لفظن جي سٽاءُ ۽ جملن جي جوڙجڪ جو ڏاڍو خيال رکان ٿو. وس آهر ڪوشش ڪريان ٿو ته منهنجي خط پڙهڻ کان پوءِ سمجهي وڃي ته آئون هڪ اعليٰ ذوق رکندڙ تعليم يافته نوجوان آهيان ۽ ڪيس دل جي گهراين سان چاهيان ٿو.

خط جا ڪيترائي مسوده لکان ٿو پر اطمينان ڪونه

ٿو ٿئيم. ان ڪري هـر ڀيري مسودو ڦـاڙي، پيو ٿو لکان... ميز جي پاسي ۾ پـيـل رديءَ جـي ٽوڪري ڪاغذ جي ٽڪرن سان اڌ ٿي ويئي آهي، پر خط اڃا لکجي نه سگهيو آهي. شڪر آهي جو ڪاغذ سرڪاري آهن، نه ته مون وارو پگهار خطن تي ئي خرچ ٿي وڃي ها! سوچيان ٿـو تـه منهنجي پريشاني اجائي آهي. هوءَ مون کان وڌيڪ پڙهيل ته ڪانهي جو منهنجي خط مان چڪون ڪڍي سگهي. يا منهنجن اکرن تـي ٽوڪون ڪري. اهو خيال ايندي ئي ڪاغذ جي چوٽي تي خط لکي کيسي ۾ رکي ٿو ڇڏيان...

ٺيڪ سوائين پنجين بجي گـهر پهچي ڏسان ٿو ته هوءَ اڳيئي پٽ جي چـانو ۾ ويٺي آهي. لڳي ٿو ته انتظار جون گهڙيون به اتي گذاريون اٿس!

هوءَ پرپور مـرڪ سان منهنجي آجيان ڪري ٿي. آس پاس ۾ ڪا پهر نه ڏسي پاڙي جـي هڪ ٻار جي هٿان کيس خط موڪليان ٿوـــ ساڳئي طريقي سان هوءَ به منهنجي خط جو جواب مـوڪلي ٿي... سندس خط مان خبر پئي اٿم ته نالو زيب النساء اٿس، ٽن ڀاڄرن جي اڪيلي ڀيڻ آهـي. پنهنجي سـؤٽ سان مڱڻو ٿيل اٿس جيڪو لبيا ۾ ڪاروبار ٿو ڪري...

اسان جي محبت کـي ٻـارنهن مهينا ٿـي ويـا آهن، جنهن ۾ سواءِ عشقيه خـطـن، اڏامندڙ چـمين ۽ ڪجهه سوڪڙين جي، پيو ڪجهه به حاصل نه ٿيو آهي. آئون

جڏهن به ملڻ لاءِ لکائنس ٿو ته هوءَ ڏاڍي نماڻائيءَ مان لکندي آهي، ’جان، توسان ملڻ جي سڪ ته ڏاڍي اٿم پر افسوس توسان ملي نٿي سگهان. ان ڪري جو آءٌ ڪنهن جي امانت آهيان!‘

سندس اهي لفظ مون کي ڏاڍي چڙ ڏياريندا آهن. هڪڙي دفعي ته بيزار ٿي لکيومانس، ’آخر تنهنجي خيال ۾ ان ڪوري گهڙي کي آمهائڻ مان ڪهڙو فائدو جنهن کي جهڪ جهولي ۾ اُس کان لڪائي رکجي ته ٽڙو ٿئي. پر اَڃ لڳي ته منجهائنس ڍڪ پيئڻ جي به اميد نه هجي؟‘ تڏهن هن لکيو هو ’بيو فائدو ٿئي يا نه ٿئي، دل ته وندري پئي.‘ ان وقت مان ڪامي، پڇي، پڇري ويو هئس. ۽ پاڻ سان وعدو ڪيو هئم ته وري ڪڏهن به خط نه لکندوسانس ۽ نه وري سائس ڪو تعلق رکندس. پر پاڻ سان ڪيل ان وعدي تي گهڻو وقت عمل نه ڪري سگهيو هئس، ان ڪري جو هوءَ جڏهن به سامهون ٿيهي سلام ڪندي آهي. منهنجو (سائس نه ڳالهائڻ جو) عزم، فرش تي ڪرندڙ شيشي جيان پرزا پرزا ٿي ويندو آهي. آئون سڀ ڪجهه وساري ڪيس سلام جو جواب ڏيندو آهيان. جي اتفاق سان منهنجي ڪاوڙ چوٽ چڙهي ويندي آهي ته ڪيس سلام جو جواب نه ڏيندو آهيان. تڏهن آخري حيلي طور هٿ ٻڌي معافي گهرندي آهي. سندس جوڙيل هٿن کي ڏسي منهنجي غصي جو پهاڙ سيڪ تي رکيل مکڻ جي چاڻي

جِيان رجي ويندو آهي. ۽ آئون مرڪي پوندو آهيان. وري ساڳيو ڏکيو ساڳيو نار...

اڄ هن جي شاديءَ کي پندرهن ڏينهن گذري چڪا آهن. سندس مِڙس جيڪو پندرهن ڏينهن جي هنگامي ويزا تي آيو هو، ڪالهه واپس هليو ويو. جيستائين مڙسس اِتي هو، هوءَ مون کي نظر نه ايندي هئي. شاديءَ کان پوءِ اڄ پهريون ڀيرو نل تي آئي آهي — آس نراس جي گڏيل ڪيفيت کان منهنجو وجود ڪنبي رهيو آهي. سوچان ٿو ته هاڻي منهنجي ونڊر جي ضرورت نه رهي اٿس. شايد مون سان ناتا ٽوڙي ڇڏيندي — آئون انهيءَ پڌر تر ۾ آهيان ته هوءَ ميندي‌ءَ رتل هٿ سان سلام ٿي ڪري! پر سندس چهري تي اها چاتل سچاتل مرڪ ڪانه ٿي لڳي، جيڪا سلام ڪرڻ وقت هميشه نظر ايندي هئي. منهنجي ذهن ۾ سوال اڀري ٿو ته ڇا شاديءَ کان پوءِ به منهنجي ونڊر جي ضرورت اٿس —؟؟

آئون ان سوال جي پس منظر ۾ گم ٿي ٿو وڃان. هوءَ خبر ناهي ڪيڏي مهل موٽي ويئي. ڇرڪ ڀري ٿو ڏسان، هڪ ڀار ڇني اچي هٿ ۾ ٿو ڏيم! لکيو اٿس ته اڄ يارهين بجي گانڌي گارڊن ۾ ساڻس ملان —

خط پڙهي بت ۾ ڦٽيون پئجي ويون. حيران آهيان ته ڪهڙو انقلاب آيو آهي — جڏهن منهنجي ضرورت هيس، تڏهن ته نه ايندي هئي. هاڻي جڏهن قانوني طرح

اها ضرورت پوري ٿي اٿس ته فطري طرح ڪيئن منهنجي ضرورت محسوس ٿي اٿس ....!!

صبح جا نيڪ يارهن ٿيا آهن. آئون گارڊن ۾ پهچي چڪو آهيان. چوطرف نگاه ڪريان ٿو. ڪٿي به پيڙ ڪانهي .... بس، هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو نظر اچن ٿا، جن مان وڏو تعداد پچرن ۾ بند پيل جانورن ۽ پکين جي خدمتگارن، مالهين ۽ چوڪيدارن جو آهي. باقي تعداد مان اڪثريت اهڙن عاشقن جي آهي، جن وٽ نه پنهنجو گهر آهي، نه گاڏي ۽ نه وري ڪيسي ۾ وڏين هوٽلن جي بل ڀرڻ جي گنجائش اٿن — هو پنهنجين محبوبن کي سئون سڌو گارڊن جو ڏس ڏيئي چڙيندا آهن ۽ پوءِ تڏڙيءَ چانو ۾ ويهي ڀڳل دال ۽ چڻن جا ڪوهر ڪائي، يا ڪوڪ جون ٻوتلون پي، ڪنهن ٻوٽي جي اوٽ ۾ ٻيهي. هڪ اڌ .... ڏيئي دل خوش ڪري، ايندڙ پروگرام جو وعدو ڪري پنهنجي پنهنجي ماڳ تي موٽي ويندا آهن — شايد آئون به ....

هوءَ ڪاري رنگ جي ڊگهي ۽ ويڪري برقعي ۾ اچي پئي. آئون سندس آجيان لاءِ اڳتي وڌان ٿو ته ڪئنچٽ جي هٻڪار واسي ٿي چڙيم. هوءَ ڪنهن به قسم جي گرمجوشي ڪونه ٿي ڏيکاري. مون کي سندس رويي تي ڏاڍي حيرت ٿي لڳي — اسان هڪ نويڪليءَ ڪنڊ ۾ ويهي ٿا رهون. آئون تڪ ٻڌي ڪيس ڏسان ٿو.

پر الائي ڇو ھن جي چھري تي اھا ﭘﮭﮏ نظر ڪانہ ٿي اچي، جيڪا عام طور شاديءَ کان پوءِ جوان ڇوڪرين جي چھري تي نمايان ٿيندي آھي. جيتوڻيڪ زيبوءَ جي چھري کي ھلڪي ميڪ اپ، اڳي کان گھڻو وڌيڪ ٺاھيو آھي، پر الائي ڇو مون کي ائين ٿو لڳي ڄڻ ميڪ اپ جو سھارو وٺي ھن جيڪي ڪجھہ لڪائڻ چاھيو، سو لڪي نہ سگھيو — اکين ۾ سوين اداسيون ليٽا پائي رھيون اٿس، جن کي ڪجل جي ڏار بہ لڪائي نہ سگھي آھي. چپن ۾ پيل اڻ وڻندڙ گھنجن کي مئڊورا آف لنڊن جي لپ اسٽڪ جو ٿلھو تھہ بہ ميٽي نہ سگھيو آھي. پيشانيءَ تي مايوسي ۽ محروميت جا ڪربناڪ تاثر سمنڊ جي ڇولين جيان اڀرن ٿا ۽ وري گم ٿي ٿا وڃن — ھوءَ منھن ڪٽي ڏسڻ کان لنوائي پئي. مون کي سنڌس خطن ۾ استعمال ڪيل ھڪ جملو دل تي تري اچي ٿو. مسخريءَ طور چوانس ٿو:

”تون تہ ڪنھن جي امانت ھئينءَ. اڄ ڪيئن ٿي امانت ۾ خيانت ڪرين؟“

ھوءَ حيرت گاڏڙ ڇرڪ مان گھوُر ٿي ڪري. منھنجي منھن تي طنزيہ مرڪ آھي. ھوءَ ڪنڌ جھڪائي ڏکويل لھجي ۾ چئي ٿي:

”مون سان ڇرچا نہ ڪر جاني. آئون توسان دل وندرائڻ آئي آھيان!“ ساڳئي لھجي ۾ پڇانس ٿو:

”چا، اچا دل نہ وندري اٿئي؟“

هوءَ احتجاج طور نهاري ٿي ۽ اندر مان اٿندڙ سڏڪي کي گهٽي ڇڏي ٿي:

”زندگيءَ ۾ پهرئين دفعي تو وٽ آئي آهيان. مون کان ڏک سور نہ پڇين ها. ڏسڻ سان ئي اهڙي ڳالهہ ڪيئي جو اندر ساڙي وڌءِ.“

ٿڌو ساهہ کڻي اکيون اگهي ٿي. آئون سچ پچ سنجيندو ٿي ويو آهيان. پڇانس ٿو:

”اچا هاڻي ٻڌاءِ تہ تنهنجي شادي ٿي آهي ۽ شاديءَ کي سيني فطري مسئلن جو حل سمجهيو ويندو آهي.“

”اهو ضروري ڪونهي تہ شاديءَ کان پوءِ سمورا ڏک سور لهي وڃن! ڪي اهڙيون ڳالهيون هونديون آهن جيڪي شاديءَ کان پوءِ ختم ٿي وينديون آهن ۽ ڪي ڳالهيون تہ پيدا ئي شاديءَ کان پوءِ ٿينديون آهن ۽ مختلف مسئلن جي صورت ۾ اڀري اڳيان اينديون آهن.“

”شادي تہ مون بہ ڪئي آهي. مون کي تہ اهڙو مسئلو پيش ڪونہ آيو.“

هوءَ بحث ڪرڻ جي انداز ۾ متو ڏوٽي چئي ٿي:

”پيش آيو هوندو ۽ ضرور آيو هوندو. ٿي سگهي ٿو تو ان کي مسئلو نہ سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيو هجي.“

آئون ڪيس ڏسندي ڪن گهڙين لاءِ سوچ ۾ پئجي

ٿو وچان. پر جيئن تہ بحث جيترو وقت ڪونهي ۽ نہ وري اسان بحث ذريعي ڪنهن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، ڳالهہ ختم ڪندي چوان ٿو:

”خير ڇڏ منهنجي مسئلي کي. تون ٻڌاءِ، تنهنجو ڪهڙو مسئلو آهي؟“

هوءَ ڳوڙهي تي چاڙهي رکي، رئي جي پلئہ کي آڱرين ۾ وٽيندي چئي ٿي:

”منهنجي مڱڻي کي پنج سال ٿي ويا، آئون ان وقت بہ جوان هيس پر ان ڏينهن کان وٺي مون پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جي امانت پئي سمجهيو—— ڪيترا موقعا اهڙا بہ آيا جو ان امانت ۾ خيانت ڪندي ڪندي بچي ويس!“

هوءَ پاسو بدلائي سولي ٿي ويهي ٿي. ۽ ڏکيو ساهہ کڻي وري ٿي ڳالهائي.

”پنجن سالن جي عرصي تائين صبر ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن عبدالله موڙ ٻڌي سيج تي مون سان گڏ اچي ويٺو، تڏهن خدا جو شڪر ڪيم تہ امانت صحيح سلامت ڌڻيءَ جي حوالي ڪيم—— پر مون ڏٺو تہ هن کي اهو احساس ئي ڪونہ ٿيو تہ ٻيڙيءَ کي ڪناري تائين پهچائڻ لاءِ ملاح کي ڪيترن ڪُنن مان گذرڻو پيو هوندو، ڪهڙن طوفانن سان منهن ڏيڻو پيو هوندو.... ڪيس ايڏو لاتعلق ۽ لاغرض ڏسي منهنجي دل ڦسي پئي!!“

هوءَ ڳالهہ روڪي، اکيون اگهي، ٿڌو ساهہ کڻي،

وري ڳالهائي ٿي.

”شاديءَ کان پوءِ انهن ڏينهن ۾ٽنگ ڪٽي اندران نڪتو. وراندي ۾ مون کي رکو ايترو چيائين. ’مان هلان ٿو. مهيني ٻن ۾ توکي به گهرائي وٺندس.‘

منهنجي هٿن تان مينديءَ جو رنگ به نه لٿو آهي، دل جي ڳالهه ڪرڻ لاءِ حجاب به نه ٽٽو اٿم. ٻن مهينن جي جدائي ڪيئن سهي سگهنديس.... ڏک ته اهو اٿم جو ويندي ويندي گل تي دلاسي جي ٿپڪي به ڪانه ڏنائين!!“

هوءَ سڏڪن ۾ ٻڏي ويئي آهي. اکين مان لڙڪن جون لاڳيتيون قطارون صحرا جي قافلي جيان وهي رهيون آهن. ٻنهي جي دلين تي ڏکن جا ڪڪر ڇانئجي ويا آهن. هوءَ ٽمندڙ نيڻ کڻي مون ڏي ڏسي ٿي. اوچتو ڪو خيال ايندي ڏڪي ٿو وڃان! ٻن مهينن جو وڇوڙو ٻڏي زيبوءَ جا هي حال ٿيا آهن، ته شهناز جو ڪهڙو حال هوندو جنهن کي ڇهن مهينن کان منهن نه ڏيکاريو اٿم متان ائين ته ڪونهي جو، ”هوءَ به روئي ڌوئي هاٽي ڪنهن سان....!!“

---

”سنگت چونڊ ڪهاڻيون“

سنڌي ادب اڪيڊمي

پوسٽ باڪس نمبر ١٣

حيدرآباد سنڌ

# خيرات

پيءُ جي وفات کان پوءِ سياڳي خان کي هرقسم جي آزادي ملي ويئي. جيئن چاهيندو هو تيئن ڪندو هو، ڪيس ڪير به روڪي يا ٽوڪي نه سگهندو هو.

سموري ملڪيت جو مالڪ ٿي وڃڻ بعد نيري بافتي جا سادا ڪپڙا ۽ ديسي چمڙي جو ملتاني کهيتلو ڇڏي، پولسٽر جا عمده ڪپڙا ۽ باٽا جو قيمتي بوٽ ورتائين. خوبصورت واچ سان گڏ، دل وندرائڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊر به ورتائين. روز شام جو ريڊيو ڪڇي ۾ ڳوٺ کان ٻاهر هارين جي گهرن جي آس پاس ڦرندو ۽ سينڊيون وڄائيندو رهندو هو.

ڪٿي ڪٿي لوڙهي جي نڍي هٽڙ جي ڪري ڪنهن عورت جو منهن نظر ايندو هئس ته ٻهن تي ٻيهي ان ڪي ايستائين ڏسندو رهندو هو، جيستائين پريان ڪا پهر ايندي، نظر نه ايندي هيس.!

مهينو سوا اُئين ڦريو پر ڪنهن ڪنگهيس به ڪون. هڪ ڏينهن ڪڇيءَ منجهند مهل وڏيري جي اوطاق جي سامهون وڏي پپر هيٺ ٻالن جو هڪ لڏو اچي لٿو. قاسوءَ ڪين چيو تـه هو وڏيري جي موڪل کان سواءِ اتي نه ٽا ويهي سگهن. تنهن تي ٻالي چيس:

”بابا ڏينهن تپي ويو آهي ننڍڙن ٻچڙن کي گرمي ماري وجهندي. اسان کي ڏينهن ٿارڻ ڏي شام جو

اوطاق ۾ اچي وڏيري کان موڪل وٺنداسين، جي ڇڏيائين ته لک ٿورا نه ته لڏڙو کڻي هليا وينداسين بابا.“

منجهند ڌاري سپاهُو خان اوطاق ۾ آيو ته قاسوءَ کيس لـڏي جي خبر ٻڌائي. گهڙي کن تـرسي، هٿ منهن ڌوئي، ٻه ٽي همراهه ساڻ ڪري هو لڏي ڏانهن روانو ٿيو، همراهن کي ايندو ڏسي پريان رستم ٻالو کين ڪيڪارڻ آيو.

رستم پنجٽيهن ڇٽيهن سالن جـو جوان مڙس هـو. قد جو ڊگهو، رنگ جو ڪارو، بت ۾ پريل، ڊگهيون مڇون، مٿو اگهاڙو ۽ بافتي جي ميري گوڏ ٻڌل. ڪنن ۾ سونيون ڪيوٽيون ۽ ڳچيءَ ۾ ٿلهن مڻين وارو پيلي رنگ جو ڪنٺو هئس.

هو اچڻ شرط وڏيري جي پيرن تي جهـڪي ويو ۽ هٿ ٻڌي پوئتي هٽي بيٺو، ”وڏيرن جي سر جو خير.... بابا ملنگ فقير آهيون، جي پاڙي ۾ رهڻ جي جائڙي ملي پوندي ته وڻنا دعائون ڪنداسون.“

وڏيرو ڪونه ڪڇيو اڳتي لڏي ڏانهن هلندو رهيو، سڀ کان اول سامهون بيٺل اڇي گڏهه تي نظر پيس، جيڪا پنهنجي ننڍڙي کودڙي کي ڏندن سان کنهي رهي هئي. گڏهه جي اڳيان ٻاجهريءَ جا ڪجهه ساوا ڪانا پيا هئا ـــ هڪ ڪتل کنين واري ڪاري ڪڪڙ انهن ڪانن مان سنگ ڳولي پنهنجن ننڍڙن چوزن کي ڦوڙي پئي ڏنا.

وڏيرو تورو اڳيرو ٿيو ته جست جي هڪ ٿـويي جيڏي وٽي تي نظر پيس، جيڪو چانورن جي رب سان اڌو ڳابرو ڀريو پيو هو. وٽي جي ٻاهرين پاسن تي به ڪتي ڪتي چانورن جا ڪٽا لڳل هئا. وٽي کان ڏيڍ فٽ ڪن پري پاٽي چٽڪاريل آليءَ زمين تي هڪ اڇي رنـگ جي آڻن ڪنن واري اپري ۽ ضعيف ڪتي چنگهون تيڙيو آرام سان سُتي پيئي هئي. ڪيس چار پنج ننڍڙا ڳـلر اڪيون پوريو ڏاڍي مزي سان ڌائـي رهيا هئا.

وڏيري تورڙو منهن ڦيرائي کاٻي پاسي ڏٺو ته ڪيس پير جي ٽـُڙَ جي اوٽ ۾ هڪ عورت ننڍڙو ٻار هنج ۾ کنيو تـڏي تي ويٺل نظر آئي. هو سڌو ان ڏي وڌيو ۽ وڏيـرڪي رعب سان پڇيائين: ”فقيرياڻي ڇا پيئي ڪرين؟“

فقيرياڻيءَ منهن ڦيرائي ڏنس ۽ چيائين: ”وڏيرا ٻار کي ٿي پرچايان.“

وڏيرو ڦري سامهون اچي بيٺس، ڪيس چٽائي منهن ۾ ڏٺائين. ڪا خاص ڪانه هئي، متو اگهاڙو هئس، تيز هوا جي ڪري وارن ۾ متي پئجي وئي هئس، رنـگ جي هيءَ به مڙس وانگر ڪاري هئي. منهن ۾ ڪتي ڪتي ماتا جا داغ به هئس، شايد ماتـا جي ڪري ئي هڪڙيءَ اک ۾ جوئر جي ڪٽي جيڏو ڦلو پئجي ويو هئس. مهانڊي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪشش ڪانه هئس.

سپ کان وڏي ڳالهہ تہ ڏاڍي گدلي ۽ ڪچري هئي.
ميرا ڪچرا ۽ بدبودار ڪپڙا، اٽيو ۽ اٽڌوتل منهن
اصل صورت ڏسڻ شرط ڪرهت پئي آئي. پوء خدا
ڄاڻي تہ سفر ۾ اهو حال ٿيو هئس يا اصل کان ئي
اهڙي گدلي ۽ ڪچري هئي. باقي بت جو پنڊو مڙيئي
چگيرڙو هئس. خاص ڪري سندس ٿلها ڏورا ۽ پيريل
پڻنا نيري ڇيٽ جي چست قميص مان ڏاڍا پرڪشش
پئي لڳا.

ڪنن ۾ ٻہ ٻہ چانديءَ جون ڇليون، نڪ ۾ چئين
آني وارو ڪوڙو ڪوڪو ۽ آڱرين ۾ نيري پٿر جي
رچ واريون ٻہ ٿلهيون منڊيون ۽ ٻہ چانديءَ جا
گنڊل ڇلا پيل هئس.

عمر جي لحاظ کان پنجويهن ٽيهن جي ٿي لڳي.
وڏيرو اجا بينوئي هو تہ رستم سٽ ڏئي ٽپڙن ۽
ٺڪرن جي ڍير مان هڪ ڦتوڙ ڪاري رلي ڪڍي
اچي زال جي سامهون وڇائي.

وڏيرو پنهنجي سر اڪيلو رليءَ تي ويٺو، باقي ٻيا
همراهہ پاسي ۾ پٽ تي ويهي رهيا. ويهڻ شرط هوا جي
گهمري سان ڪين ڍونڍ جهڙي ڏپ نڪ ۾ ڇپي ويئي.
وڏيري ناسون هڻندي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تہ ڪيس
پير جي انگهي ۾ ٺمگيل ٻڪريءَ جي ڪل نظر آئي،
جنهن تي نيري رنگ جون چمڪندڙ مکيون جهٽڪي
رهيون هيون.

وڏيـري جي دل چڪر کاڌو. اتي جي ڪيائين، پر ورِي الائي ڪيئن دل پڪي ڪري ويهي رهيو. بدبـودار ڪل جو خيال هٽائڻ خاطـر مُڇ جي پڇڙيءَ کي مروٽيندي فقيرياڻي کان پڇيائين: ”نالو ڇا اٿيئي؟“

فقيرياڻيءَ پنهنجي قميص جي ڳلي مان مارنگ جيڏو ڪارو ٻُبو ڪڍي ننڍڙي کي وات ۾ ڏيـندي چيو، ”جانل.“

وڏيري جون اکيون ٻار جي وات ۾ پيل ٻبي تي ڄمي ويون. باقـي همراهن بہ ان کي ڏاڍي غـور سان پئي ڏٺو، منٽ کن لاءِ هر طرف خاموشي ڇانئجي ويئي. جانل ٿورو منهن مٿي کڻي وڏيري ڏانهن ڏٺـو، جيڪو اڃا تائين تڪ ٻڌي سندس ٻبي کي ڏسي رهيو هو. هوءَ ڪجهہ هڙڪي ويئي آهستي آهستي منهن ٿورو هيٺ ڪري ٻارڙي کي ڳٽي تي چمي ڏنائين. همراهن پاسا موڙيا، وڏيري پڇيس: ”ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري؟“

جانل ننڍڙي کي ٻنڊڻ تي ٿپڪيون ڏيندي چيو: ”نرِوٽو آهي وڏيرا، هي منهنجو آقيسر ٿيندو آقيسر!“

”نالو ڇا اٿس؟“

”نالو گلاب اٿس، جيڙو نالو تس، تيڙو پاڻ آئي.“

جانل ائين چئي ننڍڙي کي ٻہ ٽي چميون ڏيئي ورتيون. گلاب هو نہ انسان جو اولاد پـر وڏيري جي خيال موجب ڪيس انسانن جـو ڪو مهانڊو ئي ڪونہ ٿي لڳو. ڇهن سٽن مهينن جو ڊانگيءَ جي ٽري جهڙو

ڪارو ۽ ٿلهو ٿپرو ٻار، ڀري ڪان جهڙو ٻاهه جي لوساٽيل ڪاري ٻُنبدي پٺي لڳو. ماڻس کي الائي ڪيئن ٿي وٺيو جو هر هر ٿي چميون ڏنائين.

اوچتو ننڍڙي گلاب اوڳرائي ڏيئي وات وارو سمورو کير ڪڍي ڇڏيو، ۽ کير سندس ڇاڙيءَ کان وهندو هڪيءَ تائين پهچي ويو. جانل يڪدم پنهنجيءَ سٿڻ سان ننڍڙي جو منهن اگهيو. اهو ڏسي وڏيري جي دل چڪر کاڌو ۽ اٿڻ جي ڪيائين ته جانل کيس گوڏي ۾ ڇهنبڙي پائيندي ڪجهه وڏيڪ ترسڻ جي صلاح ڪئي.

هي پهريون موقعو هو جو سياڳي خان کي ڪنهن عورت هٿ لاتو هو. هن جو سڄو جسم ڏکي ويو، لڳ لڳ ڪاندارجي ويس. ائين محسوس ڪيائين ته جڻ جسم ۾ ڪنهن تاندن جون چٽنگون پري ڇڏيس. هن ڪنگهي نڙي صاف ڪئي ۽ ڇپن تي زبان ڦيري ٻهارين ڏانهن ڏسندي ويهي رهيو. هنن به زبان ڦيري چپ آلا ڪيا ۽ پاسو ورائي سولا ٿي ويٺا.

وڏيري فقيرياڻي کي ڪجهه چوڻ چاهيو، پر ٿلهو ٿپرو ٻالو به ٿي سڄهيس. سو دل جاءِ ڪرڻ خاطر منهن ورائي پوئتي ڏنائين ته هو سندس گپ شپ کان بي خبر ٽپڙن جي ڍير وٽ پنهنجي پيلي رنگ جي بيمار ٻانگي کي ڳڙ، ٿوم ۽ اٽي جون ننڍيل ڳوڙهيون چڳائي رهيو هو.

سياڳي خان سمجهي ورتو ته ٻالي جي وهم گمان

۾ به ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي جنهن تي هو ناراض ٿئي. سو دل ٻڏي ٻاليءَ کان پڇيائين: ”وڃڻ جو ارادو ته ڪونه اٿوَ نه؟“

هن ٿورو مرڪي وڏيري جي اکين ۾ ڏٺو ته انهن جون سنهڙيون سنهڙيون نسون ڪيس ڳاڙهيون ٿينديون نظر آيون. آخر هوءَ به ته ڪاڏل پيتل عورت هئي، گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو هئائين سمجهي ويئي ته مڙس ونجي ويو آهي، سو پرندڙ باهه تي گاسليٽ وجهڻ خاطر موقعو وٺي اک پڪائينس.

وڏيرو ذري گهٽ آپي مان نڪري ويو، نراڙ تي پگهر جا ڦڙا ايري آيس. منهن ڦيرائي ساٿين ڏانهن ڏنائين جن اکين ئي اکين ۾ چيس، ”ٺيڪ آهي وڏيرا، ڪم ڏيئي ويندي.“

همراهن جي راءِ معلوم ڪرڻ بعد اطمينان جو ساهه کنيائين ۽ اتڻ کان اڳي هڪ دفعو وري ماحول جو جائزو ورتائين ته ڪيس هر شيءِ ساڳيءَ صورت ۾ نظر آئي. اڇي گـڏهه ۽ سندس ڪـودڙو، ڪاري ڪڪڙ ۽ چوزڙا، اڃن ڪنن واري اڇـي ڪتي ۽ ڪيس ڊائيندڙ ننڍڙا گلر، ڇانورن جي رب سان اڏوڳابرو پريل جست جو ٽوپي جيڏو وٽو، رستم ۽ سندس پيلي رنگ جو بيمار ٻانگو، جانل ۽ ننڍڙو گلاب.

اڃا به ڪجهه وڌيڪ سوچي رهيو هو ته اوچتو هوا جي جهوٽي سان هڪ دفعو وري ٻڪريءَ جي ٽنگيل

ڪل جي ڏپ نڪ ۾ گهڙي ويس. خيالن جو سلسلو ٽٽي پيس. کيس پوري ماحول کان نفرت ٿيڻ لڳي، ضمير چيڀڙڻ لڳس ته، ’حيف هجيئي سياڳيا، اهڙي عشق کان ته هوند ٻڏي مرين.‘ وري خيال آيس ته مجبوريءَ ۾ سڀ هلي ٿو. مون ته وسئون ڪونه گهٽايو. جتي ته ڳاڙهو ڪپڙو ڏنم اتي پهچي ويس پر سڀ اجايو، پيو ته چا ڳوٺ جون ڇوريون به مون ڏي ڪونه ڏسن. چا ته ٿي پٽي پر هي پهريون شڪار ڪونه ڇڏيو.

سياڳي خان جو هي آخري ۽ اٽل فيصلو هو. هن گوڏي تي هٿ رکي اٺندي فقيرياڻي کي چيو: ”چڱو فقراڻ، اسان هلون ٿا، تون شام جو اچي خيرات وٺي وڃجانءِ.“

اٿين چئي وڏيرو پنهنجن ساٿين سميت ويندو رهيو ۽ جانل کين ويندو ڏسي خيرات بابت سوچيندي رهي.

---

نوجوان ڪهاڻيڪار **بادل جمالي** جي ڪهاڻين

جو ٻيو مجموعو:

# سانجهه ۽ سور

## منصور پبليڪيشن

حيدرآباد طرفان جلد پيش ڪيو ويندو.

(انتظار ڪريو)

# ماڳ سندو مامرو

اٺانگن رستن، ڪچن پيچرن ۽ گپ چڪ مان گاڏي کي گهليندو هو ڳوٺ تائين پهچي ويو. سندس سفيد ڪپڙن، توڙي موٽر سائيڪل جو مٽيءَ کان برو حال هو. پر ان هوندي به هو خوش هو، جو ورهين جي ٽٽل رشتي کي ڳنڍڻ آيو هو. ڪالر ۾ ٽنبيل رومال ڪڍي، منهن تان پگهر اگهي، گاڏيءَ جي شيشي ۾ ڏسندي، ڪنگي سان وار ٺيڪ ڪيائين. رومال سان ڪلهن تان دز ڇنڊيندي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. سامهون کان ڪو همراه گاهه جي ڀريءَ سان، اوطاق ڏي ايندو نظر آيس. هو ڪٺولي تي ويهي، سندس پهچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. همراه ايندي شرط گاهه جي ڀري، ڪُتر جي مشين وٽ اڇلائي، ٽڏو ساهه کڻي، وارن کي ڦلهوريندي، هن ڏي وڌيو. هٿ ملائيندي ٻنهي هڪٻئي ڏانهن گهوري ڏٺو، ڄڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هجن. ذهن تي ٿورو زور ڏيڻ کان پوءِ سڃاڻي ورتائون. رسمي خوش خير عافيت کان پوءِ گلي گهر ڏي ويو، ۽ پونگيءَ جي لنگهه تي بيهي چيائين:

”بابا، عثمان توسان ملڻ آيو آهي.“

”ڪهڙو عثمان؟“

”جيڪو ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪندو آهي.“

”اهو، محمد عليءَ وارو پٽ؟“

”هائو هائو.“

”پوءِ وٺي اچينس، ٻاهر ڇه ويهارو اٿئيس.“

”وٺي تہ اچانس، پر تون ڏسڻ جهڙو بہ هجين. جهڙو آهين پاڻ، تهڙو اٿئي گهر. پري کان پئي ڏٻ ساڙي، در کان اندر ڏس تہ رڳو جهرڪيءَ جيڏا ڪانگهارا پيا آهن. ڏاريو ماڻهو ڇا سمجهندو.“

”ابا، عثمان ڏاريو ڪونهي، منهنجو ٻچو آهي. تون وٺي اچينس، هو مون کان موشو ڪونہ ڪندو.“

”نوري ڪٿي آهي تہ ٻهاري ڪڍي؟“

”وئي هوندي پنهنجين ساهيڙين سان ڪچهريون ڪرڻ، ٻيو ڪٿي هوندي.“

”مارڪاپويس، مهينن کان پوءِ بہ اهو خيال ڪونہ ٿو اچيس تہ ابي جي پوڻيءَ مان بہ لامارو ڏيئي ٻهاري ڪڍي وڃان، ڪو پنهنجو پرائو لڙي اچي تہ ائين تہ نہ چوي تہ مڙهو بي پهر آهي.“

”ابا، مڙهي لاءِ تہ اوهان سڀني ڪي ننڊ ڪانهي، سا مون کي بہ خبر آهي. پر هاڻي ڇوڪر کي وٺي اچ تہ مرڳو موٽي نہ وڃي. شاباس هجيس، ڪٿان ويچارو ڪهي آيو آهي. اوهين تہ ٻٽس جي فاتح تي بہ ڪونہ ويا هئاؤ.“

”پوءِ صفا ائين وٺي اچانس؟“

”ٻيو ڪو دهلن دمالن سان آٽينڊينس ڇا؟“

”ڪڏهن پون دهل، چوان ٿو تہ ٻهاري سُهاري

ڏياري پوءِ آڻيانس، يا ائين وٺي اچانس.“

”ابا ڀاريون ڪير ڏيندو. پيٺي چوي ٿي ’اڄ مري ته سياڻ پوءِ ٿئي.‘ تو ۾ اهڙي ٿوم ڪانهي جو همت ڪرين. پيو ڪنهن ڪي منهنجو لاچار هوندو.“

”باهه ڏينس، مون کان ٿـو اهـڙو گند ڀاريو ٿئي! هاڻي هيٺ لهه ته رلـي چنڊي وڇايانءِ، سڄي ڏوڙ ٿي پئي آهي.“

”ابا هيٺ لهڻ جهڙو هجان ها، ته پوءِ ڀاري پاڻ نه ڏيان هـا...؟ يـار، اٿـڻ ويهڻ کان ڪم چڙهي ويو آهي. رڳو ساهڙو ٿو پينڇيم!“

”پلا ڳوڏا مٿي ڪر ته رليءَ کي ناهيان.“

”مٺو پنهنجن هٿن سان ورائين، مون ۾ ايڏو زور ئي ڪونهي. هيٺو ٿي پيو آهيان.“

”هيٺو ٿي پيو آهين، پر مرين ته پوءِ به ڪونه ٿو. پاڻ ته پنهنجا ڪيتا پيو لوڙين، اسان ڪهڙي ڏوهه ۾ ڦاٿاسون جو تنهنجا مُٺاڪا ويهي ميڙيون.“

”پٽ، مون ڪنهن جو ڏاڙو ڪونه هنيو جو ڪيتا پيو لوڙيان، ان ۾ به ڪو رب جو راز آهي.“

”هيڏي ساري ڳوٺ ۾ بيو ڪو هوئي ڪونه، جو رب جو راز اچي توتي ٿيو آهي؟“

”ابا آئون ته ڪٿي گنهگار آهيان، رب معافي ڏيندو. پر حضرت ايوب ڪهڙي ڏوهه ۾ ڦاٿو هو، جو ڪينئان پيا هئس؟“

اٿئي. گوڏ بہ کھڙي پري ڪان پئي مُٺ جي ڏپ اچيس.... کھڙو منهن ڪڍي ڪنهن کي گھر ۾ آڻجي. ان ڪان هوند نہ هجين تہ جند ئي ڇٽي پئي.... هاڻي سولو ٿي نہ گوڏ ڏاهي پڌاندءِ، پچڙ پيا ليئنئي."

"گلڻ يار، شڪر ڪر جو اها راڙ پڌل اٿم. جي ماڳهين اگھاڙو هجان، تہ بہ مون تي ميار ڪانهي، جو محتاج ٿي پيو آهيان...."

"چڱو هاڻي متو نہ ڪاءُ، عينڪ ڏي تہ ٿڪ سان مانجهيانس. ڪانگھارن سان ٿڦي پئي آهي."

"ابا ڪانگھارا ڪونهن اهو اکين حو پاڻي آهي، وهي وهي اتي جمي ويو آهي. پر هاڻي الله جي نالي هن کي وني آءُ، اوطاق ۾ اڪيلو پاڻون پيو ٿيندو."

"چڱو، وني ٿو اچانس، پر ڪا دانهن ڏنئيس تہ پوءِ منهنجي خبر اٿئي.... ۽ پڌ، ڪپڙن جو پڇيئي تہ چئجانس، گرمي تي لڳيم تڏهن ڪونہ ٿو پايان، نہ تہ بہ ٿي وڳا پيتيءَ ۾ سانبيل اٿم."

"هائو ڙي هائو. چوندو سانس، پٺ پيو چوڙيان، تون رڳو وني اچينس."

گلڻ پاهر نڪري ويو ۽ ٿوريءَ دير ڪان پوءِ عثمان کي آڻي گھر ۾ چڏي، پاڻ ويو اوطاق ۾ ڪتر هڻڻ. عثمان ماحول جو جائزو ورتو. چپرائين گھر ڪان اپرندي پاسي، ڪانهن جو لتڻ تيل متنهہ، جنهن کي چئني طرفن ڪان وڏاڻين جي پٽي ڦريل، جنهنجي اندر هڪڙي ڪٽولي

ڪان ڪجهه سوا نلي جاءِ. مَنهه جي وچئين لڙهي سان پڏل ڳوڻ جي جهول، جيڪا پراڻن ٻوندڻن سان ’ٿپ. ڪاڻ جي وچ ۾ بيشمار آڪيرا جن ۾ ’چرچر‘ ڪندڙ جهرڪين جا جوڙا، پٽ تي جهرڪين جون ونيون، ننڍڙا گوگلا مثل ٻچا ۽ پڳل آنن جا ڪوڪا، آڪيرن مان ڪريل سڪل گاهه جون ٽڙيل پکڙيل تيليون، بلغم ۽ ريشي جا ذرا، جن تي مکين جا جهڻڪندڙ ٽولا. پٺيءَ جي ساڄي پاسي واري مٿينءَ ڪنڊ ۾ رکيل پڳل چپن وارو ڪلرانو دلو، جنهن تي ڍڪڻ وانگر رکيل نڪر جو گلاس. ڪٽولي جي پيرانديءَ وارو هڪڙو پاڳو غائب، ان جي جاءِ تي ڪچين سرن جو ٿهيل ننڍڙو ٿودو، ڪٽولي تي وڇايل ڪاري رلي جيڪا رنگ ڦٽڻ ڪري آڇ منهين پئي لڳي، جنهن جي ذري ذري تي ڇوهجي ويل پاڻي يا پيشاب جا داغ، جهرڪين جي ڪريل آنن جا بدبودار پيلا ڇٽا ۽ پراڻين اڳڙين جي پيڙهي تي مٿو رکي ستل، موت جو لڳاتار انتظار ڪندڙ ميرڻ جو جيئرو لاش!!

پونگيءَ ۾ داخل ٿيڻ سان هيڪر ته عثمان کي اهڙي ته بانس آئي جو ذري گهٽ هانءُ کي ڇڪر اچي ويس. رومال ڪڍي نڪ تي رکڻ چاهيائين، پر ائين نه ڪري سگهيو. ميرڻ کي پهرين نظر ڏسڻ سان خوف ۽ حيرت وچان ڏڪي ويو. پر پنهنجو پاڻ سنڀالي سلام ڪيائين. جواب ۾ سيٽيل رڳن واريون ٻه ڏڪندڙ

ٻانهون، آڌر ڀاءُ خاطر آهستي آهستي ڏانهنس وڌڻ لڳيون. عثمان پنهنجو منهن انهن ضعيف هٿن ۾ ڏيرو ڇڏي ڏنو. جهڙوڪر انهن مان ڪيس ڪو سڪون ملڻ جي آس هجي. عينڪ جي ٿلهن شيشن پٺيان، ميرڻ جي ويران اکين جون ماڻڪيون ڦڙڪي پيون. منهن تي سرهائي اچي ويس. سڪل ڏوٺ چپن جا گهنج نڪرڻ لڳس. عثمان جي چهري کي هٿن ۾ جهلي، سندس اکين ۾ گهوري، سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي پڇيائين:

”ابا تون.... عثمان آهين نه محمد عليءَ وارو؟“

”هائو چاچا.“

”يار عثمان....“

آواز نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. ڳالهه پوري ڪري نه سگهيو. هلڪو جهٽڪو کائي سڌڪي پيو. نيڻن جا بادل وسي پيس. گهيت ڏيئي ڳالهه پوري ڪندي چيائين:

”يار اسين تنهنجا مياري آهيون.... پٺيءَ جي عذر خواهي به ڪانه ڪئي سون.“

لڙڪ اکين جي پڇڙين ڪان وهي، منهن جي گهنجن تان ترڪندا، ڏاڙهيءَ جي اڇن وارن ۾ اٽڪي پيس. ڏڪندڙ آڱريون عينڪ جي شيشن ڪان هيٺان لنگهائي، اکيون اگهي، ٿڌو ساهه کنيائين. عثمان ڪنولي جي پيرانديءَ ڪان تي ويٺو. ڪجهه گهڙين لاءِ ڏڪاري ماٺ ڇانئجي ويئي. ميرڻ هڪ ڀيرو وري اکيون اگهيون ۽ چيائين:

”محمد علي، محمد علي هو يار! اهڙا مڙد روز روز

ڪونہ ٿا چاهن. جوان جي مرڻ جي وهي ڪانہ هئي، پر سلهہ ڪائي ڇڏيو هئس .... سندس مرڻ جي خبر ٻڌي آئون ڏاڍو لڇيو ڦٿڪيو هئس تہ پڇاڙيءَ ۾ يار جو منهن ڏسان. پر مون کي ڪنهن ڪونہ آندو ابا .... نيٺ زهر جو ڍڪ پي، ماڻڙي ڪري ويهي .... خدا شل بهشت نصيب ڪريس."

پنهنجي مرحوم پيءُ جي باري ۾ ٻڌي، عثمان غمگين ٿي ويو. سندس مات جو ڪارڻ محسوس ڪندي، ميرڻ گفتگوءَ کي نئون موڙ ڏيندي چيو:

"پلا، تون پنهنجي خبر ڏي ابا .... ٻڌو اٿم تہ ڪراچيءَ ۾ ڪا وڏي نوڪري ملي اٿيئي."

"چاچا وڏي نوڪري تہ ڪانهي، پر پيٽ گذر لاءِ مڙئي چڱي آهي."

"شخر ڪر ابا، جو ڪنهنجي ڪاڻ ڪيڏي ڪانہ ٿي پويئي .... ڏوڪڙ گهڻا ٿا ملنئي؟"

"شڪر آهي، هزار کن رپيا مهيني ۾ ملن ٿا، دوا درمل جو خرچ بہ ڪمپني ڏيندي آهي. تنهن کان سواءِ ريڊيو جي پروگرامن ۾ حصو وٺان ٿو، اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ لکندو رهان ٿو. اتان بہ چار پنج سئو رپيا ماهوار مليو وڃن. مطلب تہ ڏاڍو خوش آهيان.."

"پلاڙي مڙد. الله ڪندو تہ ويران وڏ هوندين. يار جو پٽ آهين، توکي خوش ڏسي دل ٺري پئي ... پلا شادي ٻادي ڪئي اٿئي يا نہ؟"

”هائو چاچا، شادي به ڪيم ۽ خدا پٽڙو به ڏنو اٿم.“
”واهه ڙي واهه! چوندا آهن ته مڙسن ۽ گهوڙن جا ڀاڳ ڪنهن ڪونه ڏنا آهن. تنهنجي به الله ٻڌي آهي ابا، خدا ڪندو ته ويڙها وسندئي ... پرڻيو ڪٿان آهين؟“
”پنهنجن مان.“
”نيٺ؟“
”پيري وٽان.“
”پيرو ڪهڙو، موالي؟“
”هائو هائو.“

”پوءِ ابا ڪتيو اٿئي. پيرو پاڻ ڏولڻ جوان هو، ميڙن ۾ ٽوليءَ جي سونهن هوندو هو ... ڀلاڙي پيرا تنهنجو گفتو! ڪهڙو به ڪٿي سوال پڇينس، سمجهه ته جواب اڳيئي کيسي ۾ پيو اٿس ... مڙس مريو وڃن، مڙسن جون ڳالهيون تيون ڳائجن. ... تو به گهٽ نه ڪئي ابا، تو به ملهائي ... مڙسن جو ٻج ڳسي ڪونه ٿو. اسان پنهنجو! مٺ چلهه ۾ ساڙي ڇڏيو ... ٿي پٽ، به نياڻيون اٿم، ڪو هڪڙو ڪٿي ڇٽجي ته سالم ٿيو آهي ...“
ڏک ۽ ٻيوسي ڪان ٿڏو ساهه ڪٽي خاموش ٿي ويو.
عثمان پڇيس:
”چو ڀلا چاچا، اڳي ته تنهنجو ڏاڍو خيال ڪندا هئا، هاڻي ڇا ٿيو اٿن؟“
”ابا، اڳي سڀ ڪجهه منهنجي هٿ ۾ هو، تڏهن

خيال ڪندا ھئا. ھينئر ھرڪو آپي خان ٿيو ويٺو آھي، مون مان سڀ ڪڪ آھن... وڏي نياڻي ۽ ٻن پٽن جون شاديون ڪرائي ڇڏيون اٿم، سي تہ خير سان وڃي پنھنجي منھن ٿيا. باقي مون وٽ وڃي ننڍي ڇوڪري ۽ ننڍو پٽ رھيا آھن، سي پنھنجيءَ ۾ پورا آھن... اٿون ڪنھن کي ياد ئي ڪونہ آھيان...."

ذھن تي بار محسوس ڪندي اکيون پوري، ساڄي ٻانھن نراڙ تي ورائي ڇڏيائين. ساڻس ھمدردي ڪندي عثمان چيو:

"الله ساڃھہ ڏئين، ائين ڪرڻ تہ نہ گھرجين.... ڪڏھن اھو بہ سوچيو اٿن تہ تنھنجو ٻيو ڪير آھي...."

گھڙي ڪن لاءِ خاموشي ٿي ويئي. ان ھوندي بہ سڄي ماحول تي ڏک ۽ اداسيءَ جو شديد تاثر محسوس ٿي رھيو ھو. عثمان موضوع بدلائي ميرڻ کان پڇيو:

"چاچا، ٻڌو اٿم تہ تون گھڻي وقت کان وٺي ٺيڪ نٿو رھين، خبر اٿئي تہ بيماري ڪھڙي آھي؟"

ميرڻ ٻنھي ھٿن سان ساڄي ڄنگھہ کي موڙڻ جي ڪوشش ڪندي چيس:

"ابا بيمارين تہ گھڻي وقت کان پوڳيندو پيو اچان، پر سال کن کان وٺي بنھہ ڪري پيو آھيان.... پھرين تہ سنڌن ۾ سور ھو، ٻُت ساڻو ٿي ٿيو، پر پوءِ بہ ڪُنڙي ٽيڪي پيو ٿرندو ھئس. ھاڻ تہ عُضبا ڇڙڻ کان ئي رد ٿي ويا آھن.... تنھن کان سواءِ ڪنگھہ بہ

ڏيئي چڏيامانِ .... اهو ڏينهن، اچوکو ڏنهن، ڏيڻ وٺڻ تہ نهيو، رڳو پچڻ بہ ڪونہ اچن... بس ابا، پنهنجي پير ۾ پاڻ ڪُهاڙو هنيم، ويٺو لوڙيان."

ڪجهہ دير کان پوءِ ميرڻ شايد محسوس ڪيو تہ ان قسم جون ڳالهيون سندس مهمان کي ڪک ڪري سگهن ٿيون. سو ڳالهہ بدلائي پڇيائين:

"ڀلا ڀي خبر ڏي، پٺين وڏو سگهڙ هو، ان جون کي سوڪڙيون هٿ ڪيون اٿئي يا نہ؟"

"کهڙيون سوڪڙيون چاچا؟"

"اهي ڏور ڳجهارتون."

"نہ نہ. مون اهو رستو ئي ڪونہ ورتو، لڳي ويس پنهنجي پڙهائيءَ ۾.... بابا جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس دوستن چيو تہ 'وڏي غلطي ڪئي اٿئي. هيڏي ساري سگهڙ جو پٽ آهين، ڪجهہ تہ سکين ها.' پوءِ تہ مون بہ پڇتايو پر وقت گذري ويو. هاڻ سوچيان ٿو تہ جيڪر بابا جي ڏور ڳجهارتن ۽ ڪافين جو ڪتاب ڇاپرايان."

"ابا کهڙو نہ ڪسو ڪم ڪيو اٿئي.... روز هڪڙي هڪڙي سوڪڙي لکي ڇڏين ها تہ بہ گنج لڳي وڃن ها.... اهڙو خزانو وري تہ هٿ ڪونہ ايندئي.... تون ننڍو آهين ابا، توکي خبر ڪانهي، مون کان پڇ جو پٺين جو جوين ڏنو هئم. مرهيات ڳجهارتن جو بادشاہ هو. مخدوم غلام حيدر مرهيات جڏهن پينگهاري جي دوري تي ايندو هو تہ هاسيڪار گهوڙي تي ماٺهو

موڪلي، پٺيءَ ڪي ڪچهريءَ لاءِ گهرائيندو هو.... سياري جي برف جهڙين راتين ۾، هر ڳجهارت تي گلاس پاڻي پي، شوڪارو پريندو هو.... مڙس ڪي اندر ۾ باهه هئي، ڪو چرچو هو ڇا!“

ماضيءَ جو قصو ٻڌائيندي، ميرڻ پنهنجي بيماري ۽ تڪليف ڪان وقتي طور، بي خبر ٿيندو پئي ويو. چهري تي، توڙي آواز ۾ تازگي ايندي پئي ويس ڳالهه جاري رکندي چيائين:

”هڪڙي پيري به راتيون ڪچهريءَ ۾ چوٿم چوٿان تي، پر جوان جي ڳجهارت پيهي ئي نه. اِتي مخدوم صاحب چيو، ’محمد علي، هن پيري مون به ڳولي ڳولي سگهڙ آندا آهن. ڏسان پيو ته تنهنجا رستا بند ڪري ڇڏيائون.‘ خبر اٿئي پٺين ڇا چيو هو؟ چيو هئائين، ’بادشاهه، توسان گڏجي آيا آهن، ڪجهه لحاظ تو ٿئيم، جي موڪل ڏين ته ٻڌي ڏيکاريان.‘ مخدوم ٺهڪ ڏيئي چيو، ’جوان اڄ تو کي عام مختياري آهي. ٻڌين يا پڇائين، مرضيءَ جو مالڪ آهين.‘ اها ڳالهه ٻڌي جوان پڙڪو ڪاڏو. ويٺ ٻڌي، کنگهڪار ڪري، سو ڪڙي ڪچهريءَ ۾ ڇڏيائين. ابا خدا ۾ پت ڪرين ته سگهڙن جا وات ٻنجي وياه. به راتيون مٿو هنيائون، پر پيو ٿيو خير.... مخدوم مرهيات، خدا بهشت نصيب ڪريس، دورو پورو ڪري موٽڻ جي ڪئي، پر ڳجهارت ڪانه پڳي. سگهڙن کي چيائين: ”ابا

اوھان جي گھاتي سرنھن ڏني سون، ماڻڙي ڪري ٽڪي ميچو تہ پروچ ڳجھارت سچي ڪري.` سو ابا اھڙيون ڪي بہ ٽي شيون ھٿ ڪرين ھا تہ مرھيات جو روح بہ خوش ٿئي ھئا، تنھنجو بہ سگھڙن ۾ مانُ ٿئي ھا. پر تو اھو گس ڏي ڪونہ ورتو."

"چاچا مون کي پاڻ ان جو ڏک آھي، پر اھو وقت گذري ويو. ھاڻي چا ٿو ڪري سگھجي.... بابا جي سنگتين وٽ سندس ڪي سوڪڙيون آھن. پر اھي صحيح ڪونھن. ھرڪو پنھنجي مرضيءَ سان انھن ۾ نوان نوان ٽڪرا ڳنڍيو ويٺو آھي. اھڙيون شيون محفوظ ڪرڻ مان ڪھڙو فائدو."

"سچو آھين ابا، تون بہ سچو آھين. اڄ ھرڪو پنھنجون پرايون بہ ٽي ڳجھارتون ياد ڪري سگھڙ ٿو سڏائي، پر سگھڙ ٿيڻ ۾ بہ ڪي، ابا، ڪو رونشو ڪونھي!"

جملو ختم ڪنديڏي ڏڪندڙ ھٿ اڻين مٿي ڪيائين چڻ ڪا وسريل ڳالھہ ياد اچي ويئي ھجيس.

"ابا ڳالھين ۾ لڳي الائي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي نڪتاسين. توکي مانيءَ جي صلاح بہ ڪانہ ڪيم.... نيرن ڪندين؟"

عثمان ٿڪاوت کي متائڻ خاطر آڱرين مان نڪاءُ ڪيندي چيو:

"نہ چاچا- آئون نيرن ڪري پوءِ گھوناں نڪتو آھيان. اللہ ججھو ڏيئي."

ميرڻ کي ان جملي تان جهڙوڪر چڙ لڳي ويئي.
منهن ڪابي پاسي ورائيندي، بيزاريءَ مان چيائين:
”ابا، ججهو ڏئي يا ماڳهين نه ڏئي، منهنجي لاءِ
ته ساڳي ڳالهه آهي.“ عثمان حيران ٿي پڇيس:
”چو ڀلا چاچا؟“
ميرڻ مايوسيءَ مان شوڪارو ڀري چيو:
”ان ڪري جو مون کي ته آسروئي ڪونهي....
تون يار جو پٽ آهين ابا، توکان ڪهڙي لڪ ڪجي.
ٽي ٽي ويلا گذريو وڃن، رکو ٽڪر به ڪونه ڏين. ٽڪر
ته ڇا، ڪوهه تان دلو پاڻيءَ جو به ڪونه ڀري ڏين....
اڃان به شابس هجي پاڙي واري مائيءَ کي جو ڳپو
مانيءَ جو ۽ دلو پاڻيءَ جو ڏيو ٿي وڃي... خدا خوش
رکيس، الائي ڪٿي جي پرديسڻ آهي، پر منهنجي اولاد
کان ته چڱي آهي.“
عثمان ڪجهه حيرت ۽ ڪجهه ڏک ڳاڙ انداز
۾ پڇيس:
”چاچا، تنهنجي لولي ۾ ڪٿي پوندا ڇا؟“
”ابا نه رڳو لولو، پر ڪپڙي لٽي جي به ڳالهه
ڪر نه.... هن انگوڇي راڙ کان سواءِ ڪپڙي جي
مون کي ساک آهي.... پر تڏهن به جند نٽا ڇڏين.
جيڪو ٿو گهر ۾ اڻي، سو ٿو چوي ته ”اڙجي ويا
آهيون تومان، مرين به ڪونه ٿو.“ ابا مرڻ لاءِ ته آئون
به تيار آهيان پر ڇا ڪريان. جڏهن خدا پاڻ وٽ گهرائيندو

تڏهن ويندس. جيئري ته رلي ڪٿي وڃي مقام ۾ ڪونه ويهندس....“

ميرڻ جون اکيون وري پڄي پيون. هلڪو سڏڪو ڀري خاموش ٿي ويو. عثمان ڪن گهڙين تائين ته تڪ ٻڌي ڪيس ڏسندو رهيو، ۽ پوءِ ٿڌو ساهه کڻي چيائين:
”چاچا، تنهنجي چوڪرن جو حال ٻڌي سچ پچ ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي، وڏن جو قدر ته ڪير انهن کان پڇي، جن کان موڪلائي ويا، خير، اڄ آئون توکي پنهنجي گهر وٺي هلندس، اتي تون ڏکيو ڪونه ٿيندين. منهنجي گهر وارا تنهنجو گهڻو خيال رکندا. ماني ٽڪي، ڪپڙي لٽي کان وٺي، دوا درمل تائين توکي ڪونه ڇڏبو. باقي زندگي ته آهي خدا جي وس.... منهنجي صلاح آهي ته مان اوطاق مان موٽر سائيڪل کاهي اچي ٿو در تي ٻيهاريان، پوءِ توکي کڻي ان تي ويهاريندس. اصل اڌ ڪلاڪ ۾ هلي ڳوٺ پهچنداسين.... ڪيئن، ٺيڪ آهي نه؟“

ميرڻ جي رڳن ۾ جهڙوڪر ڪو نئون رت ڦرجي ويو. ٻي چئن ٿي ويو، ويران اکين ۾ زندگيءَ جي چمڪ اچي ويس.... بڪ، بيماري اڻ هوند جهڙين ڀيانڪ حقيقتن کان عملي طرح سان آزاد ٿيڻ کان اڳي ئي، اڻ ڏٺي خوشيءَ جو احساس کيس تازگي ۽ قوت بخشي ويو، جنهن جو اندازو عثمان ان مان به لڳايو جو هن وڏي مهرباني، الله آجر ڏيندءِ، شل سکيو هجين. جهڙن

رسمي لفظن بجاءِ چيو:

”تو وٽ مينهن آهي؟“

عثمان پنهنجي حيرت کي لڪائي ڪيس دلداري ڏيندي چيو:

”بلڪل اسان جون ٻه مينهون آهن، ٻئي سئائون آهن.“

عثمان جي جواب ڪان مطمئن ٿيڻ يا نه ٿيڻ ڪان اڳي ئي ٻيو سوال پڇيائين:

”گهر جي اڌو نمون ۽ سرينهون به اٿئي؟“

عثمان ساڳئي لهجي ۾ چيو:

”بلڪل آهن. تون ڪو فڪر نه ڪر چاچا. گهر پهچڻ شرط وهنجاري سهنجاري توکي نوان ڪپڙا پارائبا. نم جي ڇانو ۾ توکي کٽ وجهي ڏبي، مينهن جو نج کير پياربو، تازا ميوا ۽ فروٽ کارائبا. اڌ بيماري ته اتي پهچندي ڏي لهي ويندئي.... ان ڪان سواءِ ڊاڪٽر کي گهرائي تنهنجو علاج به ڪرائبو. خدا ڪندو سگهوئي چڱو ڀلو ٿي ويندين.... باقي هن گند ۾ ته ڏينهون ڏينهن ويندين پوئتي پوندو.... هاڻ وڃان نه گاڏي ڪاهڻ؟“

ميرڻ جهيڻي آواز ۾ چيس:

”ها.... وڃ .... پر ٻڌ .... خير، وڃي سائيڪل ڪاهي اچ.“

عثمان اڃان ٻونگيءَ مان نڪتو ئي مس، ته ميرڻ پٺيان سڏ ڪيس هن مڙي ڪانئس پڇيو:

”ڇاهي چاچا؟“

”ابا، هڪڙي ڳالهه ٻڌ....“

”چؤ.“

”چڳو پلا وچ، سائيڪل ڪاهي اچ.“

عثمان تڪڙو تڪڙو اوطاق ڏي روانو ٿي ويو. ميرڻ پنهنجي ماضي حال ۽ مستقبل جون ڪڙيون مٺيون يادگيريون ذهن ۾ ورجائيندو رهيو. اوچتو سندس ڪنن تي هنڌا جي ’گهر گهر‘ جو آواز پيو، جيڪو ڪن گهڙين کان پوءِ بند ٿي ويو. عثمان ڪنجين جو ڇڳو هٿ ۾ لڙڪائيندو سندس سامهون اچي بيٺو.

”چاچا گاڏي آندي اٿم. پنڌ ڪري ٻاهر هلندين يا ڪٿي هلائڻ؟“

ٿوري دير اڳ ميرڻ جي منهن تي جيڪا تازگي هن ڏٺي هئي، سا هاڻي جهڪي جهڪي پئي لڳس. ڪيس سوال جو جواب ڏيڻ بدران ميرڻ چيو:

”ترس، ته هڪ ٻيري پارن کي گهرائي ڏسان.... ڪانئن موڪلايان.“ عثمان حيرت وچان ڏسندي چيس:

”چاچا پارن توسان هيڏي ڪئي، اجان به هنن کان موڪلائڻ ضروري ٿو سمجهين؟“

ميرڻ ٿڌو ساهه کڻي، ٻڏل آواز ۾ چيو:

”پٽ عثمان، تو جهڙا پٽ خدا شل دشمنن کي به ڏي.... مون جهڙي مرٽينگ شخص سان تون ايڏي همدردي ڪرين ٿو، شل خدا توکي ان جو اجورو ڏي.... شل ٻچن مان لک ٿيئي.... تنهنجي صلاحڻ تي هڏن

۾ ساهه پنهنجي ويم، پر.... پر الائي ڇو هتان نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳيم.... آئون.... آئون پنهنجا ڪک ڇڏي ڪونه هلي سگهندس!!!“

عثمان ڀونگيءَ جي لنگهه تي بيهي، ڪن گهڙين تائين حيرت مان گهوريندو رهيو ۽ پوءِ موڙ ڪائي، ڪک سان هنڊا ڪي اسٽارٽ ڪري، ڊوڙ اڏائيندو ٻاهر نڪري ويو.

---

O ”انسان کي سڀ کان پياري شي آهي پنهنجي زندگي، جا هن کي صرف هڪ دفعي جيئڻ لاءِ ملي ٿي؛ تنهنڪري اها زندگي هن کي اهڙيءَ ريت گهارڻ گهرجي، جو هو ائين محسوس نه ڪري ته ٻاڻ جيڪي ڏک ۽ تڪليفون سهي ٿو، سي سڀ بي مقصد پيو سهي: اهڙيءَ طرح جيئي، جو آخر ۾ پنهنجي گذريل زماني تي نظر ڦيرائيندي، سندس گيد پائيءَ ۽ اجائي زندگيءَ تي ڪيس ڪنڌ جهڪائڻو نه پوي: ائين جيئي، جو مرڻ وقت هو چئي سگهي ته ’مون پنهنجي زندگي ۽ پنهنجي سموري طاقت دنيا جي هڪ اوچي آدرش لاءِ خرچ ڪري ڇڏي- ۽ اهو اوچو آدرش آهي ’انسان ذات جي آزادگي!“

—— لينن

# مٺيون پيڙي پيچ

هڪ تيز بخار، پيو مٿي ۾ ڦيري، ٿيون سڄي جسم ۾ سور، ساهيون ڪندي هو ميل ڪن پنڌ ڪري ويو، پر اجا به شهر تائين پهچڻ لاءِ کيس ٽي ميل پنڌ ڪرڻو هو، ٿڪجي ساڻو ٿي پيو - مٿي تي ٿوال جي پيندي پڌي رستي جي ڪپ تي ڍِبَل نم جي ڇانو ۾ ليٽي پيو - تيز بخار تڪليف ۽ نستائيءَ جي ڪري سمهڻ شرط ننڊ اچي ويس - چڱي موچاري ننڊ ڪري اٿڻ بعد بخار ۾ وڌيڪ تيزي ۽ سور ۾ واڌارو محسوس ڪيائين. منهن مٿي ڪري ڏٺائين ته سڄ پهر ڪن چڙهيل نظر آيس. جيئن پوءِ تيئن گهٽ ۽ آڪس ۾ تيزي ايندي پئي ويئي.... هو اٿڻ هلڻ کان لاچار هو - خوف ٿيس ته متان گهٽجي گهٽجي جهنگ ۾ مري نه وڃي.

ڪيڏي مهل پريان ڪو پهلوان قسم جو همراه ويندو نظر آيس. هو گرمي ۽ گهٽ کان بينياز ٽڪڙو ٽڪڙو هلندو پئي ويو - کيس ڏسڻ شرط رمونءَ ۾ اچڻ ساهه پئجي ويو - سڏ ڪيائينس: "اڙي يار، او پهلوان، خدا ڪارڻ هيڏانهن اچ."

پهلوان جهڙوڪر ٻڌو ئي ڪونه. هو پنهنجي ساڳيءَ رفتار ۾ ويندو رهيو - رمونءَ پهرين کان به ڪجهه وڌيڪ زور سان وري سڏ ڪيس: "اڙي ادا آئون سخت بيمار

آهيان، خدا جي واسطي ڪلهي تي ڪٽي شهر پيڙو ڪرينم."

"ها- ها- ها." اوچتو هن کي ٽڪل ۽ هيٺي آواز ۾ ڪو بي وزن ٺهڪ ٻڌڻ ۾ آيو- منهن ورائي ڏٺائين ته هڪ سٺ سالن جو پوڙهو بيٺل ڏسڻ ۾ آيس. هن جي هڪڙي تنگ گوڏي کان ويڙهيل هئي، جنهنڪري بيساکين جي مدد سان بيٺو هو.

پير هڪڙو سو به اگهاڙو ۽ مٽيءَ ۾ ڀيوت هئس- نيري باڦتي جي ميري ۽ ڦاٽل شلوار، جنهن جا ور ٻڪين تائين ڪنيل هئس. ساڳئي ڪپڙي مان چتيون لڳل، پگهر ۾ ڀنل قميص پاتل هئس- اڇي ڏاڙهي، ڏگهيون جهڪيل مڇون، وات ۾ ٻه چار ڏلها، بي ڊولا ۽ ڪٽ چڙهيل ڏند، ڳلن ۾ کوپا، اکين تي سنهڙي فريم سان اچن ٿلهن شيشن واري عينڪ، جنهن جي هڪڙي پاسي ڀڳل ڪماني سائي رنگ جي ڌاڳي سان ٻڌل هئي- مٽي تي ابتن ورن سان ٻڌل پٽڪو ۽ ڪلهي تي ميرڙو انگوچو رکيل هئس. هن رمونءَ کي چيو:

"مڇن جي ساوڪ اٿئي، ڳلن تي پور جواني جا موهيڙا اٿئي، تون هيئنر کان ئي ٽڪجي ماڻهن جي ڪلهن تي چڙهڻ جو سوچين ٿو ته اڳتي هلي الائي ڪهڙيون ڏوڦون هلائيندين؟"

"تون چوڏو وڦلين ڪراڙا؟" رمونءَ ڏاڍي خار سان چيس:

”بيماريءَ هٿي ساڻو ڪري وڌو اٿم، هلڻ کان هيٺو ٿي پيو آهيان. منهنجي حال تي ترس نه کاڌو ٿئي، پر مورهين ٿو چرچا ڪرين!“

رمونءَ جو هي جواب ٻڌي پوڙهو وڪ پري ڪيس ويجهو ٿي ويٺو. ساڄي هٿ سان عينڪ ٺيڪ ڪندي چيائينس:

”رحم، ترس، قياس ۽ همدرديءَ جهڙا لفظ اڄڪلهه جي دور ۾ بي معنيٰ ٿي چڪا آهن. نوجوان جي انهن لفظن تي ڪير ويچار ڪري ته پوءِ تو کان وڌيڪ آئون انهن جو حقدار آهيان — پر توکي هي ٻڌي شايد حيرت ٿئي ته آئون ڪن ورهين کان وٽي اٿهي مغرور جوان کي پيٽ لاءِ سندس پٺيان ڊوڙندو ٿو وتان، پر ڪيس ڪڏهن به مدد لاءِ نه پڪاريو اٿم— تون مون کان ته هيٺو ڪونه آهين؟“

”پوڙهي جو جواب ٻڌي رمون خاموشيءَ جي مورتي بڻجي کيس گهوريندو رهيو. ڪن گهڙين بعد رمونءَ ڦڪائي مٺائڻ خاطر چيس: ”ڏاڏا، ايڏو بي همتو ته آئون به ڪونه آهيان. اڄ بيحد مجبور ٿي ائين ڪيم پر سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي؛ هو ٿلهو پهلوان جيڪڏهن ڪلهي تي ڪٺي شهر پيڙو ڪريم ها ته چا ڳسي وڃي ها؟“

پوڙهي انڪار ۾ هٿ لوڏيندي چيس:

”اهي ڳالهيون نه سوچ پيارا، اهو ٿلهو پهلوان ته

چا، جي انهيءَ جي جاءِ تي ڪو عالم سگهورو به هجي ها تہ به منهن ڦبرائي هليو وڃي ها .... تنهنجيءَ تڪليف جو ايذاءُ ٻئي ڪنهن کي ڪونہ ايندو، توکي ئي ايندو .... اچا تہ، ڪجهي منجهند آهي. ڏينهن اچا بہ تپندو، پاڻ وڏيڪ ڏکيو ٿيندين .... ٻن جي آسري تي ويهي رهڻ کان تہ بهتر آهي تہ، تڪليف سهي وڏيون وڏيون پرانگهون ڀري نہ رکو هنيلي جوان کي وڃي پهچ، پر پوئتي ڇڏي وڃينس."

رمونءَ پريان وينڌڙ پهلوان ڏي ڪاوڙ مان نهاريندي پوڙهي کان پڇيو:

"خبر اٿئي تہ انهي جو نالو ڇاآهي؟"

پوڙهي چيس: "انهيءَ جو نالو وقت آهي نوجوان.... ڊوڙي وڃين پڄينس."

رمون وينڌڙ پهلوان کي ڪاوڙ مان ڏسندي جتي پاڻ لڳو.

---

○ "اهو نہ ڏسو تہ 'ڪير' ٿو ڳالهائي، بلڪ اهو ڏسو تہ 'ڇا' ٿو ڳالهائي." —— حضرت علي رض

○ "جيڪڏهن هڪ انسان جي جان وٺڻ کي قتل چئجي، ۽ سوسائٽيءَ جو قانون بہ انهيءَ جرم لاءِ موت جي سزا مقرر ڪري ٿو، تہ پوءِ لکها انسانن جي بي سبب خون وهائيندڙ ۽ وحشي ماڻهن کي جرنيل ۽ فاتح ڇو ٿو سڏيو وڃي؟" —— پال رچرڊ

# سفر ۽ ساٿي

شاپنگ سينٽر واري واقعي کي وسارڻ جي هر اها ڪوشش ڪيائين، جيڪا هو ڪري ٿي سگهيو. پر ان جو تصور، ڊونڊ جي بدبوءِ جيان ذهن جي رڳ رڳ ۾ پيهي ويس. هر لمحي، هر گهڙيءَ اهو ئي منظر اکين آڏو گهمڻ لڳس ۽ هو اکيون پوري، مٿي کي جهٽڪو ڏيئي، پنهي هٿن سان منهن لڪائيندو رهيو. پر ائين ڪرڻ سان به ڪو فرق نٿي پيو. اوچتو کيس ائين لڳو، ڄڻ هو هن ماحول، هن بنگلي ۽ اُن جي رهاڪن جهڙو ناهي. هو هنن کان گهٽو گهٽ آهي. پلا گهٽ نہ هجي ها تہ اهو منظر ڇو ڏسي ها. هو هٽي هرگز نٿو سونهي. هٽي سندس حيثيت ان ڪتي جهڙي به ڪانهي، جنهن کي ڏينهن ۾ ٽي پيرا فارن امپورٽيڊ صابڻ سان نوڪر وهنجاريندا آهن ۽ روزانو شام جو امپالا ڪار ۾ ڪٽي سمنڊ جي ڪناري هوا خوريءَ لاءِ نيندا آهن.... هن جي حيثيت ان لوسي ڪتي سان پيٽي ٿي سگهجي. جيڪو گراه جي پٺيان پڇ لٽڪائيندو هلي ٿو. لعنت هجي اهڙي جيئڻ تي. ٿڪ هجي اهڙي حياتي ماڻيندڙ کي.!

منهن ڪٽي ڪارنر ٽيبل ڏي ڏٺائين، جتي سندس تصوير رکيل هئي. کيس يونيورسٽيءَ جو گائون پاتل هو، چهري تي مردانگي ۽ وقار جي من موهيندڙ مرڪ هيس——

کو خيال ايندي، ڪاغذ جي چٽڪي تي ڪجهه لکي، پڙهڻ لڳو ۽ پتهنجن ئي لفظن تي دل پرجي آيس.... ماسي هن جي لاءِ ماني کڻي ڪمري ۾ داخل ٿي ته حيران ٿي ويئي. ”ابا، هي ڇا! فوٽو ڇو لاٿا اٿئي؟“

”بس ماسي، ان ڳالهه کي اتي ئي ڇڏ.“ سندس انداز ۾ مايوسي ۽ ڏک جو تاثر نمايان هو. ماسيءَ کيس چٺي ڏيئي شهلا ڏانهن موڪليائين. شهلا تي وي لائونج ۾ کو پروگرام ڏسي رهي هئي. چٺي پڙهي پرون تاڻي، چپن کي موڙو ڏنائين.

”هُون .... ته سائينجن هاڻي چٺيءَ تي ٿا گهرائين!.... وڃي چئينس ته حاضر اچان ٿي. ايتري مهلت ملي جو هي پروگرام ڏسي وٺان.“

”بيبي، هن ويچاري پنهنجو سامان ٻڌي رکيو آهي. پانيان ٿي ڪاوڙجي وڃي پيو. تون هلندي منهن ته ڏسي اچينس.“

”واقعي ....!“ شهلا حيرت مان پڇيو. ماسيءَ رڳو مٿو ڌوڻي ائين هاڪار ڪئي، ڄڻ ايـاز جي وڃڻ تي ڏک ٿيندو هجيس. هوءَ موٽڻ لڳي ته شهلا پٺيان سڏ ڪيس.

”ڇو ماسي، مڙس منهنجو ڪاوڙيو، ڏک توکي ٿو ٿئي. خير ته آهي؟“

”بس، ائين ئي.“

شهلا وري به اکين ۾ شرارت ڀري چيس، ”ائين

تہ ڏک نہ ٿيندو آهي. ضرور ڪا ڳالھہ آهي.... سچ ٻڌاءِ ماسي. ڪٿي معاملو گڙ ٻڙ تہ ڪونهي؟"

ماسيءَ جي منهن تي ڪاوڙ جو شعلو ڀڙڪي پيو. پر پنهنجي حيثيت جو خيال ايندي ئي ضبط ڪري ويئي. شهلا جي اکين ۾ ڏسي چيائين، "اهڙا چرچا مون سان نہ ڪندي ڪر امان. آئون تنهنجي ماءُ جيڏي آهيان. مڙسهين بہ منهنجي پٽ جيڏو آهي — ڏک ان ڪري ٿو ٿئيم تہ هنجي نڪاح ٻڌي زال آهين، پر نوڪرن وانگي بہ...."

"بس ڪر ماسي." ڳالھہ پوري ڪرڻ کان اڳ ئي شهلا جھڻڪي وڌس. وڏي آئي آهي نصيحت ڪرڻ واري.... تڪي جي نوڪرياڻي رعب تہ!"

هوءَ پنهنجي منهن ڀڻڪندي ٻيهر پروگرام ڏسڻ لڳي ويئي....

پروگرام ختم ٿيو تہ هوءَ وڏي ڪروڌ مان اياز جي ڪمري ۾ داخل ٿي. هو ڪرسيءَ تي اهليو پيو هو. شهلا جي پيرن جي کڙڪي تي اکيون کولي ڏٺائين. شهلا، ٻئي هٿ چيلھہ تي رکي، نخري سان مٿو هڪ طرف لاڙي، مٿس ٺٺولي ڪئي.

"سائينجن جو نوازش نامو موصول ٿيو. ڪنيز حاضر آهي — حڪم؟"

اياز نيازيءَ سان چيو: "نہ تون ڪنيز آهين، نہ مان ڪو حاڪم آهيان، جو توکي ڪو حڪم ڏيئي

سگهان — توکي ان ڪري سڏايم جو مون حيدرآباد وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي. توکي مون سان ڪا شڪايت هجي ته ٻڌاءِ، جيئن توسان معذرت ڪري سگهان.“

”هي اوچتو ڪهڙو پور پيو اٿئي؟“

”مون کي صرف پنهنجي سوال جو جواب کپي.“

اياز رکو ٿيندي چيو.

”وري ڪڏهن ايندين؟“

”ڪڏهن به نه.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب ته ڏيٺي جي لاٽ سان هيريل اکيون مرڪيوري بلبن جي چمڪ برداشت نه ڪري سگهيون آهن. آئون واپس پنهنجي ننڍڙي گهر ڏانهن وڃان پيو.“

”آخر توکي تڪليف ڪهڙي پهتي آهي. مان به ته ٻڌان .... وقت تي ماني نه ملي اٿئي، نوڪرن مس بهيو ڪيو آهي، يا پيو ڪجهه ٿيو؟“

”نه منهنجو مسئلو ماني آهي، نه وري نوڪرن جو بهيويئر. دراصل پاڻ تي لڳل پابندين ۽ تنهنجي ڇڙ واڳيءَ سان نباهه ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه رهيو آهي. بهتر سمجهيم ته هتان هليو وڃان.“

”سڌريل زندگي گذارڻ لاءِ ڪي پابنديون به قبول ڪرڻيون پونديون آهن. هر فرد کي، پوءِ هو مرد هجي يا عورت. پنهنجين اختيارين جو هڪ الڳ ۽ آزاد دائرو هوندو آهي. مان به پنهنجي دائري ۾ آزاد ۽ خودمختيار

آهيان. توکي کو حق نٿو پڄي ته منهنجي آزاديءَ
کي چِڙ واڳي چوين.“

”اها ڳالهه ٺي ته جهيڙي جو بنياد آهي.... شاديءَ
کان پوءِ زال ۽ مڙس جي ذاتي دائرن جي حيثيت ختم
ٿيو وڃي. هو هڪ ئي دائري ۾ رهي زندگي گذاريندا
آهن. ۽ ان ۾ کو شڪ ناهي ته اسان اڃان تائين
گڏيل دائري ۾ نه اچي سگهياسين. اسان جي ذهنن وچ ۾ جيڪو
خال آهي، تنهن کي اينڌڙ وقت به نه پري سگهندو.“

”ها ـــ تون اهڙيون ڳالهيون چو نه ڪندين جو
بنا جاکوڙ جي پرڏيو آهين. بابا سوچيو ته پنهنجي
ڪنگال پائٽي جو پلو تو ڪريان پر توکي خيال ٿي پنهنجا.“

”مڃان ٿو ته مان پڻهين جو پائٽيو آهيان، پر ان
جو مطلب اهو ڪونهي ته مان پنهنجي ظرف، ضمير ۽
احساسن کي رشتي جو پرم رکڻ خاطر قربان ڪري
ڇڏيان. اهي رشتن جا نٽ بولٽ جسمن کي ته ملائي
سگهن ٿا، پر دليون نٿا ڳنڍي سگهن.“

”تون دراصل اهوئي چِٽاڻو چٽ آهين. جنهنجو
اسان کي انديشو هو. بابا غلطي ڪئي جو توکي ايڏو
رتبو ڏنائين.“

”پڻهين مون کي ذري مان آفتاب بنائي ڇڏيو، سا
ته مون کي به خبر آهي. پر بهتر ٿيندو ته ان موضوع
کي نه ڇيڙ.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب ته مون کي ان ڊرامي جو پس منظر معلوم ٿي ويو آهي ته مون کي هتي ڇو آندو ويو — مون کي اهو به معلوم ٿيو آهي ته تو ۽ تنهنجي ماءُ منهنجي رشتي جي سخت مخالفت ڪئي هئي. ايتريقدر جو زهر کائي پنهنجو انت آڻڻ جي ڌمڪي به ڏني هئي، پر منهنجي ڪاروباري چاچي، اهو ڇئي اوهان کي راضي ڪري ورتو هو ته تو لاءِ ايندڙ هر رشتي جون نظرون تنهنجي جسم تي نه، پر ان جي اوٽ ۾ ملندڙ ڏاج تي لڳل هيون. ۽ تنهنجو پيءُ ڪَس ڪائڻ لاءِ تيار نه هو. ان ڪري ئي هن جي نظر مون تي پئي — هن سودي مان ڪيس ٽن فائدن جي اميد هئي: پهريون فائدو ته ڏاج بلڪل نه ڏيڻ جي ڪري لکين رپيا بچي پوندس. ٻيو ته تنهنجي پيٽ ۾ منهنجي ڪا حيثيت ڪانهي، ان ڪري سدائين تنهنجو غلام ٿي رهندس. ٽيون فائدو ته خاندان وارن جو اهو الزام غلط ٿي ويندو ته هو وڏو ماڻهو ٿيڻ کان پوءِ، مائٽن کان ڇڄي ويو آهي.... مان نئو ڇئي سگهان ته سندس خواهشون ڪيتري قدر پوريون ٿيون. البت ايترو چوندس ته اسان ٻئي گهاٽي ۾ رهياسون.

جيتوڻيڪ مون توسان ذهني هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ وسان ڪونه گهٽايو پر تون ذهني طرح هيٺ لهي نه سگهين. ۽ مان تو تائين پهچي نه سگهيس.“

”تون در اصل احساس ڪمتريءَ جو مريض آهين. جو ٻارنهن مهينا سوسائٽيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ به ايڊجسٽ

نہ ٿي سگھيو آهين.... ڪڏهن اهو بہ سوچيو اٿئي تہ هاڻي تون هڪ وڏي گهر جو ميمبر آهين، تنهنجي اٿڻ ويهڻ جو انداز ڇا هئڻ گهرجي؟ پر تون ڪٿان سوچيندين. تنهنجي تربيت ئي دقيانوسي ماحول ۾ ٿي آهي. جهالت جي خول ۾ ويڙهيو پيو آهين."

"منهنجو ماحول ڪهڙو بہ هجي، پر ان ماحول ڪان تہ بهرحال بهتر آهي. جنهن ۾ عورت لاءِ سندس مڙس جي سڏ ڪان وڌيڪ ضروري ڪم ٿي وي پروگرام ڏسڻ آهي."

"ٽي وي ڏسڻ گناه ڪونهي. هر اهلِ ذوق ڏسندو آهي: بدقسمتيءَ سان تو ۾ جمالياتي ذوق آهي ئي ڪونہ، تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور!؟"

"جمالياتي ذوق ٿورو ڪي گهڻو، هر انسان کي هوندو آهي. پر ان کي پرکڻ لاءِ هرڪنهن وٽ پنهنجي پنهنجي الڳ ڪسوٽي هوندي آهي.

مثال طور: ڪنهن ماڊرن شاپنگ سينٽر جي چاڙهين تان لهندي، ڪا خوبصورت پرڻيل عورت اوچتو ٿاٻو کائي، پنهنجو پاڻ کي محبوب جي ٻانهن جي سهاري ڇڏي ڏئي، تہ ان منظر ۾ بہ عام ماڻهوءَ لاءِ ڀرپور جماليات موجود آهي. پر ساڳئي وقت اهو منظر ڪنهن ٻي پهچ مرد جي ضمير کي ڪچي گار بہ آهي."

"اياز توکي اهڙيون واهيات ڳالهيون ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي. ڇا تو ان لاءِ مون کي پنهنجي

ڪمري ۾ گهرايو آهي ته آزاديءَ سان ڳاريون ڏيئي سگهين."

"ڳالهه پڌ شهلا. مون هيل تائين تنهنجي معاملي ۾ پنهنجو پاڻ کي بليڪ ميل ڪيو آهي. پر هلاٺي وڏيڪ سهپ ڪانه اٿم ـــ اڄ ته اڄ گڏجي اعتراف ڪريون ته پاڻ هڪٻئي جا ساٿي ثابت نه ٿي سگهياسون....
مون کي اهو چوڻ ۾ ڪابه هٻڪ محسوس ڪانه ٿي ٿئي ته نه مان تنهنجو آئيڊيل آهيان، نه تون منهنجي پسند آهين. اسان هڪٻئي تي زوريءَ مڙهيا ويا آهيون، جنهنجو اسان ٻنهي کي احساس آهي، پنهنجي گڏ رهڻ جا سمورا امڪان ختم ٿي چڪا آهن. ان ڪان اڳ، جو ڪنهن ڏيهڻ ۾ ڦاسي پئون، اسان کي هن مسئلي تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي."

"مان ڪجهه نٿي چئي سگهان. ان مسئلي تي بابا سان ڳالهاءِ."

"ان سان ڇو ڳالهايان ـ انهي ٿي ته گهران وٺي اچي مون کي دربدر ڪيو آهي. مسئلو آهي پاڻ ٻنهي جو، جيڪو اسان کي ئي نبيرڻو آهي. مان نٿو چاهيان ته تنهنجي پيرن ۾ پنهنجي تصور جو زنجير ٻڌي ويهان ۽ نه وري اهو پسند ڪندس ته سڄي ڄمار تنهنجو طفيلي ٿي رهان...."

"اهي پيٽ پرائي جون ڳالهيون آهن، اياز تنهنجي وچڻ جو مون تي ذري جيترو به اثر ڪونه ٿيندو. پر

هتان نڪري تون ڏاڍو پڇتائينديـن.“

”اها تنهنجي غلط فهمي آهي شهلا. آئون ڪاٺيءَ جي ڪپڙن ۾ آيو هئس ته ڪاٺيءَ جي ڪپڙن ۾ ئي هليو ويندس. مون کي بنگلي ۽ ڪار جي نه، ڪنهن سچي ساٿيءَ جي ضرورت آهي. زندگيءَ جي هـن ڏکهي ۽ ٿڪائيندڙ سفر ۾ ڪو اهـڙو ساٿي هجي، جيڪو منهنجا ڏک سور ونڊي ۽ پنهنجي ڏک سک ۾ مون کي شـامل ڪري .... جياپـي جـي جنگ وڙهندي، مـان رتو ڇاڻ ٿي ڪري پوان ته منهنجي زخمن تي ملم رکي، مون کي ٻيهر وڙهڻ لائق بنائي سگهي. پر جي ٿڪجي ساڻو ٿـي، پنهنجي ٻيوسيءَ تـي روئي پوان ته پنهنجي سيني سان لڳائي آٿت ڏيندي منهنجا لڙڪ اگهي ڇڏي.“

هـو ٿڪل انداز ۾ اڳتي وڌيـو. ٽيلهو ڪلهي ۾ لڙڪائي، ڪتابن ۽ تصويرن سان ڀريل ٻئي ٻڪون هٿن ۾ ڪٽي، لمحي لاءِ در تي بيهي، شهلا ڏانهن ڏٺائين.

”مان وڃان ٿو شهلا .....“

شهلا جهڙوڪر سڪتي ۾ اچي ويئي ڪيس سمجهه ۾ ئي ڪونه پئي آيو ته ڇا ٿي رهيو هو. خـالي ذهن سان اڪيون ڦـاڙي ايـاز کي ڏسندي رهي ـــ هو ڳورن قدمن سان ويندو رهيو، مرڪيوري بلبن جـي روشنيءَ جو دائرو ڪٽي پيو. پر اياز جا قدم اڳتي وڌندا رهيا.

# غــــنـــدو

لياقت اسپتال جي بس اسٽاپ تي ڪجهه ماڻهو لٿا. ڪي سيٽون خالي ٿيون. هو ڪابي پاسي ٻهاڙ واريءَ سيٽ تي وڃي ويٺو. بس اڃا بيٺي ئي هئي ته هڪ ٿلهو ٺيرو قداور جوان، جيڪو چيڪ جي اوپن شرٽ ۾ ملبوس هو، سنڌس پر ۾ اچي ويٺو. هُن هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. بس رواني ٿي ته پاسي ۾ ويٺل همراه ڪي ٿو جو سگريٽ دکائي، وڏو ڪش هڻي، پاڪيٽ پتلون جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو.

بس جي مردانيءَ ۽ زناني حصي جي وچ ۾ لوهه جون سيخون لڳل هيون، جن مان ٻنهي پاسي ويٺل مسافر هڪٻئي کي آساني سان ڏسي ٿي سگهيا. زناني حصي ۾ ڪابي پاسي واري پاسيريءَ سيٽ تي ٽي عورتون ڪاري رنگ جي وڏن ويڪرن برقعن سان ويٺيون هيون. برقعن جي مٿان سفيد رنگ جي موتين جون قطارون لڳل هيون. وچ ۾ ويٺل عورت جي هٿن ۽ پيرن تي ميندي، اکين ۾ ججهو ڪجل ۽ چپن تي مساڳ لڳل هو. سنهڙي نقاب مان نٿ، ٽڪڙو ۽ ٻيا زيور ٻه چمڪندي پئي نظر آيس ڏسڻ ۾ هوءَ ڪنوار پئي لڳي. باقي ٻئي عورتون ڪيس ڪافي اهميت ڏيئي رهيون هيون. عام طرح سنڌ ۾ عورتون ايڏي اهميت صرف ڪنهن وڏ گهراڻي مهمان خاتون يا ڪنهن ڪنوار کي ئي ڏينديون آهن. ان مان به هن جي ڪنوار هجڻ جو

سنڌس چمچي ”تين هٽي تين هٽي“ جا آواز بلند ڪيا. بس ۾ هلچل مچي ويئي. مسافر لهڻ خاطر دروازي ڏي وڌڻ لڳا. سامهون زناني حصي ۾ ويٺل تيئي ڪارن برقعن واريون عورتون به اٿي بيٺيون. بس تين هٽيءَ جي چو طرفي ٽريفڪ مان نڪري، ڪوارٽرن جي پٺ لڳ اچي بيٺي. عورتون به لهي، سامهون فٽ پاٿ تي وڃي بيٺيون. زاهد دريءَ مان منهن ڪڍي، هڪ نظر کين ڏٺو ۽ هن محسوس ڪيو ته سنڌس پر ۾ ويٺل همراه ڏاڍي اٻاڻڪائيءَ سان ۽ بس ۾ ويٺل باقي مسافرن به کين غور سان پئي ڏٺو.

ايتري ۾ بس مان به نوجوان لٿا ۽ ڪلندي فٽ پاٿ تي بيٺل عورتن وٽ وڃي بيٺا. هڪڙي جي هٿ ۾ پلاسٽڪ جي ٽوڪري هئي. ٻنهي کي نيري رنگ جي جينس جون پتلونون پيل هيون. هڪڙي کي رتي ڳاڙهي رنگ جي نائلون جي اڌ ٻانهن واري ريڊي ميڊ شرٽ ۽ ٻئي کي سائي رنگ جي وڏن ٻوٽن واري فليٽ جي قميص پيل هئي ڪنوار خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه ڪئي جو ٻئي نوجوان اکين ۾ شور وجهي بس ڏي نهارڻ لڳا.

ڪنڊيڪٽر سيٽي وڄائي، بس زوڪات ڪري اڳتي وڌي. اوچتو پٺيان ڪنهن سڏ ڪيو، ”رڪو ڙي استاد روڪو“! اسٽاپ کان پندرهن ويهه قدم اڳتي وڃي بس بيٺي— ڳاڙهي شرٽ وارو نوجوان ڊوڙندو اچي بس ۾ چڙهيو. سڀ ماڻهو ڪيس حيرت مان ڏسڻ لڳا. هن سنئون سڌو زاهد کي وڃي ڳاٽي کان جهليو ۽ سٽ ڏيئي

ڪيس سيٽ ڪان ٻاهر گهلي آيو. بس اندر تجسس پڪڙجي ويو. ڪجهہ ماڻهو ڇڏائڻ خاطر اٿيا ۽ جهيڙي جو سبب پڇيائون. جنهن تي ان نوجوان چيو، ”اڙي دلے کا بچا زناني لوک کو آنک مارتا هے.“ هن جو ائين چوڻ ۽ زاهد تي موچڙن جو وسڪارو شروع ٿيڻ، ڪنهن چمات هنيس تہ ڪنهن ٺونشو. هڪڙي ٻچي ڏاڙهيءَ واري ڪراڙي پان جي ٽڪ اڇلائيندي چيو، ”ابي ليجائو سالے کو ٿاڻے پر.“ هن جي ڳالهہ کي وزن ڏيندي سندس پر ۾ ويٺل ٻئي ڪراڙي چيو، ”سالا شڪل سے هي تو گندا لگ رها هے“ ڌڪا ڏئي، مڪون هڻي زاهد کي بس تان لاٿو ويو.

ايتري ۾ ٻيو نوجوان بہ اچي پهتو، جنهن اچڻ سان زاهد جي ڪنن ۾ هٿ وجهي پوري زور سان ڪيس نراڙ تي ٽڪر هنيو، هن ڪان رڙ نڪري ويئي، اکين آڏو اونده اچي ويس. ساڳيءَ ساعت ٻيو ٽڪر نڪ تي هنيائينس - نڪ مان رت جو ڦوهارو ڦٽي پيس ۽ ساڌو ٿي ڪري پيو. ٻنهي نوجوانن کيس ٻانهن کان جهلي، گهليندي اسٽاپ تي آندو، تماشو ڏسڻ وارن جو ميڙو لڳي ويو. ڳاڙهي شرٽ واري همراهہ مجموعي کي هڪ طرف کان هٽائيندي چيو. ”هٽ جائو“ اپي همارا عورت اس سوئر کي منہ پر ٿوکي گا.“ ٽنهي عورتن وٽ پهچڻ بعد، سينو تاڻي، هن فخر سان چيو: ”گنجو ادهر کو آؤ اور مارو کنجر کو جوتا ....“ ٽيئي عورتون برقعن جا نقاب

هٿائي زاهد ڏي وڌيون. زاهد رت ۾ رڱيل، ڪپڙن سان مجموعي جي وچ ۾ گوڏن ۾ منهن ڏيو سڏڪا ڀري رهيو هو. ڪنوار ڊگهي ڪڙيءَ وارو سينڊل هٿ ۾ ڪٽي ٻه وکون اڳتي وڌي، ڪيس هٿ لاءِ هٿ مٿي ڪنيو، زاهد گوڏن مان منهن ڪڍي، ٻيوسيءَ مان پنل اکين سان ڏانهنس ڏٺو. سندس نڪ، وات ۽ پيشانيءَ مان برابر رت وهي رهيو هو. ڪيس ڏسڻ سان هيڪر ته ڪنوار ڏڪي ويئي. پر دل جهلي، هڪ ساعت لاءِ سندس اکين ۾ اکيون وجهي گهوري ڏٺائين ۽ پوءِ خبر ناهي ڇا سوچي هن ڏک هٿ ڪان سواءِ پنهنجو کنيل هٿ هيٺ ڪري ڇڏيو ۽ سينڊل پير ۾ پائي ڇڏيائين. چوڌاري بيٺل ماڻهو ڪيس حيرت مان نهارڻ لڳا ويجهو بيٺل هڪ شخص چيو: ”ڪيا هوا بيٽي؟ مارتي ڪيون نهين ڪميني ڪو؟“

ڪنوار منهن ڦيرائي پهرين پنهنجن ساٿين ڏي، ۽ پوءِ چوڌاري بيٺل ماڻهن ڏي ڏٺو ۽ انتهائي پشيمانيءَ ۾ ٻڏل آواز ۾ چيائين: ”يه وه نهين هي.!“ حيرت مان سڀني جون اکيون ڦاٽي ويون. پوري ميڙ تي موت جهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي. آهستي آهستي هرڪو پنهنجو رستو وٺي هلڻ لڳو.

ٿوريءَ دير ڪان پوءِ زاهد وٽ ڪا پهر ڪانه هئي. هو، اکيون پوري پٽ جي ڇانو ۾ ڍرڪي پيو.

—

# آڻ مندائتا بادل

هوءَ وهنجي سهنجي، ڪپڙا بدلائي تيار ٿيڻ لڳي- وارن کي ڦٽي ڏيئي، جائيتو ڪرڻ بعد، پائوڊر جي پراڻي دبيءَ کي چنبڙي، ٿورو پائوڊر ڪڍي منهن تي مکيائين- لپ اسٽڪ لاءِ ڏاڍيون جهوتون هنيائين، پر ڪانه لڌيس. نيٺ لاچار ٿي، مساڳ چيت سان چپ رڱيائين. ماچيس جي تيليءَ تي لڱل پراڻي ڪجل سان اکيون چهريون ڪري، وارن کي آخري دفعو ڦٽي ڏيئي، آرسيءَ ۾ پنهنجو جائزو وٺندي مرڪي ڏنائين ۽ هڪ دل ليپائيندڙ ادا سان ٻئي هٿ ڪياڙيءَ تاڏين مٿي کڻي، ٿورڙو پاسيرو ٿي، ڪَرَ موڙيائين. آرسيءَ ۾ پنهنجي اپريل سيني جو عڪس ڏسي، لاشعوري طور ٻئي هٿ ان تي ڦيرائيندي اوٻاسي ڏنائين. دل ۾ ڪتڪتايون ٿيڻ لڳس.

پورو قد، ڪڻڪائون رنگ، پريل ڳِٽا، چونڊيل پرون، ڊگها پنبڻ، ڪجليون اکيون، وري گهاٽي نيري رنگ جي شلوار قميص ۾ هوءَ اڄ ساڳي نسيم، پر ڪنهن شاعر جي تخليق ٿي لڳي....

ٻاهرئين در جو هڪڙو طاق کولي منهن ٿورو ٻاهر ڪڍي، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. گهٽيءَ ۾ ڪن پاڙي جي ٻارن کان سواءِ ٻيو ڀهر ڪانه هئي. مٿي تي رئو سولو ڪندي، دل جهلي ٻاهر نڪتي. هڪ دفعو وري گهٽيءَ جو جائزو ورتائين ۽ تڙتڪڙ ۾ در کولي ڪڙو ڏيئي، تيزيءَ سان سامهون واري دروازي ۾ گهڙي

۾ ڪا ٿلهي متاري پٽ ملي ويٺي هجي ۽ شڪار کي
چيري ڦاڙي کائڻ کان اڳ، ڪچڙي گوشت جي خيال
کان وات پاڻي ٿي پيو هجيس!.... دل ٿيس ته هن جي
هٿن کي جهٽڪي سان هٽائي، ڀڄي وڃي پنهنجي گهر
۾ ساهه پٽي!!

پر .... پر گهر ۾ ساهه کڄيس ها ته پرائي چؤنٽ
چو ٿپي ها؟ بند ٽتريءَ جيان هڪ ئي گهر ۾ گذران
ڪرڻ جي باوجود مڙس وٽ ڪهڙو قدر هئس؟ شاديءَ
جي ٻارنهن مهينن ۾ ڪهڙو سک ڏٺو هئائين؟ ڪهڙي
آرزو پوري ٿي هئس؟ هوءَ جوان هئي، سندس خواهشون
به جوان هيون. هڪ جيڏين ڪنهن جي آزاديءَ سان
گهمندي ڦرندي ڏسندي هئي، پاڻ به اهائي آزادي
چاهيندي هئي. هن ڪي به پاڙي وارين وانگر رنگ برنگي
ڪپڙا پائي، پرس هٿ ۾ ڪٺي، مڙس سان ڪلهو ڪلهي
۾ ملائي شاپنگ ڪرڻ جي آرزو هئي. هن جي به دل
چاهيندي هئي ته گهر ۾ ويٺي ويٺي بوريت محسوس
ڪرڻ جي صورت ۾ ايتري اجازت هجيس، جو ٿوريءَ
دير لاءِ ڪٿي تفريح لاءِ وڃي سگهي ۽ خاص خوشيءَ
جي موقعي تي اوڙي پاڙي جي سرتين سان ڀاڳي ڀائيوار
ٿي سگهي، يا موڊ ٺيڪ تي هڪ جيڏين سان گڏجي ڪا
فلم ڏسي سگهي. فلم؟ هاءِ ....! فلم جي ته هوءَ ديواني
هوندي هئي. ڪڏهن شادي مراديءَ جي موقعي تي،
حيدرآباد ويندي هئي ته پنهنجي ڀاڃائي پروين سان گڏجي
به ٽي فلمون ضرور ڏسندي هئي. فلمن ۾ به جهڙي تهڙي

ڪونہ آيو . .... ڪڏهن اتفاق سان اهڙي رپورٽ ملندي هيس. تہ پوءِ ان ڪي وچي در تي بيهي، صلواتون سٽائي ايندو هو. هن جا اهي، افعال ڏسي، پاڙي وارن سندس گهر جي پڇرڻي ڇڏي ڏني. ۽ نسيم پنهنجي ڏسي گهر ۾ يرغمال بڻي پئي هئي . .... هن جـو قصور رڳو اهو هو، جو شاديءَ جي ڇوٿينءَ رات، مڙس ساڻس شڪايت ڪئي هئي تہ هوءَ ڪيس 'پيار جي موٽ نٿي ڏئي.' خبر ناهي ڇا سوچي هن ٺهہ پهہ چئي ڏنو هئس: "تون منهنجي پيءَ جيڏو آهين، توکي ڪهڙي موٽ ڏيان." هن جو ائين چوڻ ۽ هاشم کي تاندو لڳڻ. اهو ڏينهن، اچوڪو ڏينهن، اصل پاڻ ۾ "چاندڀا منگسي" ٿيو ويٺا آهن ـــ ٿوري ٿوري ڳالهہ تان ٺڪ لعنت تہ روز جي ڳالهہ ٿي پئي آهي، جڏهن تہ ڊيڪ ڏيڻ تي ناهوڪي مـار مقرر ٿيل آهي . .... هن جا مائٽ هڪڙا ڪُتل، پيا پري، وچي تہ ڪٿي وچي. دانهن ڏئي تہ ڪنهن کي ڏئي. بس، مٽي بہ ماٺ تي مٽي بہ ماٺ. ويهارو ڏينهن جو ٿيو جو پانديءَ جو نياڻو گذاري ويو، سا وٺي اوڏانهن. مسين مسين نسيم سک جو ساه ڪنيو.

پڇري ۾ بند پيل پکيءَ کي، پڇري مان ڪڍي، ڊگهي ڏور سان ٻڌي ڇڏيو تہ هيڪر ڏاڍو خوش ٿيندو. هر هر پرڙا هڻي، پڙڪو ڏيئي، ڏور جي حد تائين اڏامندو. جيتوڻيڪ اهي ننڍڙا پڙڪا کيس دائمي آزادي تہ نہ ڏيئي سگهندا، پر وقتي خوشي ضرور ڏيندا ـــ نسيم جي

۽ هينئر ان پڪيءَ واري ڪيفيت آهي. پاندي چا وئي،
هن جي منهن تي رونق اچي ويئي آهي. هن پنهنجا پراڻا
اصول، ڪني مڇيءَ جيان پيچ ڪان وٺي اڇلائي ڇڏيا
آهن. نوان خيال نيون خواهشون، پاڻ وٽائڻ جون، جيون
ماڻڻ جون .... جوڀن جي هر گهڙي، گلاب جي پنکڙيءَ
جيان نازڪ ۽ پاڻيءَ جي ڦوٽي جيان ناپائيدار هوندي
آهي. گهڙيءَ جي ”ٽڪ ٽڪ“ سان گڏ، گذري ويندڙ
ساعت: ڪنهن به قيمت يا ڪوشش سان موٽائي نٿي
سگهجي. وقت جي ان لمحي مان جيڪي ڪجهه حاصل
ڪبو، اهوئي ان لمحي جي عطا ۽ قيمت هوندي ۽
هن جي زندگيءَ جا سچا سارا ٻارنهن مهينا بي مقصد
گذري ويا... هيڏي ساري عرصي جي ڪنهن به گهڙيءَ
مان هن ڪوبه فائدو نه ورتو. غلطي ڪيائين .... پر خير،
اڳتي لاءِ اهڙي بيوقوفي نه ڪندي. جوانيءَ جي گل
جون باقي رنگين پنکڙيون سندس ئي حصي جون آهن
هوءَ انهن جي خوشبوءَ جو پورو واس وٺندي، جوڀن
جي مالها جا سمورا موتي جهوليءَ ۾ جهلي ڪنهن اهڙي
پريتم کي پيش ڪندي، جو انهن جو قدر ڪندو هجي،
قيمت چاهندو هجي!

ويٺي ويٺي ائين لڳس، ڄڻ ڪو فيصلو ڪري ڇڏيائين —
تپ ڏيئي اٿي ۽ شب برات جي خوشيءَ ۾ تيار ڪيل
سيري جي ديڳڙي کولي، ان مان چينيءَ جي ٿاهوڪي
پليٽ ڀري، منصور جي ڪمري ۾ پهتي — منصور،
سندس گهر جي سامهون واريءَ جاءِ جي مٿين حصي ۾

رهندڙ، پڙهيل ڳڙهيل ۽ سريلو جوان، جو شايد ڪنهن چڱي اداري ۾ ملازم آهي، جنهن ڪيترائي ڀيرا ڪيس پاڻ ڏي متوجه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هوءَ ڇڪ محسوس ڪندي به ڪنهن خوف کان هميشه ڪنڌ جهڪائي، گهر ۾ اندر وڃي ويهي رهندي هئي....
هو نسيم جي اوچتي مهربانيءَ تي حيران ٿي ويو. هو اڄان ڪيس ’ٿئنڪ يو‘ به نه چئي سگهيو هو جو هوءَ پليٽ ٽيبل تي رکي، تيزيءَ سان نڪري ويئي هئي. هو سڄي رات سوچيندو رهيو، پر ڄڃي نه سگهيو ته نسيم ڇو ائين ڪيو.

اڄ صبح جو سوير، هميشه وانگر هاشم واڙي تي هليو ويو ۽ هوءَ راتوڪيون پليٽون کڻي، منصور جي ڪمري ۾ پهتي.

ڪنهن ڌارئي مرد جي هٿن ڪي پاڻ ڏي وڌندي ۽ پنهنجو پاڻ کي پٽر جي بيجان مورتيءَ جيان بيٺل ڏسي، هوءَ منجهي پيئي. اڳي ته ڪڏهن به ائين نه ڪيائين، اڄ ڇا ٿي ويو اٿس؟ هوءَ ڇو بيٺي آهي؟ ڀڄي ڇو نٿي؟ اها ڪهڙي طاقت آهي جا روڪيو بيٺي اٿس؟ ڪهڙي ڪشش آهي جا ڌارئي مرد جي هٿن جو ڇهاءُ سهڻ تي مجبور پئي ڪريس؟

سمجهه ۾ ڪجهه ڪونه آيس. البت ايترو ضرور محسوس ڪيائين ته ڪا ڪشش آهي، جا سڀ ڪجهه سهڻ تي ڪيس آماده ڪيو بيٺي آهي. ڪا بي نام طاقت

ضرور آهي، جا ڪيس چرڻ نہ پئي ڏئي!

پروفيسيءَ جي هلڪي هلڪي هٻڪار ۾ رچيل نڊيڙي، پر سينگاريل ڪمري ۾، ماڊرن قسم جي بيڊ تي وڇايل گھاٽي ساڻي رنگ واريءَ چادر مٿان، سندس ڳاڙهي ڳاڏڙ اڇي رنگ جو ڪڪوريل گدري جيان گھٽيل بدن، ڪنهن آسماني آپسرا جو پيڪر پئي لڳو.... سندس اکيون پورجي ويون. هٿن پيرن ۾ ڏڪڻي وٺي ويس— منصور، فاتحانہ مرڪ سان ڏانهنس ڏٺو. ڪيس ائين لڳو، ڄڻ ڪو مضبوط قلعو فتح ڪري وڌائين!

ٿلهن رسن جي پنجوڙ ۾ قاتل هرڻيءَ جيان، پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جي صحتمند ٻانهن ۾ جڪڙيل محسوس ڪرڻ، اکين جي ڪولڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان بہ نہ کلڻ، ڪجھہ چوڻ جي خواهش ڪرڻ، پر نہ چئي سگھڻ، ٽڪ ۽ ساڻائيءَ کان جسم جو ٽٽڻ، لڳن جو لڳڻ سان ڳالهائڻ، نسن مان چڻگون ۽ بدن مان سيسڙاٽ نڪرڻ. اهي ئي تہ اهي لذتون هيون، جن لاءِ هوءَ واجهائيندي هئي. انهن ئي لذتن جي اڻ هوند، سندس زندگيءَ ۾ ڦڪاڻ پيدا ڪري ڇڏي هئي!!

سڪل نوٽ ڌرتيءَ تي وڏ ڦڙن وسڪارا ڪيا. ٻر پٽن تي اڻ مندائتا بادل، اوهيرا ڪري اوتجي پيا.... سالن جي اڃ اجھائي. ورهين جي تئونس لٿي. نوان ٻوٽا، نيون مڪڙيون، نوان گؤنچ— نس نس ۾ سرور. رڳ

رڳ ۾ خمار — منهن تي مرڪ آئي. چپن جا گهنج نڪتا. اداسيون دفن ٿي ويون. جنهن گهر مان نڪرڻ جون دعائون گهريون پئي ويون. اڄ اهوئي وڻڻ لڳو. نه رڳو گهر، پر اوڙو پاڙو وڻڻ لڳو.

شام جا پاڇا لڙيا، سج ٿبي هنئين. در تي هارن وڳو، دل تي چوٽ لڳي. مڪڙيون ڪومائجڻ لڳيون. خيالن جي عقاب ڪي زنجير پئجي ويا. پر .... پر ڪجهه سوچي، مٿي تي رڌو اوڍي اڳتي وڌي .... نئون عزم، نوان ارادا. من ۾ نفرتن جو طوفان، منهن تي هڙادو مرڪ — درکولي، پاسي تي ٿي بيٺي. هاشم، سوزوڪي اندر آڻي بيهاري. ميندي لڳل مچڻ ڪي مروتو ڏيندي زال ڏانهن ڏنائين ته ڏسندوئي رهيو. ٻارهن مهينن ۾ اڄ پهريون دفعو نسيم ڪيس ’گز‘ هنيو! هن اتان ئي ياڪر پائڻ لاء ٻئي ٻانهون کوليون .... نسيم، مصنوعي ادائن سان مرڪندي، شرمائيندي سندس ٻانهن ۾ ويڙهجي ويئي! غلط فهميون دور ٿي ويون، نفرتون محبتن ۾ بدلجي ويون، هاشم سندس پورو ڳڻتو وات ۾ پيري چڏيو. نسوار جي سڙيل بوء، هانوَ ڪي چڪر اچڻ، ساه گهٽجي بيهڻ، بناوتي نخرو ڪري، پاڻ ڇڏائي پيچڻ — هاشم خدا جو شڪر ڪيو ته گهٽي عرصي ڪان پوء ئي سهي، پر نسيم ڪيس پيار جي موٽ ته ڏني!!

---

# بندوبست

”ٻڌو اٿم تہ شادي تي ويٺي اٿئي؟“
”ها.“
”مبارڪون هجنئي.“
”مبارڪون خوشيءَ جي موقعي تي ڏبيون آهن.“
”تہ ڇا، توکي شادي جي خوشي ڪانهي؟“
”نہ“
”ڇو ڀلا“
”ان ڪري جو مڙس مون کي چاچي چوندو آهي.“
”چاچي چوندو، وڏو ڪو بيوقوف آهي!“
”بيوقوف ناهي، پر بي قصور آهي.“
”ڇوڙين ڇا پئي؟“
”سچ تي چوانءِ.“
”دماغ تنهنجو خراب آهي الائي منهنجو؟“
”اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي.“
”تو تہ مون کي منجهائي وڌو آهي.“
”هرويرو ٿو منجهين.“
”مڙس تو زال کي چاچي چوي، آڏون هرويرو ٿو منجهان- ڇريو تہ ڪونهي؟“
”اون هون ....“
”متان ائين تہ ڪونهي جو تون وٽينس نئي، جنهن ڪري نئوليءَ طور چاچي ٿو چوئي؟“

”ائين به ڪونهي.“

”پوءِ ڇا ڳالهه آهي، ڪڏڙو ته ڪونهي؟“

”اڇي ويجهو پئينس.“

”ته پوءِ پڪ صغير آهي. اڙي، هي ڇا تون روئين پئي؟ عقل ڪر، ايڏو بي همتو ٿوروئي ٿبو آهي — اڇي هي وٺ رومال اکيون اگهي ڇڏ. تون .... ڇري ته ڪانه ٿي آهين ....

مون رومال توکي ڏنو اکين اگهڻ لاءِ، تو وري اکيون بند ڪري گلاب جي گل وانگر سنگهينس پئي!“

”گلاب جي گل وانگر؟

ڪٿي گلاب جو گل، ڪٿي مرداني پگهر جي مست خوشبوءِ وارو رومال! دل چاهي ٿي ته هي رومال سنگهندي سگهندي، هميشه لاءِ اکيون پوري ڇڏيان.“

”ڏاڍي مايوس ٿي لڳين.“

”مون سان ظلم ٿيو آهي.“

”ظلم ته تو پنهنجو پاڻ سان خود ڪيو آهي — توکي ياد هوندو ته اڄ کان اٺ سال ڪن اڳ مون توکي شاديءَ لاءِ چيو هو ته تو مون کي ڪوبه جواب نه ڏنو هو.“

”آئون مجبور هئس، اسان وٽ اهو ڪم مائٽن جي حوالي هوندو آهي.“

”ته پوءِ مائٽ تنهنجا انڌا هئا، جو تو جهڙيءَ مومل کي بيڪار ڇوري جي حوالي ڪيائون؟“

”مائٽن جو ڏوهه ڪونهي، هي سڀ بابا جي وفات کان پوءِ ٿيو آهي.“

”پٺهين کان پوءِ چاچهين تنهنجي پٽ ڪانه پري؟“

”انهيءَ جائي ته هي ڪم آهن.“

”ته چا، تنهنجي شادي پنهنجي پٽ سان ڪرائي اٿس؟“

”ها.“

” .... توبه، ڇهن سالن جو گهوٽ، پنجويهن سالن جي ڪنوار! ماٺهين جون اکيون ٻڌل هيون جو توکي گڏي سمجهي ننڍڙي گڏي سان ٿي شادي ڪرايائين؟“

”امان ويچاريءَ جو ڏوهه ڪونهي. هن گهڻي ئي دانهون ڪيون، پر مون کي ٻي ٻهچ ۽ ٻي ٻهر سمجهي ڀنيوريءَ وانگر جهٽيو ويو آهي.“

”چاچو تو وارو اڳي ته ڏاڍو چڱو ماڻهو هو. راڄ جو رئيس، سخي، حاجي ۽ نيڪ نمازي. ڇا اهي سڀيئي خوبيون ڇڏائجي ويس؟“

”اهي خوبيون ته اڄ به اٿس.“

”پوءِ اهڙو ظلم ڪيئن ڪري سگهيو؟ منهنجي خيال ۾ هن رڳو پٺهين جون زمينون ۽ دولت ڦٻائڻ خاطر توکي پنهنجي پٽ سان پرڻايو آهي، نه ته هن معصوم کي هينئر شادي جي ڪهڙي گهرج هئي.“

”انهيءَ ۾ ڪهڙو شڪ آهي.“

”اوهين ڪٺي انهن شين تان هٿ کڻو ها.“

”امان ائين به چيس، پر ڪونه مڃيائين.“

”ها — هن سوچيو هوندو، جي ائين ڪندس ته ماڻهو ٽڪون هڻندم؛ سو اڳ۾ ڀوءِ توکي هٿ ڪيائين ته جيئن مال هضم ڪرڻ ۾ سولائي ٿيس — ائين نه؟“

”ها.“

”مار، ڪاري بڪ هيس پيو!“

”پلا ڪنهن چڱي مٺي ڪان چورائي، ڪنهن ٻئي طريقي سان راضي ڪريوس ها.“

”چڱو مڃو ته چا، امان قرآن ميڙ ڪٺي ويس. تنهن کي به اهو چئي موٽايائين، ته قرآن پنهنجو حق ڇڏڻ لاءِ ڪونه، ٿو چوي.“

”چئبو ته لوهه ٿي ويئين.“

”مجبوري آهي.“

”تون مڙس کي سمجهائين ڪانه ٿي ته آئون تنهنجي زال آهيان، مون کي چاچي نه چؤ؟“

”چوانس ٿي.“

”پوءِ؟“

”ويچارو ننڍڙو آهي، اها ڳالهه وسريو وڃيس.“

”آخر هو توکي چاچي چوي ڇو ٿو؟“

”هو ننڍڙو هو جو امان ۽ آئون ڪڇ تي ڪٺي کيس گهمائيندي هيون سين — ڪيڏي مهل روئندو هو ته کيس ريجهائڻ لاءِ ماٺس چوندي هئي، هو ڏس چاچي پيئي اچيئي — ائين چئي هوءَ اسان کي سڏ ڪندي هئي، پوءِ ڪڏهن امان وچي ڪٺندي هئس ته ڪڏهن

آئون؛ ان ڪري هـو اسان ٻنهي ڪـي چاچـي سمجهندو هو ۽ اجا تائين اهو خيال ذهن ۾ اٿس.“

”پوءِ ڀلا، تنهنجو بندوبست ڪريان؟“

”بندوبست؟ هون....“

”ڪاٿي ٿي؟“

”هڪڙي ڳالهه پڇانءِ؟“

”هڪڙيءَ ڪان ڏهه پڇ.“

”تنهنجي انهيءَ بندوبست جي حقدار آئون وڌيڪ آهيان يا تنهنجي سنئين سالن جي ڪنواري ڀيڻ؟“

---

○ ”ڪيترن ئـي ماڻهن جي حياتي، هن ڌرتيءَ جي هانوَ تي هڪ بار ڪان وڌيڪ حيثيت ڪانه ٿي رکي؛ ليڪن هڪڙو سٺو ڪتاب هڪ ڪامل شخصيت جـي جگر جـو اهو املهه خـون آهـي، جيڪو ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪيو ويو آهـي .... ڇا، اسان ڪـي جگري خون جي انهيءَ محفوظ سرمائي جو احساس آهي؟“

—— ملٽن

# سودا پودا

”سچ لهي ويو، هي چورو اچان ڪونه موٽيو، وڃي جانچ ڪرينس متان مال سوڌو اندر نه هجي.“

”اهي سُور نه مون کي به ٿا سجهن. افعال ڪونهينس. ٿوري گهٽي تي لٽ ڪٽيندي دير ٿي ڪونه ٿو ڪري. پنهنجا نه پوءِ به مڙيو ٿا وڃنس، پر پيا نه پهريون ئي ڏينس لؤنٽي وارو.“

”لؤنٽي وارو ڏينس کي مغز وارو، ڪاريو نه ٿو اٿس. پين جو کهڙو ڏوهه.“

”مون ڪاريو مانس! ڳالهه ڪندي ڦِڪي به ڪانه ٿي ٿئين. آئون نه جڏهن به ڪا نصيحت ڪيانس، تون تپ ڏيو ٿي وچ ۾ پوين. چوري کي لڳي ڪونه ٿو، پوءِ من چو نه وٺندس — اڃا ڏينس اڄ، پوءِ ڏسان نه ڪيئن ٿي مون کان بچائينس.“

”تون نه ماري ڇڏجانس، پر پهرين دعا ڪر نه شل خير سان هجي.“

”دعا به ڪنهن سڌوري کي اڳندي، ههڙي ترڙَ نياڳي لاءِ دعا وائي کي بادي.“

”تون پيءُ آهينس، تون نه اهڙيون وايون نه ڪر.“

”چڱو هاڻي وعظ نه ڪر، اندران کهاڙي کڻي آءُ نه وڃي دانگي منهن تي ملانس.“

هو ٿڌو ساهه کڻي، بيزاريءَ مان ڪنڌ کي موڙ و

ڏيئي ڪٽ تان اٿيو ۽ ٽڙ ٽڪڙ ۾ مولهاٿو ٻڌي، ڪهاڙي ڪٽي منهن ڪيائين. جوٽس ٻڇندي ٻڇندي پٺيان چيس: "خدا خير ڪري، اهڙي ڳالهه هجي ته به ڏاپر سان ڳالهائجان— ماڻهن ۾ اڄ رهيو ڪونهي، وڙهڻ لاءِ وٽن بهانا ڳوليندا."

هاشم وينندي وينندي، ڪشٽ مان نهاري چيو:

"مات ڪر ته ڏيانءِ نه هڪڙي سينڌ واري."

زينا ڪٽي مات ڪئي ۽ هو ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري ويو. جيتوڻيڪ سج لهي چڪو هو، پر ٽڏهن به اجان ايڏي اونده ڪانه هئي. هاشم ڳوٺ جي اپرندي پاسي نڪري ويو، جتان روز شام جو قاسم جون ٻڪريون ايندڙيون هيون. هن جي وڃڻ کان پوءِ سگهو ئي ٻيءَ گهٽيءَ مان قاسم رڍن جو ولـڙ ڪاهي گهر پهتو. ماڻس ٻڪرين بدران رڍون ڏسي ڏاڍي حيران ٿي ويئي.

"ڇورا ڪتان آندئي هي رڍون؟ متان ٻڪريون ڏيئي ته ڪونه آندئي؟"

ڪيس جواب ڏيڻ بدران، قاسم نهايت ڏُـي پاپـوهه مان پڇيس:

"امان، ڪيئن ٿي ڀانئين رڍون؟ اڄ ڪٽي مڇ ته برابر."

مڇان وري ڌوڙ- ٻڌهين هينئر ڪهاڙي ڪٽي ٽوڪي ڳولڻ نڪتو، اڃهو ٿو موٽي، هو اهي سنگهر رڍن تي آپي مان نڪري ويندو. منهنجي مڇن ته اڇـوڪي رات

وڃي مامي جي گهر تڪ ۽ سياڻي رڍون ڌڻين کي موٽائي ڏيئي، بسم الله ڪري پنهنجون ٻڪريون ڪاهي اچ.“

”ٻڪريون ڪاهي اچان جو آهيان ماڏو پٽ، سودي ۾ ڪس ته ڪانهي. پر ڪس ڪٿي هجي ته به پرواه ناهي. مڙسن جي زبانن تي هزارن جا سودا ٿيندا آهن.“

”ڇورا تنهنجو دماغ چو اڇي خراب ٿيو. سمجهين چو نٿو، ڪونجن جهڙيون ٻڪريون ڏيئي ڏائٽيون وٺي آيو آهين. آخر توکي ڇوريو ڪنهن تـه ائين ڪر؟“

”ڪير ڇوريندو؟ آئون ڪو ٻار آهيان؛ ڪي چريو آهيان جو ماڻهو مون کي ڇوريندا.“

هاشم پريان ظاهر ٿيو. زينا وات تي هٿ رکي قاسم کي چپ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ اتان کسڪي وئي. هاشم ڦري اچي واڙيءَ جي در تـي بيٺو، ۽ ڪشت مان چيائين:

”اڙي ڇورا، هي تو ڇا ڪيو؟ ٻڪريون ڏيئي رڍون ورتئي مون سان صلاح به ڪانه ڪيئي.“

”بس بابا، ڪڏهن سودا ٻـودا بـه ڪرڻ گهرجن. سوني ٻروچ چيو، قاسو ٻـل اٿئي. ڇيومانس ٻل ڇڏي ٻل جو پٽ ڇڏي. پوءِ ته ڪٿي ”آ“ ڪئي مانس.“

”آ“ ته ڪيئيس پر تنهنجا ته لاهه ڪيدي ڇڏيائين. اسان جي هڪڙي ٻڪري اٺ لهندي هئي. ههڙيون ڏهه وٺي به اسان هڪڙي وڱياڻ ڪونه ڏيون

ها. ڪيئن ڪيئي سودو؟"
"بس، ٿي ويو."
"ٿي تہ ويو، پر ڪيئن ٿيو؟"
"سرو بدر."
"رڍون گهٽيون آهن؟"
"جيتريون ٻڪريون هيون."
"ٻڪريون تہ هيون سورنهن."
"سورنهن ڪيئن هيون؟"
"ليکو ڪٿي پڌ. چار هيون اوٺي ڳـلهـيون، ٻہ هيون ڪارٿهيون ٻـريون؛ هڪڙي هئي ڳاڙهي ٻـدِري، سي ٿيون ست، اٺين وَنگياٽ، نائو چيلو، ٿي آڏِنون، تن مان ٻہ تہ پـٽـريون هيون، اهـي ٿيون ٻـارنهن، چار قر- اهي ٿيا سورنهن ڪن. رڍون آهن سورنهن؟"
"بيشڪ، اٺ آهن وڏيون رڍون، جن مان ٿي سئائون، چار پاچاٽيون ۽ هڪڙي ڪاهـر آهي پنج آهن اوريـُون جيڪي سانوڻ ۾ سايون ٿينديون. ٻہ آهن سـسـيـون. گهٽيون ٿيون اِهي؟"
"اٺ وڏيون، پنج اوريـون، ٻـہ سـسـيـون، اهـي ٿيون پندرهن."
"سورهون گهٽو."
"پوءِ پاڻ کي سودي مان فائدو ڪهڙو پيو؟"
"بابا فائدو چو ڪونهي. ساهُ ڏٽڪ ڦرن پاران ٻـہ اوريون ۽ سسيـيون مايون آهن. وڏي ڳالهہ تہ هڪڙي

جنس ملي آهي.

ٻڪريون اسان جون پليون تہ برابر هيون، پر هيون، صفا ’جهار‘، ڪا ڪهڙي ڪا ڪهڙي، هاڻي گهٽ ۾ گهٽ سڀ هڪجهڙيون تہ آهن.

ڦري ڏسين، ڪابہ وِهري يا ڪُري نہ ڏسندين، سڀ ٻولاهيون، ۽ ٻولاهيون بہ جهڙيون تهڙيون نہ اصيل آترادِيون. ٻيو فائدو هي آهي تہ سال ۾ ٻہ دفعا ڦُڻي ڏينديون. ڏهين رپين پئي، تہ بہ حساب پڌ تہ ڪتي وچيو ٿو ليکو ٻيهي؟

سڀ کان وڏي فائدي واري ڳالهہ تہ چارڻ جو سُک ٿي پيو. ڪنهن اڏ ٻيس تي چڙي پاڻ پاسي ۾ ويهي رهندس تہ سڄو ڏينهن پيون ٽترنديون، ڏکيو ڪونہ ڪنديون.

باقي ٻڪرين پيري تہ وَرَ ٻُڪَين کان مٿي، کهاڙي ڪاهي تي، سڄو ڏينهن ”هُش هُش“ لڳي پئي هوندي هئي، ڪي تہ ڪُهانِ ايڏيون ڪنڙ چاليون ٿي پيون هيون جو آڏون ويسلو نہ ٿيو هجان ۽ هو ٻوڪ ۾ نہ پيون هجن. پوءِ تہ هرڪنهن سان ڏند ڏيڻا پوندا هئا. هاڻي اڻين تہ ڪونہ ٿيندو.“

”لڪ ڪٿي ڳالهيون ڪرين پر ٻروچ توکي سودي ۾ پيچي ماريو. اصل جيئن چئجي تيئن، ٻڪريون ويچاريون ٿوري گهٽي تي گوبر ڪيو ٻيٺيون هيون. هي پٺاريون تہ آهن جهڙيون مَڪڙ، چوويهہ ئي ڪلاڪ چاڙي

ڪونہ جھليندين، پر مجال جو ڪٺي ڊاپن ۽ ٽتيءَ ٽڌيءَ ڪٺي وڪڻ تہ ٽڪرين لاءِ گراڪن جا سَوَ، ھنن کي تہ ڪير پڇي بہ ڪونہ.

ھائي ھائي- ابا اندر ساڙي ڇڏيئي. ڪنھن کي ٿنھنجي دانھن ڏيان. انڪان ھوند نہ چاڀين ھا تہ ڏک ئي نہ ٿئي ھا.“

پٽس جو پارو چڙھندو ڏسي، قاسم ڪجھہ دڄي ويو، ڪيس جواب ڏيڻ ڪان مڙئي پاسو ڪرڻ پئي چاھيائين. سو ٿورو پريرو وڃي ويھي رھيو. پٽس واڙيءَ مان نڪري، پڌر ۾ پيل کٽ تي اچي ويٺو.

”ھائي ھائي- ڇا تہ پٽارين جي لوڏ ھوندي ھئي. شام جو جڏھن گھر موٽنديون ھيون تہ ڇڙين جا آواز ٻڌي، ٻت ۾ ڦٽيون پنجي وينديون ھيون. سَرليون ھَڪڙيون ۽ ٻلاريون ڇڙيون، اصل وَيھن واري ڇرڙاٽ ھوندي ھئي- اھڙو ڪو سڄو پيدا ٿيو آھي جو ڇڙين جي ٻولي ڪانہ ٿي ھڏجي. ابا الله ڪندو اھي سڀ نتيجا لوڙيندين.“

”ڪير لوڙيندو؟“

ھاشم منھن ورائي ڏٺو، سندس وڏو ڀاءُ نورو پرسان بيٺو ھو.

”اچ نورل- ويھہ“

نوري کٽ تي ويھندي پڇيو: ”ڪنھن کي ٿو پٽين؟“

”اڙي ادا، ڳالھہ نہ پڇ ھن ڇوري تہ اسان کي

ساڙي ڇڏيو.“

”نيٺ ڇا ڪيائين؟“

”ٻڪريون ڏيئي رڍون وٺي آيو.“

”پوءِ ڇا ٿيو، ٻاڪيا ته سودا ٻودا ڪندا آهن.“

”ڏوڙ پئي ٻاڪين جي منهن ۾ – سودو واپار به ڪنهن طريقي جو هجي، اکيون پوري پاڻ ڦرائي اچڻ ڪو سودوڪي واپار. مهينو ٿيو جو جانو سيٺار ٻڪرين لاءِ منهنجي پويان لڳو پيو هو. نندي وڏي، سورنهن ڀرو هئا، ٽن هزارن جي واڪ ڪان وڏيو پنجٽيهن سون تائين آيو. پر مون منهن ئي ڪونه ڏنومانس. هنن ڪوڇڙين جا ڪير ڏيندو پنجٽيهه سؤ رپيا؟“

نورو ماڻڙي ڪري در ڪولي واڙيءَ ۾ لٿو. هرهڪ رڍ کي اٿاري ڏندن ڪان وٺي آڳي پيڇي تائين توري تڪي ڏٺائين ۽ وري ماڻڙي ڪري وڃي هاشم وٽ ويهي رهيو. هاشم پڇيس:

”ٿون پاڻ ٻاڪيو آهين نورل ڪيئن ٿو ڀانئين. مرڻ ڪان بچيون ته سال کن ۾ ڪس ڪيڏي ويندئون؟“

نوري ڪٽ تي ويهي ڪانپ ٻڌندي چيو:

”ادا، مرڻ جيئڻ ته ٿيو خدا جي وس، باقي سودي ۾ توکي ڪس ڪانهي. چوڪري سودو ڪيو تڏهن ٿو دل هڻين، جي پاڻ ڪرين ها ته هوند ڏاڍيون هنبوڇيون هڻين ها.“

هاشم کي جهروڪر ڪاوڙ لڳي ويئي، ”نورا تون
به ٿو ٻارن جهڙيون ڳالهيون ڪرين. پنجنيهه سو روپيه
ري روڪڙا پڪرين لاء موٽائي چڙيا هئم، آهي ڪو
جو هنن جا پنجنيهه سو ڏئي؟“

نوري ڪيسي ۾ هٿ هڻي، ڏهن ڏهن وارا پنج نوٽ
ڪڍي ڪيس ڏيندي چيو:

”تون پنجنيهه ٿو گهرين، آئون ٻه سئو مٿي ٿو
ڏيانءِ. هي پنجاه رپيا سوٽي وٽ، ٻيا ڏوڪڙ صبح جو
ملندئي. هاڻ ته بس؟“

هاشم اچرج ۾ پئجي ويو. اکيون ڦٽي ڪيس گهورڻ لڳو.

”ڏسين چا ٿو، بسم الله ڪري ڏوڪڙ وٺ. ڪس
ڪسر ڪي پاڻهي منهن ڏينداسون.“

هاشم کي اچا به وڌيڪ حيرت لڳي. چيائين:

”پوءِ ڇو ٿو ڪرين؟“

”پوءِ ڪري، پئي جو پٽ ڪري. هاڻ، وٺ
ڏوڪڙ. رڳو ڇوڪر کي هيسٽ ٿي سندرو ٻڌو اٿئي.“

ڪن گهڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ هاشم چيو:

”يار ڳالهه، هي آهي، جو ريون مون جاچي ڪونه
ڏنيون. سياٽي ڏسي، دل مَن سوچي، پوءِ ورندي
ڏيندو سانءِ.“

”پوءِ دانهون ڇو ٿو ڪرين ته ڪس لڳي اٿئي؟“

هاشم ڪيس ڪو جواب ڪونه ڏنو، ڦڪائيءَ مان
ڪنڌ هيٺ ڪري مٿو ڪنهڻ لڳو. ڪجهه گهڙين جي

خاموشي کان پوءِ هاشم کنڌ ورائي پوئتي ڏٺو قاسو در جي ڪاٺي پاسي ڏڪيءَ تي ويٺو هو. ٻڌس خبر ناهي ڇا سوچي چيس:

”ڇورا، انهي توبري ۾ ڏس ڳانيون هجن ته ڪڍي ٻڪارين کي ٻڌ تہ، رڻ زال وانگر ٻُسيون ٻسيون پيون لڳن.“

قاسوءَ کي حيرت لڳي تہ هي ڇا ٿي ويو آهي.

عجب مان نوري ڏانهن ڏٺائين جيڪو مچڻ تي هٿ ڦيرائيندي مرڪي رهيو هو.

---

● ”انسان جنهن ساهواري جو نالو آهي، ان لاءِ جيتري ضرورت هوا ۽ پاڻيءَ جي آهي، اوتري ئي ’اٽي، لٽي ۽ اجهي‘ جي بہ، جيڪڏهن اوهين هن کي اهي چيزون نٿا ڏيو، تہ پوءِ ڪيئن ٿا اميد رکو، تہ هو شرافت ۽ انسانيت جو پتلو ٿي رهندو، گناه کان ٻچندو ۽ نافرمانيءَ کان ڪنبندو؟“

— ابو سعيد بزمي

# حيف تنين کي هوءِ

ستي ستي خواب لڏم ته مون کي ٻانهن تي تمام ڏکيا ۽ بيحد مضبوط پر آهن، جن سان آئون ٻازن وانگر اڏامي سگهان ٿو— آئون حيران ٿي ويس. مجھ ۾ ئي ڪونه پئي آيو ته ڪو ائين ٿي سگهي ٿو— پر تڏهن به الاڙي ڇو ائين محسوس ڪيم، پرڪ ڪرڻ خاطر پنهنجي پوري جسم تي پئي هٿ ڦيرائي ڏٺم ته ڪنهن قسم جي به نواڻ محسوس ڪانه ٿي. ساڳيو جسم ساڳيا عضوا هميشه وانگر هئا.

هاڻي هٺ ته ائين گهربو هو جو انهي پرن واري چڪر بابت سوچڻ ئي ڇڏي ڏيان ها. پر ائين نه ٿي سگهيو— آئون برابر سوچيندو رهيس ته "مون کي ڏکيا ۽ مضبوط پر آهن، جن سان اڏامي سگهان ٿو."

آخر ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟— منجهي پيس— نيٺ خيال ڪيم ته ٿوري ڪوشش ڪري ڏسان، متان سچ پچ مون ۾ اڏامڻ جي صلاحيت اچي وئي هجي!

آهستي آهستي پنهنجون ٻئي ٻانهون ڪلهن تائين سڌيون ڪري پکين جي پرن وانگر هلائڻ جي ڪوشش ڪيم— منهنجو اندازو غلط نه ٿيو— آئون برابر زمين کان مٿي کڄندو ويس— ڏاڍو خوش ٿيس. ايڏو خوش جو ان کان اڳ شايد ڪڏهن به نه ٿيو هوندس.

جيئن جيئن مٿي ٿيندو ويس، تيئن تيئن رفتار ۾ تيزي

ايندي ويئي ۽ وڌيڪ لطف ايندو ويو — پن چئن گهڙين بعد هيٺ نهاري ڏٺم ته، اسان جو شهر تمام پري ۾ ٻه هيٺ هڪ ننڍڙي باغيچي جهڙو پئي نظر آيو. هيٺ ڏسڻ وقت ڏورو ڏجي ويس متي ۾ ڦيري ٿيڻ لڳي. 'خدا خير ڪري جي هتان ٿو ڪِران ته پوٽيون پوٽيون ٿي ويندس.' دل تان خوف مٽائڻ خاطر اکيون بند ڪري ڇڏيم ته مرگهو اڏامڻ جو مزو ڦڪو ٿي پيو— اکيون کولي سڌو مٿي ڪڪرن ڏي رخ ڪيم. سگهوئي پهاڙ جهڙن ڪڪرن ۾ پهچي ويس— ننڍن وڏن ڪارن ۽ پورن ڪڪرن جي هيٺان، مٿان ۽ ڪيڏي ڪيڏي مهل وچان رانديون ڪندو اڏامندو رهيس.

رفتار ۾ زبردست تيزي هئي. پنهنجي پرائي علائقي جو خيال ذهن مان ڪڍي، پنهنجي شهر کان هزارين ميل پري نڪري ويس— گهاٽن ڪڪرن مان نڪري هيٺ ڏٺم ته، بهشت جهڙي خوبصورت وادي نظر آئي— لهڻ جو ارادو ڪيم— سڌو اڏائڻ ۾ مزو پئي آيو— پر يڪدم هيٺ لهڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ٿي— ڪلها ساڻا ٿي پيا— زمين تي لهڻ وقت ٿڪل ۽ ڪم طاقت هئڻ جي ڪري پنهنجو پاڻ کي جهلي نه سگهيس ٿاپڙجي ڪريس— زخمي ٿيڻ کان ته بچي ويس پر اٿڻ جي طاقت ساري نه سگهيس — چڱي دير تائين پيو هئس— نيٺ اٿڻ جي ڪوشش ڪيم— ڏاڍيءَ تڪليف سان پاسو ورائي اٿي ويٺس— نراڙ تي هٿ ڏيئي پنهنجي آسپاس

نئون، ننڍڙو پر سهڻو شهر ڏسڻ ۾ آيم. شهر ڏسڻ شرط
ماني جو خيال آيو ۽ مانيءَ جي خيال سان وات پاڻي ٿي
پيو. چپن تي زبان ڦيرائي پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏنم.

ٿوريءَ دير ۾ ان شهر جي مٿان پهچي ويس. لهڻ
لاءِ مناسب جاءِ ڳولڻ خاطر شهر مٿان ٻه چار چڪر
ڏنم ـــ هڪ ماڊرن قسم جي وڏي محل مٿان اڏامندي
گذريس ته اتان مون کي پنهنجي گهر جي ٻاتين جي
بوءِ آئي. ڏاڍو خوش ٿيس، جسم ۾ ساهه پئجي ويو،
”مٿان ائين ته ڪونهي جو ڦري سري پنهنجي گهر
پهچي ويس!“ پر.... پر غور سان ڏٺم ته ان محل جي
گاري ۾ منهنجو پڳهر ضرور شامل هو، پر اهو منهنجو
نه هو.

مون کي پنهنجي ٻاتين جي بوءِ برابر ايندي رهي،
دل ۾ ايڏي ڪشش ٿي جو پنهنجو پاڻ روڪي نه
سگهيس، ان محل جي اڳيان لهي پيس. محل جي پارڪ
۾ ڪي همراهه ڪرسين تي ويٺا هئا. وڏي انهن ڏي
ويس. سلام ڪيم. پر هو پنهنجي ڪچهريءَ ۾ ايڏا رڌل
هئا، جو جواب ئي ڪونه ڏنائون. مون وري سلام
ڪيو، پر هنن مون کي نه ڏٺو نه ٻڌو. آئون اچرج ۾
پئجي ويس. ”آخر مون ۾ ڪهڙي خاصيت آهي جو
آئون هنن کي ڏسڻ ۾ نٿو اچان.“
وڏيڪ ڪجهه چوڻ يا ڪرڻ جي همت ڪانه ٿي.
ماڻڙي ڪري هنن جي ٻوليان ويهي رهيس.

ڳاڙهي ڳاڏڙ اڇي رنگ جو ڳاڙهين اکين وارو وچولي قد بت جو جوان، جنبدي چڙهيل سنڌي ڪرسيءَ تي ڏاڍي رعب سان ويٺو هو. ڪيس ريشمي ڪاڏي جا ڪپڙا ۽ مٿي تي قيمتي سنڌي ٽوپي پيل هئي. ڏاڙهي ڇچون ڪوڙيل هئس – سامهون چار فٽ ڪن ڊگهي ۽ اڍائي فٽ ڪن ويڪري ننڍي ميز رکيل هئس، جنهن تي به تي فائيل ۽ هڪ ڊگهين ڪنجين جو ڇڳو رکيل هو. هر ڪنجيءَ سان ڪاغذ جو ٽڪرو ڳنڍيل هو، جنهن تي ڪجهه لکيل هو.

هي همراهه ڏسڻ ۾ سيٺي ڪچهري وارن جو ڇڱو مڙس ٿي لڳو. هن جي ميز تي هڪ مينگو جوئيس جو گلاس رکيل هو، جنهن کي ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ ڪٽي، ان مان هڪ به ڍڪ پيري، وري ميز تي تي رکيائين. هو هڪ فائيل کولي ڪجهه ڏسي رهيو هو.

هن جي ساڄي پاسي ٿورو اڳيان پلاسٽڪ جي تارن سان واڻيل ڪرسيءَ تي هڪ ٿلهو ۽ گهاٽو مڙس ويٺو هو. ڪيس خاڪي رنگ جي پولسٽر جا ڪپڙا، مٿي تي سنڌي ٽوپي ۽ هنج ۾ پيڙي اجرڪ رکيل هئي. هٿ ۾ مينگو جوس جو گلاس هئس، جنهن مان چانهه وانگر ڍڪ ڍڪ پيري پئي پيتائين. اڏو رکيل ننڍڙي ميز تي سندس ڪارو چشمو پيو هو. ڇڱي مڙس جي کاٻي پاسي ٿورو اڳيان، پلاسٽڪ سان واڻيل به ٻيون ڪرسيون رکيل هيون. جن تي به بزرگ ويٺا هئا. جيڪا ڪرسي

چڱي مڙس کي ويجهي هئي، ان تي هڪ ٿلهو ۽ پهرسن بزرگ ويٺو هو. بزرگ کي سفيد رنگ جي شيرواني پهريل هئي، تنهن کان سواءِ اکين تي ڪاري فريم سان سفيد شيشن واري عينڪ، مٿي تي اڇي قراقلي ٽوپي ۽ هٿ ۾ وريل مٿي واري چمڪندڙ لٺ هئس. هن بزرگ جي پاسي ۾ جيڪو ٻيو بزرگ ويٺو هو، سو سٿڻ قميص ۾ هو ڪلي سان پٽڪو ٻڌل هئس.

هن پنهنجو شربت وارو گلاس ذري گهٽ خالي ڪري ڇڏيو هو.

اوچتو منهنجي ڪنن تي ڪنهن جي چنگهڻ جو آواز پيو- ڪرسيءَ جي ٽنگن وچان ڪنڌ جهڪائي ڏٺم ته چڱي مڙس جي سامهون اتڪل ڏهن ٻارهن وکن جي پنڌ تي ڪو ڇهر تي ڦٿڪي رهيو هو- آئون پير پير تي ڏيئي هنن جي ڪچهريءَ مان نڪري ڦٿڪندڙ همراه ڏي ويس- ڏسان ته هڪ سهڻو جوان ڇهر تي ستو پيو آهي. جسم تي سواءِ ڀڳڙيءَ اجرڪ جي گوڏ جي، ٻيو ڪو ڪپڙو ڪونهيس- مٿي جي ڀرسان سندس نئين نڪور سنڌي ٽوپي پئي آهي. هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ پيرن ۾ ٻيڙيون پيون اٿس- سنهين چوٽين سان وٽيل شهپر ڪجهه جهڪيل هئس- هو مون کي دنيا جي ڪن خوبصورت جوانن مان هڪ نظر آيو.

سندس هي حال ڏسي آئون واٺڙو ٿي ويس- هڪ اڻڄاتل خوف ڪان منهنجو سڄو وجود ڏڪي ويو- هن

جي نڪ ۽ وات مان رت پئي وهيو.

ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن دشمن کيس قتل ڪرڻ جي ارادي سان ماريو هجي.— سس پس جي انداز ۾ پڇيومانس، ”ڪنهن ماريو اٿئي؟“

منهنجو آواز ٻڌي اکيون کولڻ جي ڪوشش ڪيائين— پر سخت تڪليف جي ڪري صرف اڌ کن اکيون کولي سگهيو— مون کي ڏسڻ شرط هن اهڙي بيچيني ڏيکاري ڄڻ مون کي سڃاڻندو هجي ۽ منهنجي اچڻ جي ڪري کيس خوشي ٿي هجي. اکين مان لڙڪ وهي پيس.

منهنجي دل زور سان ڌڙڪڻ لڳي. خوف وڌي ويو. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم ته ڪا پهر ته ڪانه ٿي اچي؟ دل جاءِ ڪري ساڳيو سوال وري پڇيومانس، ”ادا، ڪنهن ماريو اٿئي؟“ هن ڏک ۽ درد مان مون ڏي ڏسي چيو، ”پنهنجي گهر جي ڀاتين....“

”گهر جي ڀاتين!“

آئون اچرج ۾ پئجي ويس نوجوان پنهنجو بيان جاري رکندي ڏکل ۽ سائي آواز ۾ ساهيون کڻندي چيو، ”ڌاريو ڪو ماري ها ته ڏک نه ٿئي ها. ادا مون.... کي پنهنجن جي سورن.... ساڙي وڌو آهي.“ هو سڏڪا ڀريندي روئڻ ۾ پئجي ويو— منهنجي دل مٺ ۾ اچي ويئي. ”هي ڇا ٿو چوي؟“ ماڻهو چوندا آهن، ”پنهنجو ماري ته به ڇانو ۾ ڇڏي“ پر هتي ته حساب ئي ابتو هو.

تہ تون ڪير آهين؟“
منهنجي سوال پڇڻ تي هو ٽڪ ٻڌي مون کي ڏسڻ لڳو – وري الائي ڇو منهن ڦيرائي روئي ڏنائين. آئون ڏسندو رهيس، پر ٻجهي نہ سگهس تہ ائين ڇو ڪيائين، هن آهستي آهستي وري منهن ڦيرائي مون ڏي ڪيو ۽ ڳوڙها ڳاڙيندڙ اکين سان ڏسندي شڪايت ڪيائين:
”آئون تنهنجي لاءِ .... ڪو نئون تہ ڪونہ آهيان. پاڻ ڪيترائي دفعا مليا آهيون .... ڏک جهڙي ڳالهہ آهي جو .... آئون هن حال ۾ بہ توکي سڃاڻان ٿو ۽ .... تون ڇگو ڀلو هوندي بہ مون کي ڪونہ سڃاڻين؟“
مون پنهنجي ويسر جي معافي گهرندي چيومانس،
”مون کي افسوس آهي سورما، جو تنهنجي هيڏيءَ وضاحت ڪان پوءِ بہ ڪجهہ ياد ڪونہ ٿو اچيم. انسان خطا جو گهر آهي. منهنجي ويسر کي خطا سمجهي معاف ڪر – پر خدا جي واسطي پنهنجو نالو ضرور ٻڌائينم – نہ تہ هن واقعي جي ياد تاندا ٻڌجي سڄي عمر مون کي ساڙيندي رهندي.“
ڦتيل ۽ ٿڪل نوجوان مون ڏي خاموشيءَ سان ڏٺو، ٿڌو ساهہ کڻي پنهنجين هٽڪڙين ڏي ڏٺائين. سندس اکين ۾ بيوسي ۽ محتاجيءَ جي پيڙا هئي. آسمان ڏي نهاري اٽڪندڙ آواز ۾ چيائين، ”آئون ڪير آهيان ....؟ آئون .... آئون ڪير آهيان ....؟ آئون ....“
ائين چوندي هو روئڻ ۾ ٻڏي ويو – جملو بہ پورو

نہ ڪري سگهيو. اوچتو گهر ۾ ڪڙڪو ٿيو – آئون چرڪ پري اٿيس – سائي رنگ واري زيرو پاور بلب جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ سامهون ڏٺم تہ هڪ خوفناڪ ڪارو ٻلو ڪتابن جي رئڪ مٿان ويٺو آهي – ڪيترائي ڪتاب پٽ تي وڪريا پيا آهن.

ننڊ جي نشي ۽ سستيءَ جي ڪري اٿي ڪونہ سگهيس ۽ ويٺي ويٺي پنهنجي ڪروڌ ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيم، ”حيف هجيئي ٻلا، ادب جو بہ ادب ڪونہ ڪيئي.“

---

○ ”پنهنجي عضون کي محنت ۽ مشقت جو عادي بناءِ، توڻي ڪٿي تو وٽ گهڻائي نوڪر هجن. چو تہ جيڪڏهن ڪو اهڙو اتفاق ٿيو، جو هو تو وٽ نہ رهن، تہ ان وقت تون بلڪل اپاهج ٿي وينديں ۽ اهڙو اتفاق دنيا جي دور ڪان پري ناهي.“

— ارسطاطاليس

---

نئين ڪهاڻيڪار هدايت الله جمالي
جي ڪهاڻين جو مجموعو:

درد جو درياءُ

پيشڪش:
منصور پبليڪشن، حيدرآباد سنڌ.
(انتظار ڪريو)

# پاڙي ناه پرو ڙ

سياري جي قيامت جهڙي رات خير سان گذري ويئي، جيڪا هن صرف هڪڙي رلي ۾ ان جي هيٺان ڪٿو اوڍي گذاري. سڄي رات چلهه ۾ مچ نه ٻري ها ته شايد سيءَ کين ماري وجهي ها. اسر مهل جڏهن سيءُ ۾ ڪنگهه بنهه تنگ ڪيس ته هو ٽپڙن ۾ ويڙهجي سيڙهجي چلهه جي پير ۾ ويهي رهيو. ٻهر جي بند جو چلهه ۾ پيل حصو ٻري چڪو هو، ان جاءِ تي رک جو ٻنوڙو نهي پيو هو. دکندڙ ڪاٺ جي باقي بچيل حصي کي، ٽنڪڻيءَ سان نڙڪي ٽانڊا چاڙهيائين ته جيئن مزي سان ٻري سگهي. ٽانڊن جي ڳاڙهي روشني ڪجهه تيز ٿي ويئي. مٿان ٻه ٽي ڦوڪون ڏنائين ته هاڪو چيرو ٻري پيو، جنهن جي هلڪڙي روشنيءَ ۾ منهن ڦيرائي پونئتي ڏنائين جتي سوني ننڍڙي منوءَ کي سيني سان لڳائي، ننڊ ۾ الوٽ هئي. سندن منهن ٽپڙن مان ٻاهر هئا .... جعفر ٻه ريڙهيون ڏيئي اڳتي وڌي ٻئي رليون ۽ انهن جي هيٺان ڏنل، سونيءَ جي گهاگهرا ڀاٽ پوتي چڪي، ٺاهي مٿن وڌائين. سيءُ جي شدت کي محسوس ڪندي، چلهه جي پاسي ۾ وچايل ڳوڻيون ٻه ڪٺي ڪين اوڍيائين. وري ٻانبڙا ڏيئي اچي چلهه جي پاسي ۾ ويٺو ئي مس ته ڪنگهه جو وڏو دورو پئجي ويس. اهڙا دورا جڏهن ٻه پوندا هئس، ته ساهه گهٽجي ويندو هئس، دوڏا ڳاڙها ٿي ويندا هئس ۽ ڏچندو هو ته مٿان ڪنگهندي ڪنگهندي ساهه نڪري نه وڃي .... رت

هاڏو ڪانگهارو ڪيڏي، چلهہ جي پيراندي اچلي، مٿان رک جي چپٽي ٻرڪي ڇڏيائينس، تہ جيئن ٥ ٻج جو ان تي مکيون اچي نہ جهٽڪن يا سندس بيماريءَ جا جيوڙا پين کي نہ چنبڙن .... ٿونيون گوڏن تي رکي، ٻئي هٿ نراڙ تي ڏيئي تڏو ساهہ کڻي چيائين، ’هائي هائي!‘ اها هائي هائي، پنهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل آهہ بہ هئي تہ سندس جسماني مشينريءَ جو اندروني عڪس بہ ....! نڙي اچان بہ ٻئي سُرڪيس. اهڙيءَ صورت ۾ ڪنگهہ جو پيو دورو پوڻ جو پڪو امڪان هئس، جنهن کان بچڻ لاءِ ڪيسي مان ڳڙ جو ذرو ڪيڏي وات ۾ وجهي چوسڻ لڳو. دل ٿيس تہ سمهي پوي، پر ان حالت ۾ بہ ڪنگهہ جو خطرو هئس، جيڪو سندس سهپ کان ٻاهر هو. ويٺي ويٺي ننڊ جا گهيرٽ اچڻ لڳس تہ، رلي ۾ ڪٿو چڳيءَ طرح ويڙهي، اوڪڙو تي ويهي، مٿو پٽ جي ٽيڪ تي ڇڏي، اکيون پوري ڇڏيائين. مٺڙا مٺڙا ننڊ جا جهوٽا اچڻ شروع ٿيس تہ پيهر ڪنگهہ اچي ورايس. اهڙيءَ طرح اک پوٽ ڪندي رات گذري ويئي، خير سان صبح ٿيو. پر هو اچان تائين پٽ سان مٿي جي ٽيڪ ڏيو، اوڪڙو ويٺو هو .... سونيءَ رلين هيٺان ڏنل پنهنجي پوتي ڪيڏي ٻڪل ڪئي. رليون سوليون ڪري منوءَ تي وڌائين ۽ سيءَ کان ڏڪندي اچي چلهہ جي پاڙ ۾ ويٺي. دڪندڙ ٻنڊ کي ٺڦٽيءَ سان نڙڪي تاندا چاڻي؛ هڪ ٻہ سنهيون ڪاٺيون بہ ساڻس شامل

ڪندي چيائين:

”توبهن توبهن .... سيءُ بہ صفا لاهي پاهي ٻيٺو آهي پيو!“ اڻ سڌيءَ طرح سندس اهو جملو، جعفر کي گفتگوءَ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت هئي. پر هو ڪونہ ڪڇيو. سونيءَ ڪيس ڳالهائڻ تي پرڀائڻ خاطر ساڳئي جملي کي اينگهائيندي چيو:

”جي اهڙيون ٻہ راتيون ٻيون ٿيون تہ، آئون تہ موڪلائينديس.“

سڀ ڪجهہ ٻڌندي ۽ محسوس ڪندي جعفر وري بہ خاموش رهيو. نيٺ سونيءَ ساڻس سڌو ڳالهايو:

”تون تہ بچيو آهين؟“

هن بنا ڪنهن چرپر جي، اتان ئي ورندي ڏني:

”ساهہ بچيو اٿم، باقي قبر ڏيکاري ڇڏيائين.“

سونيءَ ٻئي ديڳڙي کي پاڻيءَ سان اڌ ڪري چلهہ تي رکندي چيو:

”چانهن جو ڊبو ڪاڙهي ڦٽي ڪوسي ڪجي ها پر .... ڪٿان اچن ڪير، پٿيون ۽ کنڊ.“

جعفر ڪو جواب ڪونہ ڏنس .... پاڻي سڄر ڪري، نڪر جي ڪلراٺي ڪوٺري ۾ وڃي، هوءَ ٻاهر نڪري ويئي .... ٿوريءَ دير کان پوءِ پوتيءَ جي پلئہ سان منهن اگهندي اندر اچي چلهہ وٽ ويٺي. هٿ سيڪيندي چيائين:

”ٻاهر تڙڪو اٿئي، جي وڃين تہ.“

جعفر منهن ورائي ڪان سواءِ چيس:
”تڏو وڇي وڇاءِ تہ وڃان.“

سونيءَ چڳل تڏو وڇي در ڪان ٻاهر پٽ جي پاسي ۾ وڇايو. جعفر ڪنگهندي، ڏڪندي وڃي تڏي تي ويٺو. ڪٿي جي گهڻد مان منهن ٿورو ٻاهر ڪيدي ڏٺائين تہ پاڙي جي گهرن جي پٺين، ٿوڙي ڇتين جي ڀيڙ ٻنن تي، ڪانوَن جا ٽولا ويٺا هئا، جيڪي هر هر، چانورن جي ڪڻن مانيءَ جي ڀورن ۽ هڏين چونڊڻ لاءِ لامارا ڏيئي رهيا هئا. ڪي دل وارا ڪانوَ تہ ڏاڍيءَ حب مان پنهنجين مادين ڪي، چهنب ۾ چهنب ڏيئي پنهنجي وات وارو ڪاڌو چکائي رهيا هئا .... اهو منظر نہ رڳو ڪيس وڻيو، پر گڏوگڏ گذريل وقت بہ ياد ڏياري ويس. اهو وقت، جڏهن هو تندرست هو. چڱوڀلو هو. سرديون گرميون پوکي، چار ڏوڪڙ ڪمائي، انهن ڪانوَن وانگر، پنهنجي زال ۽ ننڍڙي پٽ کي کارائيندو هو .... ڪيڏا نہ خوبصورت ڏينهن هئا اهي. ڪيڏيون نہ وڻندڙ گهڙيون هيون سي .... ڪڻڪ جي فصل مان خرچ پکي لٿي پندرهن ويهہ ٻوريون اَن جون ملنديون هئس. ڦٽين جي فصل مان تي چار هزار روڪڙا ملندا هئس. ڪل تي ماڻهو تہ هئا گهر ۾، جن لاءِ اها آمدني ڪافي هئي. پاڻ سوڙ سڪوڙ ڪري، چار ڪوڏيون بچائي بہ وجهندو هو ۽ ان بچت مان، سونيءَ کي ورڙيون ۽ نٿ بہ وٺي ڏنيون هئائين .... ڪپڙو لٽو بہ

جهان کان چگو ڀرائيندو هئس. منهن مهانڊي جي به ملوڪ هئي. پٽين پوتين جڏهين سهي سنهيري نڪرندي هئي ته ڏاڍي ڏاهوڪڙي لڳندي هئي .... سوني ته هينئر به اهائي ساڳي آهي، پر وقت ۽ حالتن سائس ايڏيون ته ڏاڍايون ڪيون جو هتن جو پاڻي به ڪير ڪونه پيئيس ....! چٽيون لڳل ۽ ڳنڍيون ڏنل ميرا ڪچرا ڪپڙا، سيءَ کان ڦٽيل پرڙ ٽيل اگهاڙا پير، بک، بيماري ۽ ڳڻتين کان ڳلن ۾ کوبا پيل، اکيون ڏرا ڏنل .... جيتوڻيڪ عمر ٿيهن جي لڳ ڀڳ اٿس، پر هوءَ ان کان ڏهاڪو کن سال وڏي پئي لڳي ....!

ڇهه سال کن اڳ جي ڳالهه آهي. اليڪشن جو دور هو. هر طرف جلسا جلوس پئي ٿيا. سياسي پارٽين جا جهنڊا، پوسٽر ۽ بئنر لڳڻ شروع ٿي ويا هئا. هن به ڪٽي گهر تي جهنڊو چاڙهيو هو. دير ٿي ايتري هئي. پئي ڏينهن صبح سان ٿي اوطاق ۾ گهرائي ٿڪ لعنت ڪرڻ کان پوءِ سانوڻ خان پنهنجي هارپي مان ڪڍي ڇڏيو هئس. پيهر هارپي لاءِ هنڌ هنڌ ڌڪا کاڌا هئائين، پر ڪوبه کڙ ٽيل ڪونه نڪتو هو. وڏيري قانون ۾ هو جهڙوڪر 'بليڪ لسٽ' ٿي چڪو هو. نيٺ مايوس ٿي زال جا ڳهه ڳنا وڪٽي، ڪجهه اوڌر وٺي سعودي عرب هليو ويو هو، جتي ٻارهن مهينا پٿر ڪٽڻ کان پوءِ، نوٽن جي ٿهين بدران 'سلهه' جهڙو موذي مرض ڪٽي موٽيو هو .... ڊاڪٽرن چيو هئس ته، سخت گرميءَ ۾

پٽر ڪتن جي ڪري، دز ڦڦڙن ۾ ويٺي هيس، جنهن ڪري ٽي بيءَ جو اثر ٿي پيو هئس. جيڪي چار ڏوڪڙ ڪمائي آيو هو، سي علاج تي خرچي ڇڏيا هئائين. پر بيماريءَ ۾ ڪو فرق ڪونه پيو هئس. هڪڙي بيماري، ٻي بيروزگاري. ٻنهي ڪان چوٽڪاري جي ڪا واهه نظر ڪانه آيس ته هيڪاري مايوس ٿي بستري داخل ٿي ويو. جن يار دوستن کان اوڌر ڪنئي هئائين تن اهي پئسا ته سهسائي ڇڏيا هئا، باقي اڳتي جي لاءِ سائس دعا سلام به ختم ڪري ڇڏيائون. ڳوٺ وارا به ڪانئس ڏاڍا نٽائيندا آهن. هاڻي ته شادي مرادي تي به ڪيس ڪونه ڪوٺين....!

هڪ دفعو وري لامارا ڏيندڙ ڪانوَن ڏي ڏٺائين، جيڪي سڄي پاڙي جي پٽين ۽ ڇتين جي ڀيڙ ڀنن تي ٽولا ڪيو ويٺا هئا، پر سندس گهر جي پٽ ٽوڙي ڇت جي ڀيڙ ڀڃي تي ڪانءُ ته ڇا، ڪو پيو پکي به ڪونه هو. سوچيائين، 'انسان ته ڇا، پکي پکڻ به ڪائڻ جا يار آهن .... هيڏانهن آسرو ڪونه اٿن ته منهن ئي ڪونه ٽا ڪن.'

پنهنجي بيوسيءَ تي دل جهوري ڪاڻس. اکيون پوري اٿين ڳيت ڏنائين، ڇڻ ڪنهن اگريءَ دوا جو ڍڪ پيتو هجيس.

منو اکيون مهٽيندي، سندس اڳيان ڪان گذرندي، ڏٺي ڪان ٽورو هيٺ لهي، شلوار جو هڪڙو پانچو ستر ڏاڍين مٿي ڪٽي، ٻيٺي ئي ٻيٺي پيشاب ڪري، ڪٽي

ٻاهر پڳو .... ماٺس پوتڙو ڪٽي پنيان سڏ ڪيس:

”ابا ڏاڍو سيءُ آهي، ٻوڪي ٻڌي وڃ، رونشو ڪم ڪونه ايندئي.“

پر منو سندس سڏ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، ٻاهر نڪري ويو. ننڍڙو ٻالڪ، ٿڌيءَ ڪوسيءَ کان بينياز، وڃي هڪ جيڏن سان گڏيو. سونيءَ جعفر جي سامهون ويهندي چيو:

”عيد سڀوريءَ جو ٻيو ويلو ٻه هٿن مان پيو وڃي. گهر ۾ ٽڪو به ڪونهي، ڪيئن ڪم ٿيندو.“

جعفر گوڏا پاڪر ۾ جهلي، مراقبي وانگر ويهي، کيس ڏسندي چيو:

”عيدون سرنديءَ وارن لاءِ هونديون آهن سونل! اسان جهڙن لاءِ ته سڄو سال هڪجهڙو هوندو آهي، جنهن ۾ عيد نالي ڪا شيءِ ڪانهي.“

”اهڙي وائي نه وار! رب مالڪ آهي، هٿ پير هڻنديون ته عيد ٿي پوندي.“

”تنهنجو ته رڳو وات ٿو خرچ ٿئي پر ڏوڪڙ ته اٺين نٿا ملن.“

”هفتو ٿيو آهي جو تو سان متو پئي هڻان ته عيد مٿي ٿي بيٺي آهي، ڪو ٻلو ڪر. پر تو کي چاڙ، پاڻ سٽيپ ڪائين ڪونه، اسان ماءُ پٽن لاءِ تو کي کهڙو لاچار جو اوڌر ڪٽين.“

”اوڌر به ملي ته ڪٽان، پراون ماڻهن کان زوريءَ ته ڪونه ڪسي ايندس.“

تون ٻاهر نڪري ڪنهن ڪان گهري ته ڏس، اتان ڏي ٿو ملان سائين بخش وانگر فتويٰ ڏين.“

”ٻاهر به ويس ۽ ٻچڙو ٿي موٽي به آيس .... مون ڪي خبر هئي ته تون جند ڪونه ڇڏيندينءَ، لاچار ڪان ڪالهه وچينءَ مهل رڙهندو رڙهندو، مٺي وٽ دڪان تي وڃي نڪتس، ڏسندي ئي رڙ ڪيائين ته ’يار ڇنبهه رپيا ديندا دستي ڪاڻو ٿو وڃين، ايڏي ڪپت چڱي ڪانهي، انسان ۾ هزارين اميدون آهن.‘

دل ۾ چيم ڇڏيٿي ته وڃائي، پر هاڻي ڏسجي ٻاڪ ڪي .... چيو مانس، ’يار سچو آهين، ڏوهه تنهنجو ڪونهي، ڏينهن به گهٽا ٿيا آهن. پر آئون ٻنهه مولائي تي ويو آهيان، هڙ ۾ اٿم ڪونه، نه ته هوند اهو طعنو ڪونه ٻڌان ها. الله مالڪ آهي، ڏينهن ٻن ۾ پٽ سٽ ڪري توسان وهي ويندس. پر هينئر تو وٽ وڏي اميد ساري آيس. سانجهيءَ عيد آهي، گهر ۾ ٻچن لاءِ ڪجهه ڪونهي. ٿورو گهٽو عيد جو سيڌو ڏي، پوءِ جڏهن اٿ ترندو ته پيچ به تري پوندس.“

”پوءِ ڇا چيائين؟“

”ٻڌايانءِ ٿو، پر دم پٽڻ ڏي، هڦجي پيو آهيان.“

سوني سندس ڳالهه ٻڌڻ لاءِ آتي هئي. اکيون پوري، ٻه ٽي ٽڏا ساهه ڪڍي جعفر ٻيهر شروع ٿيو.

”ڳالهه ٻڌي، ڏيڍ ته ڏهيو، مڙس ماڳهين حياءُ شرم پٽڻ لڳو. چيو مانس- ’هائو ادا، ڇٽي وٽ جيڪي چوڏو

هجيئي .... چڱو ڀلو هجان ها ته اهي اڪر ٻڌي، ڪنڌ هيٺ ڪري ڪونه وڃان ها."

"مٺي وٽ وئين ڇو؟ هو ماڻهوءَ جو ته ڦرڻي ڪونهي، هرو ڀرو وڃي هلڪڙو ٿي آئين .... ان ڪان هوند ڪنهن چڱي ماڻهوءَ وٽ وڃين ها، جنهن ڪي ڪجهه حياءَ ته پئي ها."

جعفر مٿو لوڏي، سندس منهن ۾ نهاريندي چيو:

"چڱي ماڻهو جي به ٿو ٻڌايانءِ .... مٺي وٽان ٿي، ويس هيبت خان وٽ اوطاق ۾. ڪچهري نٽ لڳي پئي هجي. اهائي ڪتن جي ڪچهري، نه روزي نماز جي ڳالهه، نه خدا جو خوف ... اڃان سلام ڏيئي مس ورايم ته چيائين:

"يار گهر ڇڏي اوطاق اچي وسائي سون ته به پينارن مان جند نه ڇٽي!"

مون کي باهه وٺي وئي چيو مانس:

"هيبت خان هونش ۾ ته آهين. زبان سنڀالي ڳالهاءِ! تو ڪان ڪجهه گهريو تـه ڪونه اٿم جو 'پينار پينار' پيو ڪرين."

چيائين:

'ٺهيو، هاڻي گهڻو نه ڳالهاءِ ته ڪنگهه جو دورو پوندئي، ساهه نڪري ويندئي، اسين مفت ۾ ڦاسي ويندا سون.'

دل ۾ چيم، 'وڃي پؤ کڏ جي تري ۾. اهڙي خبر

هجيم ها ته تو ڏي منهن ئي ڪونه ڏيان ها.“
آڏون سور پي، مانڙي ڪري موٽي آيس.“
”هيبت خان ته ڳوٺ جو نئون نئون چڱو مڙس ٿيو آهي، ڪجهه ته حياءُ پئيس ها.“
”سونل، چڱو مڙس جيڪو هو، سو مري ويو، پوئتي ڪچڙ، ڪتا ڌاريو ويٺا آهن، تن کي ڪهڙي خبر ته غريبن سان چا ٿو وهي واپري.“
”توبهن توبهن ....! زمانو ته ڏس. ڏسٽا واسٽا ماڻهو به ڪهڙا نه پٿر ٿي ويا آهن .... نه خدا جو خوف، نه دوزڪ جو ڊپ.“
سوني مايوس ٿي، تڏو ساهه کڻي، وچي چلهه جي ڀر ۾ ويٺي، تس کڻي پاٽ ۾ چنڊيائين. جوئر جي هڪڙي ماني به مس مس ٿي .... سڄ ڪافي مٿي چڙهي آيو، سيءَ جو زور گهٽجي ويو. جعفر کٿو کڻي تڏو گهليندي اندر ويو. سونيءَ جوئر جي مانيءَ جو اڌ ڀڃي، ڳڙ جي ذري سان سندس اڳيان رکي، ۽ پاڻ جست جي ننڍڙي ٿالهيءَ ۾ لوڻ ۽ مرچن جو ذرو وجهي، پاڻي ملائي، چٽڻي ناهي، ان سان ماني جو چوٿو ڪاڏائين. ۽ بچيل چوٿو، دبڪيءَ ۾ وجهي، پاٽ جي هيٺان رکي ڇڏيائين ....
ڪيڏي مهل مَنو ڊوڙندو اندر آيو ۽ ماءُ جي پاسي ۾ ويهي رهيو. اٺن نون سالن جو غريباڻو ٻار، اگهاڙا پير مٿيءَ ۾ پيوت، اڻ ڌوتل منهن، مٿو اگهاڙو،

اٿيا وار، مليشيا جا ميرا ڪچرا، ريڙون ريڙون ٿيل ڪپڙا .... ماءُ جي گوڏ ڪي پاڪر پائي چيائين:
”امان، سڀني ٻارن نوان ڪپڙا پاتا آهن، مون کي ڇو ڪونه ڏنئي؟“
”پٽ، هن ڀيري ته ڳالهه ئي وسري ويئي، اسان پنهنجي لاءِ به ڪونه و تا آهن. اول خير، ٻيءَ عيد تي سڀ گڏجي نوان ڪپڙا پائينداسين. سمجهي وئين نه پٽ.“
منوءَ جي من ۾ اچا به ڪا ٻي ڳالهه هئي، جيڪا ٻڌائڻ لاءِ هوُ آتو هو. شايد اهو ئي سبب هو جو ماءُ جي ڳالهه ڪي نظر انداز ڪندي چيائين:
”امان، ولڻ سان گڏجي سندس گهر ويس. ولڻ جي ماءُ آهي نه، حاجاڻي چڳي، ان سيون پٽي ڪاڍيون. ولڻ کي به پاڻ سان گڏ ويهاريائين. مون کي ولڻ چيو، ’تون به اچ‘، خبر اٿئي حاجاڻي چڳي ڇا پٽي چئيس؟ چويس پئي، ’ڪتان وٺي آيو آهين لوسيءَ‘ کي، ڇڏينس ته وڃي پنهنجي گهر مري.“
منوءَ معصوميت مان ماءُ ڏي ڏسندي پڇيو:
”امان، آئون لوسي آهيان؟“
سونيءَ سندس مٿي تي شفقت جو هٿ ڦيرائيندي چيو:
”نه پٽ، تون منهنجو شهزادو آهين. لوسي ته اهي پاڻ آهن جيڪي توکي ٿا چون.“
جعفر ڏي منهن ڪري چيائين:

”ٻڍين ڀيو مائي چڱيءَ جا حال .... ٻچڙيوال آهي ته ٻه ڀين جي ٻچن تي ڪهل ڪانه ٿي اچيس.“
جعفر طنز ڪندي چيس:
”هن جو ڏوهه ڪونهي، ڀَر سال حج ڪري آئي آهي، رنگ ته اچا هاڻ ڪندي، تون ويهي ڏس.“
منوءَ، ماءُ جي اکين ۾ نهاريندي پڇيو:
”امان تو به سيون رڌيون آهن؟“
سونيءَ کي اڌين لڳو چڻ وڏيءَ اوچائيءَ تان ڪنهن ڌڪو ڏنو هجيس، ۽ هوءَ سرينهن جي ڪَڪي پن جيان وَتبي سٽبي، هيٺ ڪري رهي هجي ....!
منوءَ جواب طلب نگاهن سان ٽڪ ٻڌي ڪيس ڏسندو رهيو. سونيءَ واريءَ جي ذرن جيان وکريل حوصلي کي ميڙي چوندي گڏ ڪري، ڪيس گرانڙي پائي چيو:
”نه بابلا، مون جوئر جي ماني پچائي آهي.“
منوءَ جي منهن تي مايوسيءَ جا ڪڪر چانئجي ويا. هوُ ڪجهه به نه چئي سگهيو. سندس دل ونندي سونيءَ چيو:
”توکي جوئر جي ماني وڻندي آهي نه گيڙ سان؟“
منوءَ رڳو منهن کڻي ماءُ ڏي نهاريو. سندس ان نهار ۾ احتجاج ۽ محروميءَ جي جيڪا پيڙا هئي، تنهن سونيءَ جو سنڌ سنڌ جهوري ڇڏيو .... منهن ٻئي پاسي ڪري، پوتيءَ جي پلئه سان اکيون اگهي، پاٽ جي

هيٺان رکيل مانــي کڍي سندس اڳيان رکيائين، ۽ جاري ۾ رکيل ٺڪر جي ٻاريءَ مان اڌ ڇٽانگ جيڏو گڙ جو ڳوڙهو کڍي مانيءَ تي رکيائينس.

منوءَ ڏيکيءَ ۾ رکيل جوئر جي اٽيي مانيءَ جي چوٽي ۽ گڙ جي ذري ڏانهن ڏٺو ۽ وري ماءُ ڏي ڏسندي چيائين:

”امان، اڄ عيد آهي، تو سيون ڇو ڪونه رڌيون؟“

سونيءَ سوچيو، آخر ڪيستائين ٻار سان ڪوڙ جو ناٽڪ ڪيڏندي رهندي.... اها حقيقت، جا ڪڏهن نه ڪڏهن سندس سمجهه ۾ اچڻي ئي آهي، ڇو نه اڄ ئي ان جو اظهار ڪري ڇڏي. ڇو نه اڄ کيس ٻڌائي ڇڏي ته هو هڪ اهڙي خانـدان سان تعلق ٿو رکي، جنهن وٽ ٻيو ته ڇا، ڪاٺ لاءِ جوئر جي رُکي ماني به ايتري ڪانهي جو پيٽ ڀري کائي سگهي....!

ماءُ کي خاموش ڏسي منوءَ پنهنجو سوال ٻيهر پڇيو.

سونيءَ چيس:

”پٽ، سيون توڙي چانور خرچ ٿا گهرن. اسين غريب آهيون، ڏوکڙ ڪونهي. نه ته هوند پنهنجي سڪيلڌي کي لک بسم الله ڪري سيون ڪارايان ها.“

منوءَ حيرت ۽ مايوسيءَ وچان ماءُ ڏي ڏٺو. ۽ لاچار ٿي منهن هيٺ ڪري ڳراهه ڀڃندي پڇيائين:

”امان“

”جي پٽ.“

ابلوءَ جن به پيت رڌيو آهي، پلا اسين ابلوءَ جن
ن به گريب آهيون؟“

سونيءَ جي سيني ۾ چڙ کنهن برڇي وهائي ڪئي،
کيس توقع ڪانه هئي ته ڪو منو ايڏو حساس هوندو....
پريشان ٿي سوچڻ لڳي ته هاڻ معصوم کي ڪهڙو
جواب ڏي. منوءَ وري پڇيس:

”پڌاء نه امان، اسين ابلوءَ جن ڪان به گريب آهيون؟“

سونيءَ مٺل آواز ۾ سمجهائيندي چيس:

”پٽ، اڳي ته ڪونه هئاسين، پر هاڻي آهيون.“

منوءَ کي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي. تجسس مان پڇيائين:

”چو امان؟“

سونيءَ ڏاڍيءَ نرميءَ مان سمجهائيندي چيس:

”پٽ، ان ڪري جو ابلو ويچاري جو پيءُ مري
ويو آهي. هاڻي هنن کي ڳوٺ جا ماڻهو خيراتون ڏين
ٿا، ان ڪري اسان کان سکيا آهن. هُو سيون ڪائي
سگهن ٿا، نوان ڪپڙا به پائي سگهن ٿا.“

منو گراهه وات ۾ جهلي، حيرت ۽ معصوميت مان
ماءُ ڏي ڏسندي، ڪهڙي ڪن لاءِ مات ۾ اچي ويو ...۽
پوءِ گراهه چباڙيندي پڇيائين:

”امان، جڏهن بابا مري ويندو، پوءِ ماڻهو اسان کي
به خيرات ڏيندا؟“

سونيءَ پوري زور سان ڳل تي چماٽ وهائي ڪڍيس.
منوءَ جي وات مان گراهه ڪري پيو. هو ڳل کي

مهتيندي روئڻ ۾ پڏي ويو — پاسي ۾ هنائي زخمي نظرن سان منوءَ کي ڏڌر اوڏي چڏيائين.

سونيءَ جي دل مان مامتا جو جذبو جي سندوءَ جيان امالڪ اٿلي پيو ... ست ڏيئي منوءَ کي چڪي، سيني سان لڳائي، پاڻ به سڏڪن ۾ پڏي ويئي.

---


هرقسم جي ڇپائي جي ڪمن لاءِ
اسان جون خدمتون حاصل ڪريو
سوڀهن پرنٽنگ ۽ پبلشنگ ايجنسي
٢- ڪوٺڙي والا چيمبرس، (رسالہ روڊ)
جنرل هوش محمد شهيد روڊ، حيدرآباد سنڌ.
ملڻ جو ٽائيم: ٧ کان ٩ بجي رات
انچارج: محمد عيسيٰ سومرو

مهراڻ پبليڪيشن جي پهرين سوکڙي
روح سان راند
گهرائڻ لاءِ ائڊريس: مهراڻ پبلڪيشن
٤- زاهد منزل مٽياري. (قيمت: پنج رپيا)